ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد
جنوري 2018




## خوف ۽ خدشن ۾ گهيريل
## عوام کي 2018 ڇا ڏيندو....؟

# SUKKUR IBA UNIVERSITY

## FOUNDATION SEMESTER 2018

Sukkur IBA University offers admission in foundation semester 2018. This program is to enhance the academic skills of the students coming from diverse academic backgrounds.

**Following subjects will be taught in Six (6) Months Foundation Semester:**

**1. English** **2. Mathematics** **3. Information & Communication Technologies (ICT)**

**The students who secure a minimum CGPA of 2.2 in foundation semester will be offered admissions in regular programs:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| **BBA** (4 Years) | **BBA** (4 Years)<br>• Agribusiness | **BS** (4 Years)<br>• Accounting & Finance | **BS** (4 Years)<br>• Mathematics | **BS** (4 Years)<br>• Computer Science<br>• Software Engineering | **B.Ed** (Hons)<br>**Elementary/Secondary**<br>(4 Years) |
| **B.Ed**<br>2.5 Years<br>(Extension) | **B.Ed**<br>2 Years<br>(Extension) | **BE - Electrical Engineering**<br>**Specializations:** (4 Years)<br>• Power • Electronics • Telecommunication | | **BE** (4 Years)<br>• Energy Systems Engineering (Renewable) | **BE** (4 Years)<br>• Computer Systems Engineering |



**Semester Fee Rs. 40,000/-**
**(Including Books and Tuition Fee)**

**NOTE:**
Hostel facility is subject to availability

## IMPORTANT DATES

| Last Date to Apply | Admission Test | Classes from |
|---|---|---|
| **January 01, 2018** | **January 07, 2018** | **January 15, 2018** |

**For Eligibility Criteria and Admission:**
**http:\\admissions.iba-suk.edu.pk**

**Forms can also be downloaded from our website: www.iba-suk.edu.pk**

**Admission Office: SUKKUR IBA UNIVERSITY** Airport Road, Sukkur. **Ph:** 071-5644276, 5644219, 5644012
**UAN:** 071 (111-785-422) **Fax:** (071) 5804419 **Email:** admission@iba-suk.edu.pk

PID (H) 100239/17

# فهرست


ايڊيٽوريل ........................ 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر ٿي ........................ 05

**حالات حاضره**

پاڪ-روس لاڳاپا تاريخ جي تناظر ۾ ........................ ايم . عالم بروهي 06

سال 2017 ڇا ڏنو ڇا ورتو ........................ ڊاڪٽر ايوب شيخ 08

**سماجيات ۽ نفسيات**

ڪثرت تان وحدت ........................ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 13

خانگي اسڪول ۽ تعليم وٽج واپار ........................ شوڪت لوهار 16

حاڪماڻ سوچ جا منفي پهلو ........................ منظور ٿهيم 18

**2017 جو جائزو**

ڪمينٽس ........................ 20

**ٽريولاگ**

فرانسڪاٽي ۾ اڪائونٽ ڪولرائڻ ........................ اعجاز منگي 22

**انٽرويو**

اشرف سيان سان ڳالهه ٻولهه ........................ (منظور ٿهيم، ڊاڪٽر اشوٿاما، زاهده ابڙو) 23

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ ........................ ضراب حيدر 26

**ادب**

فيض ڪان فراز، امرتا ڪان اياز ........................ سڪندر عباسي 29

صوفي لا ڪوفي شاهه عبداللطيف ۽ شيخ اياز ........................ گل محمد عمراڻي 31

آمريڪا کي آزادي ڏياريندڙ ڪتاب ........................ يوسف سنڌي 32

**اکري سئو وکري**

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........................ 33

**سوشل ميڊيا ڊيسڪ**

سوشل ميڊيا ........................ همسري 34

**ڊسٽرڪٽ رپورٽس**

ڊسٽرڪٽ رپورٽس ........................ لطيف گاد، سيما عباسي، همسري 35

**ڪهاڻيون**

ماءُ جو دلاسو ........................ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 38

مختصر ڪهاڻيون ........................ شگفته شاهه ۽ راشد شر 40

**ڪتاب تي تبصرو**

خالي هنج جو ڏک ........................ زاهده ابڙو 41

**پينٽنگ** ........................ محمد چام ڏيپر 42

**شاعري** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........................ 43

**پروفائل**

ڪامريڊ محمد خان احمداڻي ........................ زمان جمالي 45

**سنڌ جو ٽيلينٽ**

محمد بخش بلوچ ........................ قمر ٽڳڙ 46



Regd. No: 3160

ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED



مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
شفيق جسڪاڻي

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽڳڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڇپر برادرز



آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com



Volume: 04
Number: 01
January, 2018
Regd. No: 3160 Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ايڊيٽوريل

# 2018 ۾ عوام جو فيصلو ڇا هوندو..؟

2017 سنڌ جي ماڻهن کي ڇا ڏنو؟ اهو هڪ سوال آهي جنهن کي جاچڻ سان اسان کي خبر پوندي ته سنڌ ۾ سڄو سال ڇا وهيو ڇا واپريو. ڪنهن به معاشري ۾ ڪجهه انڊيڪيٽرز اهڙا هوندا آهن جيڪي ترقيءَ يا تنزليءَ ڏانهن اشارو ڪندا آهن. ان ۾ تعليم، صحت، ادارن جي مضبوطي ۽ امن امان جي صورتحال شامل هوندا آهن. گذريل چئن سالن جي مقابلي ۾ سنڌ جي صورتحال ۾ ڪا گهڻي تبديلي ته نظر نه آئي پر چئي سگهجي ٿو ته امن امان جي صورتحال کي رينجرز ڪراچيءَ جي حد تائين ضابطي هيٺ آڻڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. ان کان علاوه سنڌ جي اسڪولن ۾ به هاڻي ڪنهن حد تائين ڪم شروع ٿيو آهي ۽ ان ۾ بهتري آڻڻ لاءِ اڃان تمام بهتر حڪمتِ عمليءَ جي ضرورت آهي. صحت جي ميدان ۾ به سنڌ سرڪار جي ٿوري گهڻي سنجيدگي نظر اچي رهي آهي جنهن ۾ BHU کان وٺي تعلقي سطح تي اسپتالن کي بهتر بنائڻ جو ڪم ته ٿيو آهي پر اهو ايترو ته سست آهي جو ان جا نتيجا اڃان اسان عملي حد تائين محسوس نه ڪري سگهيا آهيون. سنڌ سرڪار هن وقت ضرور ڪجهه قدم اهڙا کنيا آهن جن کي ساراهي سگهجي ٿو جنهن ۾ (نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪيولر ڊزيز) NICVD جي هيٺ حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان ۽ لاڙڪاڻي ۾ سيٽلائيٽ NICVD سينٽرن جو افتتاح ڪيو ويو آهي، جيڪو دل جي مريضن لاءِ هڪ تسلي بخش قدم آهي ۽ سنڌ جي عوام لاءِ هڪ وڏي خوشخبري آهي. ان کان علاوه ايڪيهين ڊسمبر تي سنڌ سرڪار 5000 نون استادن کي ڀرتي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جيڪو هڪ سٺو قدم آهي پر ان کي ميرٽ سان نه ڳنڍيو ويو ته ان جا نتيجا اڳتي هلي سيني کي ڀوڳڻا پوندا. ان کان پهرين به NTS جا پاس ڪيل اميدوار نوڪريءَ جي آرڊرن جي انتظار ۾ ويٺل آهن. نه رڳو ايترو پر احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سنڌ حڪومت جي بار بار تشدد جو نشانو بڻجي رهيا آهن. حڪومتون چوندجي اچڻ کانپوءِ ترت اصلاحاتي ۽ ترقياتي پروگرامن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏينديون آهن ته جيئن سندن ڪارڪردگي عوام کي نظر اچي ۽ انهن بنيادن تي عوام کين ٻئي مدي لاءِ چونڊيندي آهي. سنڌ ۾ حڪومت اسان کي چار سال تمام سستيءَ سان ڪم ڪندي نظر آئي پر هاڻي جڏهن نواز شريف جي نااهليءَ جي اعلان کانپوءِ سياسي جلسا ۽ جلوس شروع ٿيا ۽ هڪ اهڙو ماحول جڙي ويو آهي جنهن سان ملڪ ۾ هر طرف ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ ته اليڪشن مهم هلائي پئي وڃي. چار سال سنڌ ۾ ڪي به اهڙا ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيا جن کي سنڌ سرڪار جي ڪريڊٽ تي ياد ڪري سگهجي. جيئن ته ڪراچي هڪ ميٽرو پوليٽن شهر آهي ان ۾ بين الاقوامي سطح جون سفري سهولتون هجڻ گهرجن، سرڪلر ٽرين هجڻ گهرجي، ميٽرو بسون ۽ ان ڪانسواءِ به اعليٰ معيار جون سفري سهولتون هجڻ گهرجن جنهن ۾ اتان جو پورهيت ۽ شاگرد آرام سان سفر ڪري سگهي پر سنڌ حڪومت ڪراچيءَ کي ڪجهه به نه ڏيئي سگهي نه پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ نه ئي سفري سهولتن لاءِ ڪي جوڳا پراجيڪٽ.

سنڌ ۾ خاص طور تي سيني ترقياتي ڪمن کي آخر ۾ اهڙي وقت پورو ڪيو ويندو آهي ڄڻ عوام کي يقين ڏيارڻ ۽ سندن ياداشت ۾ ويهارڻ لاءِ ڪم ڪيا ويندا آهن. حڪومتن جي ڪارڪردگي ٿوري هجي يا گهڻي وقت آهر هجڻ کپي. سنڌ جو عوام صاف پاڻيءَ جي لاءِ پريشان آهي، وڏن شهرن کان وٺي ننڍن شهرن تائين گدلي پاڻيءَ جي سپلاءِ سنڌ واسين کي صحت جي انيڪ مسئلن جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي. جنهن کي هنگامي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ماحوليات جي گدلاڻ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي، حيدرآباد جهڙي وڏي شهر ۾ روز جي بنياد تي ڪچري کڻڻ جو بندوبست ناهي ٿيل. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته نئين قيادت وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي اچڻ کانپوءِ به اهي شيون بهتر نه ٿي سگهيون جن جي عوام کي تمام گهڻي اميد هئي. ٿر ۾ اڃان تائين نوان ڄاول ٻار موت جو شڪار ٿي رهيا آهن، ڇو ته سندن مائرن جي خوراڪ غذائيت کان خالي آهي. ڇا ان لاءِ ڪا حڪمت عملي تيار نٿي ٿي سگهي. WHO سان گڏجي اهڙي قسم جا ڪي بسڪيٽ يا خشڪ کاڌا تيار ڪري سگهجن ٿا جيڪي انهن حاملا عورتن کي ڏنا وڃن ته جيئن انهن جي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار کي مڪمل غذائيت مهيا ٿي سگهي. ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ اميرن جي اولاد هٿان عوام قتل ٿي رهي آهي ۽ سنڌ حڪومت غريب جي پٺڀرائي ڪرڻ بدران انهن طاقتور ماڻهن جي پٺيان بيٺل نظر اچي ٿي. سنڌ پ پ جو قلعو آهي جيڪڏهن ان جي پاڙن ۾ هو پاڻ لوڻ جو پاڻي هاريندي ته ضرور قلعي جون ديوارون ڪمزور ٿي ڪيس خطرن آڏو نروار ڪنديون. هاڻي ته وٽس وقت به تمام گهٽ آهي 2018 جي اليڪشن ۾ عوام ڏسون ته مٿس وري اعتماد ڪري چونڊي ٿي يا پنهنجو فيصلو ڪن ٻين سياسي ڌرين جي حق ۾ ٿي ڏئي.

پارٽيون هن وقت مختلف دعوائون ڪري رهيون آهن ڪي ترقياتي ڪمن جون دعويدار آهن ته ڪي عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ جون. ڏٺو وڃي ته پاڪستان ۾ برادريءَ جي بنياد تي اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ جو رجحان تمام گهڻو موجود آهي. 2018 ۾ به عوام برادري ۽ سرداريءَ جي اثر هيٺ پنهنجي ووٽ کي استعمال ڪندي يا وري کين سياسي ڌرين طرفان مليل عوام لاءِ فلاحي ۽ ترقياتي پروگرام متاثر ڪندا جنهن سان سندن مستقبل تبديل ٿي سگهي ٿو.



# همسري ۾ همسفر تي آءُ وڻديون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## منور علي "منور" کيهر/ڳوٺ آگاٽي لاڙڪاڻو

محترم ايڊيٽر صاحب: همسري هن وقت ڪاميابيءَ ۽ آس اميد سان اڳتي وڌي رهيو آهي. ماهوار ڊسمبر 2017 جا ھڙئي سلسلا سٺا آهن. تفصيلي خط ڪونہ پيو لکان، تفصيلي خط لکڻ سان هڪ تہ سڄو خط شايع نٿو ٿئي ۽ وري وڏو خط هجڻ جي ڪري منهنجي ڪا تخليق شايع نٿي ٿئي. ہ مختصر ڪهاڻيون ۽ هڪ بيت موڪلي رهيو آهيان اميد تہ منهنجون تخليقون شايع ڪري مان مٿانهون ڪندا.

******

## عنايت الله نهڙيو/مٺي ٿرپارڪر

محترم ايڊيٽر صاحب: معمول جيان ادبي گلدستو همسري پوسٽ ذريعي مليو، مئگزين جي سٺاءُ مئگزين جي سونهن کي وڌايو. ايڊيٽوريل هميشہ جيان جاندار هو، مضمون، ٽريولاگ ۽ انٽرويو بہ بهترين هئا. همسري جي لکيل علامہ آءِ آءِ قاضي جي پروفائل ۾ هڪ غلطي ڏسڻ ۾ آئي جنهن ۾ سائين جي ايم سيد ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي جي خطن واري ڪتاب جو نالو ساڻيهہ جا سينگار لکيل هو پر مذڪوره ڪتاب جو نالو ساهڙ جا سينگار آهي. شاعري واري پاڱي ۾ دوستن سٺو لکيو آهي پر منهنجي همعصر شاعر دوست معصوم سوندرائي جي ڇپيل غزل جي هڪ سٽ ۾ فني خامي نظر آئي هي سٽ "تنهنجي واٽ تان گذران بہ چو" غزل جي وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن تي پوري ناهي جنهنڪري غزل جي رڌم متاثر ٿي آهي. هي سال جو آخري شمارو هو، اوهان جي سڄي ٽيم کي نئين سال جون واڌايون ۽ دعا آهي تہ همسري جو نئين سال جو سفر بہ ايئن ئي ادب جي خدمت سان روان دوان هجي.

******

اسان توهان سڀني پڙهندڙ کي همسري جي ويب سائيٽ وزٽ ڪرڻ جي دعوت ٿا ڏيون مهرباني ڪري پنهنجي قيمتي فيڊ بيڪ سان نوازيندا. مشورو ڏيڻ لاءِ هيٺ ڏنل اي ميل تي ميل ڪندا.

اي ميل ايڊريس: humsari.sindh.pk@gmail.com

ويب سائيٽ: www.humsari.com

# 2018

**January**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | 31 | | | |

**February**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | | | |

**March**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 |

**April**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | | | | | |

**May**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 |
| 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 |
| 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 |
| 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 |
| 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | | |

**June**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | 1 | 2 |
| 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 |
| 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 |
| 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 |

**July**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 |
| 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 |
| 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 |
| 29 | 30 | 31 | | | | |

**August**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | 1 | 2 | 3 | 4 |
| 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 | 18 |
| 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 | 25 |
| 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | 31 | |

**September**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |
| 30 | | | | | | |

**October**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |
| 7 | 8 | 9 | 10 | 11 | 12 | 13 |
| 14 | 15 | 16 | 17 | 18 | 19 | 20 |
| 21 | 22 | 23 | 24 | 25 | 26 | 27 |
| 28 | 29 | 30 | 31 | | | |

**November**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | 1 | 2 | 3 |
| 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 11 | 12 | 13 | 14 | 15 | 16 | 17 |
| 18 | 19 | 20 | 21 | 22 | 23 | 24 |
| 25 | 26 | 27 | 28 | 29 | 30 | |

**December**

| Su | M | Tu | W | Th | F | Sa |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | 1 |
| 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 9 | 10 | 11 | 12 | 13 | 14 | 15 |
| 16 | 17 | 18 | 19 | 20 | 21 | 22 |
| 23 | 24 | 25 | 26 | 27 | 28 | 29 |
| 30 | 31 | | | | | |

# سڀني پڙهندڙن کي نئين سال جون واڌايون

حصو ٻيون

# پاڪ- روس لاڳاپا تاريخ جي تناظر ۾

**ايم. عالم بروهي**
**اڳوڻو سفير**

مارچ 1949ع ۾ قائد اعظم جي وفات ڪانپوءِ قانون ساز اسيمبلي لياقت علي خان جي سربراهيءَ ۾ "آبجيڪٽو ريزوليوشن" ڪي ان جي مهاڳ طور آئين جو حصو بڻايو جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. ڪميونسٽ پارٽيءَ جا ڪيترائي رهنما جن ۾ فيض احمد فيض بہ شامل هو جن جي تمام باريڪ بينيءَ سان جاچ ڪري کين 1950 ۾ "راولپنڊي سازش ڪيس" تحت راولپنڊي جيل اماڻيو ويو. سوشلسٽ بلاڪ سان نظرياتي دشمنيءَ جي بنياد تي پاڪستان ۽ سوويت يونين جا ٻطرفا لاڳاپا متاثر ٿيندا رهيا. انهيءَ جي جاءِ تي اسان جو نظرياتي رشتو مسلم بلاڪ سان ويجهو رهيو جيڪي تبديليءَ ڪي گهڻو پسنديدگيءَ جي نظر سان نہ پيا ڏسن ۽ ان سان گڏوگڏ آمريڪا جو همدرداڻو رويو ۽ اسان جي مالي ۽ سلامتيءَ وارن مسئلن اسان کي مجبور ڪيو تہ مغرب جي اتحاد ۾ شامل ٿي وڃون ۽ اهو ئي سبب هو جو 1950 ۾ لياقت علي خان واشنگٽن جو دورو ڪيو. ان ڪانپوءِ لياقت علي خان کان وٺي آخري وزيراعظم فيروز خان نون تائين جيستائين آڪٽوبر 1958ع ۾ جنرل ايوب خان مارشل لا لڳايو، تيستائين اسان سوويت يونين سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ لاءِ سوچيو ئي ڪونہ. اسان ڪلم ڪلا SEATO ڪميونسٽ مخالف ڌرين سان اتحاد ڪيو ۽ سينٽرل ٽريٽي آرگنائيزيشن ۾ شامل ٿياسين. آمريڪا سان ميچوئل ڊفينس اسسٽنس ايگريمينٽ تي صحيحون ڪيون، جنهن سان ميچوئل اسسٽنس ايڊوائزي گروپ (MAAG) جي لاءِ راهہ هموار ٿي. انهيءَ ڪانپوءِ اسان جي ملٽري ۽ سول آفيسرن لاءِ آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن جي ادارن ۾ تربيت ۽ آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن کان ملٽري هٿيار خريد ڪرڻ جو موقعو مليو.

1954ع کان پاڪستان جي پرڏيهي ۽ گهريلو پاليسين تي آمريڪا جو اثر رسوخ پنهنجي عروج تي پهتو. ان وقت جي صدر جي سيڪريٽري قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب "شهاب نامہ" ۾ لکيو آهي تہ آمريڪي ڊپلوميٽس پاڪستان جي سينئر سويلين آفيسرن ۽ ملٽري آفيسرن کي کلي عام دڙڪا ڏيندي نہ گهٻرائيندا هئا. اسڪندر مرزا پهرين گورنر جنرل ۽ پوءِ صدر جي حيثيت سان ان وقت جي ڊفينس جي منسٽر ايوب خان جي مدد سان پاڪستان کي آمريڪا جي تمام گهڻو ويجهو آندو ۽ ان جي زور پرڻ تي اسڪندر مرزا آمريڪا کي جاسوسي وارو اڏو ڏنو. ايئر مارشل اصغر خان پنهنجي ڪتاب"We Never Learned from History" ۾ لکيو آهي تہ صدر اسڪندر مرزا کي ايوب خان کان وڌيڪ ان ڳالهہ جو يقين هو تہ پاڪستان جو مستقبل مغرب سان سلهاڙيل آهي، هن هميشہ آمريڪا کي پنهنجو مضبوط ساٿي تصور ڪيو. هن ڪڏهن بہ پاڪستان ۽ آمريڪا جي مفادن جي وچ ۾ لڪير ڪڍڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي. آخرڪار 1959ع ۾ آمريڪا جي خواهش مطابق ملڪ جي آئين کي معطل ڪيو ويو ۽ مارشل لا لڳائي وئي ۽ اصغر خان جي مطابق آمريڪا ۽ برطانيہ ان ڳالهہ جي حق ۾ نہ هئا تہ ملڪ ۾ جنرل اليڪشن ڪرايا وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ اهڙي صورتحال پيدا ٿي جو اسان جا سوويت يونين سان لاڳاپا بي معنيٰ ٿي پيا.

1955ع ۾ وزير اعظم شهيد حسين سُهروردي جيتوڻيڪ هو هڪ ترقي پسند سياستدان هوندي بہ پشاور کان 10 ڪلو ميٽر پري "بڊابير" ۾ آمريڪي اڏي کي قائم ٿيڻ کي روڪي نہ سگهيو. حالانڪ ان وقت سوويت يونين جي وزيراعظم نيڪولائي بلگينين شهيد حسين سُهرورديءَ کي پاڪستان ۾ نيو ڪليئر ٽيڪنالاجيءَ جي پرامن استعمال جي قيام لاءِ فراخ دليءَ سان آڇ ڪئي هئي. پاڪستان جي مغرب سان ملٽري اتحادي هجڻ جي نتيجي ۾ اهو پهريون پيرو هو جو پاڪستان کي ان اڻوڻندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو. ان سڄي صورتحال ۾ پاڪستان نہ چاهيندي بہ ٻن وڏين طاقتن جي وچ ۾ هڪ ڌر طور اڀري آيو. آمريڪا جا U-2 جهاز سوويت يونين جي زميني، فضائي ۽ انٽيليجنس معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ جاسوسي ڪرڻ لڳا. مئي 1960ع ۾ هڪ U-2 جهاز کي سوويت يونين ايئر ميزائل ذريعي تباهہ ڪري ڇڏيو. ان جهاز جو پائلٽ "گيري پاور" جهاز مان ٻاهر ٽپ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ سوويت يونين جي هٿ چڙهي ويو. پهريائين تہ آمريڪا ان ڳالهہ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ان جي باوجود بہ سوويت رهنما نڪيتا خروشوف يونائيٽيڊ نيشن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ ڏاڍي ڪاوڙ ۽ "بي رحميءَ سان ميز کي پنهنجي جوتي سان ٺوڪيندي چيو تہ آمريڪا ان سڄي ڪارروائيءَ کان باز اچي وڃي ۽ پاڪستان کي ڌمڪي ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي ان ميزبانيءَ تان هٿ نہ ڪنيو تہ اسان پشاور کي بم سان اڏائي ڇڏينداسين ۽ ان کي مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏينداسين."

آخرڪار جڏهن سوويت يونين سينٽرل انٽيليجنس پائلٽ گيري پاور سوڌو، جنهن جهاز مان تصويرون ڪڍيون هيون ۽ سوويت يونين جي زمين مٿان جاسوسيءَ جي سيني ثبوتن سوڌو گرفتار ڪيو ويو هو. ان وقت جي آمريڪي صدر ڊي. ايسنهاور وٽ ٻيو ڪو بہ رستو نہ بچيو هو تہ هو پنهنجي ملڪ جي جاسوسي واري عمل کي قبول ڪري. جنرل ڪي. ايم عارف پنهنجي ڪتاب "خاڪي شيڊوز" ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ پاڪستان جي ليڊرشپ کي ڏوڪي ۾ رکيو ويو، اهو ليڪڪ جو هڪ معصومانہ انداز آهي. ليڪڪ چوي ٿو تہ "پاڪستان ڏوکي ۾ اچي ويو ڇو تہ آمريڪا کيس ان سڄي معاملي کان اونداهيءَ ۾ رکيو ۽ ان خفيہ جاسوسيءَ جي باري ۾ پاڪستان کي ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي تہ سندس حدن مان آمريڪا اهو سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهي." ان واقعي ڪانپوءِ جلد ئي پيرس ۾ ايسٽ ويسٽ سمٽ ٿي گذري ۽ ٻنهي عالمي طاقتن جي وچ ۾ ڪافي رتوڇاڻ ٿيو ۽ جاسوس پائلٽ کي ٻہ سال جيل ۽ ڏهہ سال سخت پورهئي جي سزا ٻڌائي وئي. بهرحال پوءِ کيس ٻن سالن اندر 1962ع ۾ آزاد ڪيو ويو.

ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو ان وقت قدرتي وسيلن جو وزير هو، 1960ع ۾ ڊسمبر جي سخت سياري ۾ پهريون ڀيرو پنهنجو وفد ماسڪو وٺي ويو ۽ مثبت نتيجا حاصل ڪندڙ لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ ماسڪو ڏانهن پهرين وک وڌائي. سوويت يونين ڀٽو صاحب کي نهايت ئي گرم جوشيءَ سان ڪيڪاريو. جيتوڻيڪ سندن ڪجهه ڳالهيون تمام سخت به هيون پر ان هوندي به سوويت يونين پاڪستان سان معاهدو ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي دلچسپي ڏيکاري. ذوالفقار علي ڀٽو سندن سخت ڳالهين کي عجيب و غريب نموني سان ڊيل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سفير آغا هلالي پنهنجين يادگيرين ۾ لکي ٿو ته ڳالهين ٻولهين جي ٽئين ڏينهن تي ڀٽو پنهنجي وفد جي سڀني ميمبرن کي هدايت ڏني ته پنهنجو سامان ٻڌي پنهنجا سوٽ ڪيس ڪمري کان ٻاهر در تي رکي ڇڏين. يقينن اها ڳالهه سوويت انٽيليجنس ٽيم پنهنجي سوويت ٽيم تائين رسائيندي ته پاڪستاني ٽيم اهڙين سخت شرطن کي مڃڻ کان هٽين خالي پاڪستان موٽڻ کي ترجيح ڏئي ٿي. ان حڪمتِ عملي واقعي به ڪم ڪري ڏيکاريو. ان ڏينهن سوويت رهنمائن جي شرطن ۾ نرمي ڏسڻ ۾ آئي ۽ پاڪستان جي گهرجن کي پوري ڪرڻ لاءِ حامي ڀري وئي. سوويت رهنمائن 120 ملين روبيلز جي مالي معاونت جي حامي ڀري ۽ ان ڳالهه لاءِ به حامي ڀري ته سوويت يونين جي هڪ سائنسدانن ۽ جيالاجسٽن جي ٽيم پاڪستان ايندي جيڪا پاڪستان حڪومت جي تيل ۽ گئس جي ڳولا ۾ مدد ڪندي. انهن بلوچستان ۾ گئس جي هڪ وڏي فيلڊ ڳولي لڌي پر تيل نه ڳولي سگهيا. سوويت رهنما نڪيتا خروشوف تمام سرهو ٿي لڳو ۽ پاڪستاني وفد جي مان ۾ هڪ آجياڻو رکيائين. سفير هلالي هڪ سينئر سوويت آفيشل جي ڳالهه ڪندي لکي ٿو ته هن ڀٽو لاءِ ريمارڪس ڏيندي چيو "توهان جو وزير نوجوان آهي پر انتهائي دانشمند" جنوري 1961ع ۾ جڏهن اهو معاهدو طئي ٿيو هو ته ان وقت ڀٽو پنهنجي زندگيءَ جي ٽيٽيهين بهار ۾ داخل ٿيو هو.

1965 اپريل کان مئي تائين پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ رڻ ڪڇ جي مسئلي تي حالات تمام گهڻا خراب ٿي ويا. پاڪستان ڀارت جي ڪنهن به فوجي حملي جي ممڪنه صورتحال سان مقابلو ڪرڻ لاءِ زميني فوج کي آمريڪي پيٽن ٽينڪون ڏيئي ان علائقي ڏانهن اماڻي ڇڏيو. ڀارت جي اشاري تي آمريڪا پيٽن ٽينڪن جي اهڙي استعمال تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ انهن ٽينڪن جو ڀارت خلاف استعمال ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ چيو. آمريڪا اها خواهش ڏيکاري ته پاڪستان اهو اسلحو ڀارت خلاف استعمال نه ڪري اهو اسلحو ڪيس سندس بچاءُ لاءِ ڏنو ويو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڪميونسٽ طاقت طرفان ڪيس ڪو خطرو سامهون اچي. هڪ سپر پاور ۽ هڪ ترقي ڪندڙ ملڪ جي وچ ۾ وڌندڙ ناتن جو منفي پهلو ان سڄي صورتحال مان پڌرو ٿي ويو. پاڪستان مٿان وڏيڪ دٻاءُ وجهڻ لاءِ آمريڪي صدر جانسن صدر ايوب سان ملاقات ۽ پاڪستان جي دوري کي به ڪينسل ڪري ڇڏيو. نه رڳو ايترو پر تجارتي هلڪن جي رٿيل هڪ گڏجاڻي جنهن جي ذريعي پاڪستان جي ترقيءَ لاءِ پنجن سالن جي رٿا لاءِ فنڊ به مهيا ڪرڻا هئا اها به رد ڪئي وئي. ان قسم جو رويو پاڪستاني اڳواڻن لاءِ تمام گهڻو شرمندگيءَ جو سبب بڻيو. ان وقت پرڏيهي وزير جناب ذوالفقار علي ڀٽي جنرل کي صلاح ڏني ته اهڙي غير تسلي بخش ساٿ کي ضروري آهي ته سوويت يونين طرفان هٿيارن جي رسد لاءِ ٿيل آڇ کي قبوليو وڃي ته جيئن تعلقات کي توازن ۾ آڻي سگهجي. ڀٽو کي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي ته ڀاڊ گورني ۽ ڪوسيجن سميت سوويت اڳواڻ جنرل ايوب خان سان دوستي رکڻ ۽ کيس مغربي اتحاد کان الڳ ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا. ڀٽو صاحب ٿُرت ئي سوويت سفير سان رابطو ڪيو ۽ ايوب خان جي ماسڪو جي دوري جو بندوبست ڪيو ۽ آخر ۾ گڏيل پريس رليز جاري ڪئي وئي. جنهن ۾ جمون ۽ ڪشمير جي مسئلي تي به پاڪستان جي موقف جي حمايت ڪئي وئي. ڪشمير جي مسئلي تي سوويت يونين جي اڻ سڌي حمايت هئي جنهن ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن ۽ پنهنجي لاءِ خود مختياري حاصل ڪندڙن جي حمايت هئي. ايئن ڪجهه سالن جي اندر پاڪستان ۾ سوويت هٿيارن جي رسد شروع ٿي وئي.



آمريڪا ۽ برطانيه جي مداخلت کانپوءِ ڀارت سان هلندڙ 1965ع واري جنگ جو خاتمو ٿيو. آمريڪا پاڪستان مٿان اهو الزام لڳائيندي ته هن آمريڪي هٿيار ڀارت خلاف استعمال ڪيا آهن ڪجهه پابنديون به مڙهيون. آمريڪا ۽ برطانيه ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ثالثي ڪرائڻ لاءِ به راضي نه هئا. ان وقت جي سوويت وزير اعظم ڪوسيجن ۽ پرڏيهي وزير گروميڪو اها ذميداري کڻندي تاشقند ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرائڻ لاءِ ميزباني قبولي. ائين ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تاريخي پيڪٽ ٿيو. ان پيڪٽ کانپوءِ صدر ايوب خان ۽ پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽو جي وچ ۾ ويڇا تمام گهڻا وڌي ويا. ان پيڪٽ کانپوءِ ايوب خان هڪ ڪمزور ليڊر طور سامهون آيو ۽ نيٺ آمريڪا جي اشاري تي کيس گهر اماڻيو ويو. ايوب خان پنهنجي دور حڪومت ۾ باقي سالن تائين هڪ ڪمزور حاڪم طور نظر آيو جنهن جي حڪومت تان گرفت ڪمزور ٿيندي وئي ڇو ته آخر ۾ عوامي احتجاجن سندس صحت تي به تمام خراب اثر وڌو. جيئن ئي ذوالفقار علي ڀٽو پرڏيهي وزارت کان ڌار ٿيو، پاڪستان ڀيهر آمريڪا جي گرفت ۾ اچي ويو. ...... (هلندڙ). **نوٽ: (هي آرٽيڪل انگريزي ۾ لکيل آهي جنهن کي زاهده ابڙو ترجمو ڪيو آهي.)**



alambrohi@yahoo.com

# سال 2017 ڇا ڏنو ڇا ورتو!

ڊاڪٽر ايوب شيخ

ڪنهن ڪان اُمالڪ پڇجي ته 2017ع جون خاص ڳالهيون ڪهڙيون هيون جيڪي عالمي ۽ ملڪي ليول تي سڀ ڪان وڌيڪ اهم ۽ معنيٰ خيز هيون ته جواب ڏيندڙ بنا دير صدر ڊونالڊ ٽرمپ، پاڪ چين راهداري جي هلندڙ اڏاوت، مائينس چار فارمولا، وزيراعظم نواز شريف، آدمشماري، ڪراچي لانڊري هائوس، پاڪ فوج جي سربراهه جي سينيٽ ۾ اهم ملاقات، سنڌ ۾ سيد مراد علي شاهه جي ترقياتي ڪمن ۾ تيزي، فيض آباد اسلام آباد جو ڌرڻو ۽ وفاقي وزير قانون زاهد حامد جي استعيفيٰ ۽ ملڪ مان لڏي وڃڻ، پاڪستاني رپئي جو قدر گهٽجڻ ۽ ڊالر مهانگو ٿيڻ ۽ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ دهشتگردي جا واقعا خاص خاص ڳالهيون آهن.

**مائينس چار فارمولا:**

الطاف حسين

آصف علي زرداري

ميان نواز شريف

عمران خان/جنرل پرويز مشرف

اها اهم ڳالهه رهي ته نمبر 1 کي ڪڍڻ لاءِ باقي سڀ راضي هئا، نمبر 2 کي مائينس ڪرڻ لاءِ 3 ۽ 4 راضي هئا. 3 کي ڪڍڻ لاءِ 1، 3 ۽ 4 راضي هئا. جڏهن ته 4 کي ڪڍڻ لاءِ به راضي هئا ته به ناراض. هڪ خيال هي رهيو ته 2 نمبر کي عارضي بنيادن تي گهرائي مدد واسطي سڏايو ويو. ڪم لٿو ڪاڳر ڦاٽو وانگر وري ڳالهه 1 کان شروع ٿيندي.

**ميان محمد نواز شريف:**

پاڪستان ۾ نوازليگ لاءِ هي سال ڳرو سال ثابت ٿيو. ان سال 28 جولاءِ تي وزيراعظم ميان محمد نواز شريف کي تاحيات نااهل ڪيو ويو. سندس جاءِ تي شاهد خاقان عباسي کي نواز ليگ پاران نامزد ڪري وزارت اعظميٰ لاءِ چونڊيو ويو.

ميان محمد نواز شريف 1977ع کان سياست جي ميدان ۾ لٿل آهي. هن جي پهرين پارٽي تحريڪ استقلال هئي، جنهن مان استعيفيٰ ڏيئي هو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو هو. 1981ع ۾ ڪيس جنرل ضياءالحق جي ويجهڙائپ ملي چڪي هئي، جنهن ڪيس خزاني جو صوبائي وزير، پوءِ وڏو وزير بڻايو. ٽي دفعا وزيراعظم رهندڙ ۽ ٽئي پيرا مدو پورو نه ڪندڙ ميان محمد نواز شريف (سعودي عرب سان ٺاڪڙي سبب) جنرل پرويز مشرف ڪيس گهر ڀاتين سميت 10 ورهين لاءِ 2002ع ۾ ٻاهر موڪليو. جنهن کي هن پاران جبري جلاوطني جو نالو ڏنو ويو. پنجن ورهين ڪانپوءِ 2007ع ۾ هن پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرپرسن محترمه بينظير ڀٽو سان "ميثاق جمهوريت" نالي سان معاهدو ڪيو ۽ اقتدار جا شرط پيٽيا. 2007ع ۾ هو پاڪستان واپس آيو. 2008ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي ملندڙ سرڪار سان اتحاد ڪيو. جيڪو ٻن ورهين ڪان پوءِ ٽٽي ويو. 2013ع جي چونڊن ۾ نواز ليگ کي مرڪز، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ سرڪار ٺاهڻ جو موقعو مليو. 4 جون تي مدي پوري ٿيڻ کان 11 مهينا اڳ 28 جولاءِ تي ڪيس سپريم ڪورٽ پاران "پاناما ڪيس" هلندي ان ۾ ظاهر ٿيندڙ "اقامي" جي بنياد تي نااهل ڪيو ويو.

ميان نواز شريف پنهنجي اڳواٽي بچائڻ لاءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان اهو بل پاس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو، جنهن ۾ قانون سازن چيو ته "ڪوبه عدالت پاران سزا ڪاڌل پڻ پارٽي سربراهه ٿي سگهي ٿو" نواز ليگ جي سربراهه جي عدالتي نااهلي ڪانپوءِ ڪيس پارٽي عهدي تان نااهل ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ٿيل آهي.

**مريم نواز شريف جي باري ۾:**

نواز شريف جي نياڻي مريم نواز سياسي سرگرمين جي ڪري ملڪي عوام جي نظرن جو مرڪز بڻجي ويئي. ڪيس سال 2017ع ۾ انهن 11 عورتن ۾ شامل ڪيو ويو، جيڪي دنيا ۾ ٻرد باري ۽ دليري جي ڪري سڀ ڪان گهٽو مشهور ٿيون.



ڊسمبر جي آخر ۾ ميان نواز شريف اعلان ڪيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ سندس ڀاءُ پنجاب جو وڏو وزير ميان شهباز شريف پارٽي پاران وزيراعظم هوندو. ان اعلان تي ڪجهه مبصرن جو خيال آهي ته هن پاڻ سياست تان دستبردار ٿي شهباز شريف ۽ بنا اعلان جي پنهنجي نياڻي مريم نواز جي لاءِ جاءِ حاصل ڪري ورتي آهي. هو وڌيڪ چون ٿا ته مقتدر قوتن پاران شهباز شريف لاءِ نرم رويو ان فيصلي جو بنياد بڻيو آهي. جيڪڏهن ان نرم رويي سان گڏ اسٽيبلشمينٽ سان ميان نواز شريف جو ڪو نئون "اين آر او" طئي ٿيو آهي ته پوءِ ايندڙ سيٽ اپ ۾ مريم نواز پنجاب جي وزيراعليٰ ٿي سگهي ٿي. پر ان لاءِ پاناما جا ور وڪڙ ۽ انگڙ ونگڙ پيچرا پار ڪرڻا پوندا.

**آصف علي زرداري:**
هن سال پاڪستان پيپلزپارٽي جو عملي سربراهه ۽ اڳوڻو صدر جناب آصف علي زرداري ملڪ اندر موجود به رهيو ۽ هن ڪيئي اعلان ڪيا. انهن ۾ هن خاص ڳالهه اها ڪئي ته ملڪ جو ايندڙ



وزيراعظم هو پاڻ هوندو. پارٽي سياست بلاول ڀٽو، آصفه ڀٽو سنڀاليندا. هن اهو پڻ چيو ته 2013ع ۾ پ پ پ جمهوريت خاطر "آر او اليڪشن" قبول ڪيون. هاڻي نه ڪنداسين. نواز شريف، عمران خان ۽ جنرل پرويز مشرف سان نه ٺهنداسين، نه ڳالهيون ڪنداسين.
آصف علي زرداري جيڪو 23 ڊسمبر 2016ع تي 8 مهينا ٻاهر رهڻ ڪانپوءِ آيو هو، سو سڄو سال، ملڪ اندر ۽ خاص ڪري پنجاب ۾ سياست ڪرڻ تي زور ڀريندو رهيو. هن پنجاب ۾ ڪي پي ڪي ۾ ڪيئي جلسا ڪيا.
هن جي جلسن سان گڏ پيپلزپارٽي جي نئين قيادت سنڌس فرزند بلاول ڀٽو زرداري پڻ ميدان تي لٿل آهي.
عام تبصرو هي آهي ته آصف زرداري سمجهي ٿو ته پيپلزپارٽي کي اسٽيبلشمينٽ جي هم آواز پارٽي ٺاهڻ ۾ ڪوبه عيب ناهي. ٽن صوبن مان ڏوپي نڪتل پارٽي کي بلاول واپس سڄي ملڪ ۾ ڪيئن آباد ڪري ٿو اهو سوال رڳو پيپلزپارٽي لاءِ اهم ناهي پر ان سوال جو واسطو خود اسٽيبلشمينٽ سان پڻ آهي.
**جهانگير ترين جي تاحيات نااهلي:**
نااهليءَ جي ٻي سزا تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري جنرل جهانگير ترين کي ملي. پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه عمران خان مٿان نااهلي واري تلوار نيٺ ٽري وئي آهي پر پي ٽي آءِ جو جنرل سيڪريٽري ۽ عمران خان جو ويجهو ساٿي جهانگير ترين سڄي عمر لاءِ نااهل ٿي ويو آهي جنهن بعد سندس سياسي ڪيريئر ختم ٿي ويو آهي. عمران خان جو چوڻ آهي ته ترين جي نااهلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ نظر ثاني واري درخواست داخل ڪنداسين، هن خلاف جيڪا سوچيل سمجهيل سازش سٽي وئي هئي اها ناڪام ٿي وئي آهي ۽ هڪ سال تائين اهڙي شخص سان پيٽيو ويو جيڪو نااهل آهي.
فيصلي ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس، جسٽس ثاقب نثار چيو ته جهانگير ترين ايماندار ناهي هن غلط بياني ڪئي، آف شور ڪمپني سندس ملڪيت آهي، جنهن سبب ڪيس سڄي عمر لاءِ نااهل ڪيو وڃي ٿو. سپريم ڪورٽ چيو ته جهانگير ترين جو جواب ڏوهه قبول ڪرڻ آهي، هو صادق ۽ امين نه آهي. سپريم ڪورٽ فيصلي ۾ چيو ته جهانگير ترين آئين جي آرٽيڪل (62 ون ايف) تحت سڄي ڄمار لاءِ نااهل ٿيو آهي.
چيف جسٽس، جسٽس ثاقب نثار جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ 14 نومبر تي نااهلي ڪيس تي ٻڌڻي مڪمل ڪرڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو هو، بينچ ۾ جسٽس فيصل عرب ۽ جسٽس عمر عطا بنديال به شامل هئا. حنيف عباسي جي داخل درخواست تي ٻڌڻي 405 ڏينهن تائين جاري رهي، جنهن دوران 50 ٻڌڻيون ٿيون ۽ ڪارروائي 101 ڪلاڪن تائين جاري رهي. سپريم ڪورٽ ۾ درخواست تي ڪارروائي دوران اٽڪل 7 هزار دستاويز پيش ڪيا ويا. عدالتي فيصلي بعد اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ اڳواڻ جهانگير ترين جي نااهلي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جهانگير ترين جي نااهلي بعد اين اي 154 لوڌران ون واري سيٽ خالي ٿي وئي آهي.
جنرل ايوب خان کان وٺي جنرل پرويز مشرف جي دورن ۾ پنهنجي مرحوم والد جي ياڳ کي پيٽيندي هو تربيلا پٽ مان لوڌران لڏي آيو هو جتي ڪيس سرڪاري زمينون مليون هيون. ڪيرولينا يونيورسٽي مان ماسٽرس ڪرڻ ڪانپوءِ اول پنجاب يونيورسٽي ۽ پوءِ بينڪنگ ۾ نوڪري ڪندي هو وري زرعي پاسي ڏانهن موٽي آيو، جتي هن چولستان جي علائقي ۾ پاڻي نه هجڻ ڪري فوجين کي مليل زمينون سستي اگهن تي وٺڻ ۽ جديد بنيادن تي آباد ڪرڻ شروع ڪيون، هو ڪامياب زميندار مان ڪامياب سياستدان ٿي ويو. جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ ٻي ڪٽڪو ٿي دولت گڏ ڪرڻ لڳو، جنهن جو انت سپريم ڪورٽ وسيلي سندس سياست مان ناڪ آئوٽ ٿيڻ جي شڪل ۾ آيو.
**2017ع جا ڪي اهم ترين واقعا:**
سال جي آخري ڏينهن 31 ڊسمبر 2016ع تي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس انور ظهير جمالي جي مدي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ميان ثاقب نثار چيف جسٽس جو قسم کنيو.
عدالتن جي حيثيت فوج ڪانپوءِ ٻئين نمبر تي رهي. سنڌ ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ مرڪز ۾ سپريم ڪورٽ سنڌ سرڪار جا لاهه ڪڍي ڇڏيا ۽ انهن جي اهم ترين انتظامي آفيسرن کي مختلف احتسابي عدالتن جي ٻڌڻين جي ٻلي ڪيو ويو.
سپريم ڪورٽ هن سال سنڌ ۾ پيئڻ جي گندي پاڻيءَ خلاف اهم ترين ڪيس هلايو، جنهن جو سهرو پٽيشنر ائڊووڪيٽ شهاب اوستي ڏانهن وڃي ٿو. ان پٽيشن وسيلي عدالتن ۽ عوام کي معلوم ٿيو ته سنڌ جو عوام ڪهڙو پاڻي پيئي ٿو. نهرن ۽ دريائن سان ڇا پيو وهي ۽ واپري.
سنڌي ادبي سنگت جنهن کي گڏريل ورهين ۾ "اڌ ٻي سنگت" ( اڌ ادبي ۽ اڌ ٻي سنگت) ڪان ترقي ملي ۽ چونڊن ۾ احمد سولنگي جي ٽيم سوپاري ٿي. جي احمد سولنگي سوشل ميڊيا تي پنهنجو سر نه ڏنو ته هو ڪامياب سيڪريٽري ٿي سگهي ٿو. پر ان لاءِ ڪيس تمام گهڻو وقت وڏي محنت ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ ڀانت ڀانت جو ادب پڙهڻ به شامل آهي.

سنڌ يونيورسٽي جي نياڻين منجهان هڪ نياڻي نائلہ رند مارئي هاسٽل ۾ آپگهات ڪري ڇڏيو.
لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي هڪ نياڻي نورين لغاري جو داعش سان تعلق نڪتو.
سنڌ توڙي هند جو اهم دانشور سائين محمد ابراهيم جويو 102 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. ڪيس سنڌ يونيورسٽي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.
14 مارچ کان 25 مئي تائين ملڪ ۾ ڇهين آدمشماري ڪرائي وئي. ان لاءِ حڪم سپريم ڪورٽ ڏنو هو. ان کان اڳ آدمشماري 19 سال اڳ 1998ع ۾ ڪرائي وئي هئي.
سي سي آءِ اجلاس ۾ ملڪ جي آدمشماري جا انگ اکر ظاهر ڪيا ويا آهن. انهن انگن اکرن مطابق سنڌ جي آدمشماري 4 ڪروڙ 78 لک 86 هزار آهي. مجموعي طور تي ملڪ ۾ آدمشماري جو اضافو 2.40 سيڪڙو في سال جي حساب سان ٿيو آهي. سنڌ جي واڌ جو في سال سيڪڙو بہ 2.41 سيڪڙو آهي لڳ ڀڳ ملڪ جي واڌ جيترو ئي آهي.
سنڌ ۾ هن آدمشماري نتيجن تي سنڌ سرڪار، ايم ڪيو ايم، سنڌي قومپرستن اعتراض واريا. انهن مان ڪنهن بہ ان خيال جو اظهار نہ ڪيو تہ گهٽين حالتن ۾ آدمشماري جي عدد ۽ خاصيت (Count & Qualities) جي باري ۾ قومن کي اڳيرائي ڪرڻي پوندي آهي.

**متحده قومي موومينٽ جي پڄاڻيءَ جي شروعات:**

سڄي ملڪ ۾ اهو تاثر عام رهيو آهي تہ ايم ڪيو ايم سربراهہ توڙي تنظيم کي عالمي ۽ لوڪل اسٽيبلشمينٽ ۽ ميڊيا جي هڪ اهم حصي جي تائيد ۽ مدد حاصل رهي آهي. جنهن ڪري سنڌ گذريل 33 ورهين کان دهشتگردي ڏني ۽ برداشت ڪئي.
ان سڄي وهنوار جي خاتمي جي شروعات 1 سيپٽمبر 2015ع تي تڏهن شروع ٿي جڏهن لاهور هاءِ ڪورٽ ايم ڪيو ايم اڳواڻ الطاف حسين جي سڌو سنئون خطاب تي بندش هڻڻ جو اعلان ڪيو.
لاهور هاءِ ڪورٽ، ايم ڪيو ايم سربراهہ الطاف حسين جي سڌو سنئون تقريرن تي پابندي جو حڪم ڏيندي وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري، گهرو کاتي ۽ پيمرا کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن، جڏهن تہ عدالت الطاف حسين کي وڪيل ذريعي جواب داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. جسٽس مظاهر علي اڪبر جي سربراهي ۾ جسٽس مظهر اقبال سڌو ۽ جسٽس اِرم سجاد گل تي ٻڌل لاهور هاءِ ڪورٽ جي فل ڪورٽ بينچ ايم ڪيو ايم سربراهہ الطاف حسين ۽ رابطہ ڪميٽي جي سڪيورٽي ادارن خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي هئي.
ان کان لڳ ڀڳ 2 سال پوءِ، 20 آگسٽ 2017ع تي الطاف حسين هڪ تقرير ۾ پاڪستان جي فوج، پاڪستان جي وجود سميت ڪيئي ڳالهيون ڪلئي عام ڪيون تہ ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ لاءِ ايڏو وڏو حملو هضم ڪرڻ يا ان کي لڪائڻ ڏکيو ٿي پيو. جنهن ڪري ايم ڪيو جا چار حصا سامهون نظر اچڻ لڳا. جن ۾ متحده، حقيقي ۽ پاڪ سرزمين پارٽي تہ اول موجود هيون. ڊاڪٽر فاروق ستار جنهن جي نالي ۾ متحده رجسٽرڊ ٿيل هئي تنهن ان جو نالو "ايم ڪيو ايم پاڪستان" رکي ڇڏيو ۽ الطاف حسين جي ڪمان کي پاڻ ئي "ايم ڪيو ايم لنڊن" جو نالو ڏئي ڇڏيو.

**ايم ڪيو ايم لنڊن جو بيان:**

متحده قومي موومينٽ لنڊن جي عبوري رابطا ڪاميٽي جي ميمبرن چيو آهي تہ ايم ڪيو ايم پاڪستان يا لنڊن ڪاميٽي ناهي، پارٽي ۾ مائنس وَن ممڪن ناهي، فاروق ستار ڪنهن ٻي نالي سان پارٽي ٺاهي. اهڙو اظهار ايم ڪيو ايم لنڊن رابطا ڪاميٽي جي عبوري ميمبر ڊاڪٽر حسن ظفر عارف، رابطا ڪاميٽي جي نئين مقرر ڪيل ميمبرن ڪنور خالد يونس، ايڊووڪيٽ ساٿي اسحاق ۽ ٻين سان گڏ ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. هن چيو تہ نہ تہ مائنس وَن ٿي سگهي ٿو ۽ نہ وري ايئن ٿيڻ ممڪن آهي، ڇو تہ مائنس وَن جو مطلب مائنس عوام آهي. ڊاڪٽر فاروق ستار ڪنهن ٻي نالي سان پارٽي ٺاهي، فاروق ستار ۽ خالد مقبول صديقي ايم ڪيو ايم باني کان لاتعلقي جو اظهار ڪري تحريڪ کي هاءِ جيڪ ڪيو آهي، هنن پاڻ کي بچائڻ لاءِ متحده جي باني کي غير قانوني طريقي سان الڳ ڪري ايم ڪيو ايم جي آئين مان قائد جو نالو ئي ڪڍي ڇڏيو آهي. هن چيو تہ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي، ايم ڪيو ايم هڪ آهي، هڪ هئي ۽ هڪ ئي رهندي ۽ ان جو قائد الطاف حسين ئي آهي.

**ڪراچي لانڊري هائوس:**

اها ڪا پارٽي ناهي پر ڪراچي توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ڪراچي جي اڳوڻي ميئر مصطفيٰ ڪمال ۽ انيس قائمخاني پاران ٺهيل "پاڪ سرزمين پارٽي" کي ڪراچي لانڊري هائوس سڏيو ويندو آهي. جنهن جو مطلب آهي تہ ڪوبہ گنهگار جيڪو گرفتار هجي يا مٿس الزام هجي اهو جيڪڏهن ان ڌر سان سلهاڙجي ويو تہ پوءِ ان تي ڪوبہ ڪيس ٿي نہ سگهندو. ان مٿان ڪابہ عدالت نہ ايندي. ايستائين جو 2012ع ۾ بلديا ۾ گارمينيٽس فيڪٽري ۾ جيڪي 252 پورهيت جيئري ساڙيا ويا هئا تنهن لاءِ مصطفيٰ ڪمال چيو تہ "اهو هٽ سان ڪيل واقعو ناهي پر اهو حادثو آهي" اهو بيان هن دبئي مان پاڪستان پهچايل حماد صديقي جي گرفتاري ظاهر ٿيڻ کانپوءِ ڏنو.

**ڪراچي ڏوهن بابت رينجرز جو موقف:**

ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل محمد سعيد چيو آهي تہ اسان پاڪستان خلاف ڪنهن بہ قوت کي برداشت نہ ڪنداسين، ڪراچي جي ڪنهن بہ پارٽي ۾ ٽارگيٽ ڪلرن جي تنظيم ٺهڻ نہ ڏني ويندي. صحافين سان ڳالهائيندي ميجر جنرل محمد سعيد چيو تہ آپريشن دوران ڇئن ورهين ۾ ڏوهن ۾ گهٽي گهٽتائي آئي آهي، ڪاميابي شهرين جي سهڪار سان گڏوگڏ حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارن جي ڪري ملي آهي. هن چيو تہ سوچ تي پهرو نٿو لڳائي سگهجي پر ڪنهن کي بہ هٿيار کڻڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون، جن جي نالي سان ڪراچي ۾ خوف هو، انهن لاءِ معافي ناهي. سندس چوڻ هو تہ 2013ع کان اڳ هر مهيني 8 کان 10 ڪروڙ ڀتو

ورتو ويندو هو پر هلندڙ سال پتي خوري جا رڳو 4 واقعا رپورٽ ٿيا. 2017ع ۾ دهشتگردي جو واقعو نه ٿيو پر ڇري سان وار ڪرڻ وارن واقعن کي غير ضروري اجاگر ڪرڻ سان شهر جو تاثر خراب ٿيو. ڊي جي رينجرز وڌيڪ چيو ته 2013ع ۾ ڪراچي ڪرائم انڊيڪس ۾ ڇهين نمبر تي هو پر هاڻ 52 هين درجي جي هيٺين سطح تي هليو ويو آهي، هلندڙ سال 14 سئو کان وڌيڪ اسٽريٽ ڪرمنل ۽ ڦورو پوليس حوالي ڪيا ويا، جن ۾ اهڙا ڌوهاري به هئا، جيڪي ٽيون ۽ چوٿون ڀيرو گرفتار ٿيا.

**چونڊيل ايوان ۾ آرمي چيف جو دورو ۽ ڳالهيون:**

19 ڊسمبر 2017ع تي پاڪستان آرمي جي سربراهه جنرل قمر جاويد باجوه سينيٽ ڪميٽي سان بند ڪمري ۾ ڳالهيون ڪيون، جيڪي مڪمل ڪليل ٿي رهجي ويون. ان بريفنگ جي موقعي تي ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل نويد مختار، ڊي جي ايم او جنرل ساحر شمشاد مرزا، ڊي جي آءِ ايس پي آر ميجر جنرل آصف غفور ۽ ڊي جي ايم آءِ به موجود هئا.

چئن ڪلاڪن جي مختلف بريفنگ ۽ سوالن جوابن ۾ هن جيڪي خاص ڳالهيون ڪيون سي هي آهن:

اجلاس ۾ آرمي چيف هر هر زور ڏيندي چيو ته پارليامينٽ ئي سڀ ڪجهه آهي. آرمي چيف چيو ته توهان پاليسي ٺاهيو، اسان عمل ڪنداسين، اسان کي ڏسڻو آهي، اڄ ڇا ٿي رهيو آهي، اڄ ڇا ڪرڻ جي ضرورت آهي، ماضي ۾ وڃڻ جو ڪوبه فائدو ناهي. صدارتي



نظام سان ملڪ ڪمزور ٿيندو آهي. سياستدان فوج کي مداخلت جو موقعو نه ڏين، ڌرڻي پٺيان فوج جو ڪردار ثابت ٿيو ته استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس.

پاڪ فوج جي سربراهه سينيٽرن کي علائقائي ۽ قومي سلامتي جي صورتحال خاص ڪري سعودي اسلامي فوجي اتحاد ۾ پاڪستان جي شموليت تي اعتماد ۾ ورتو. سندس چوڻ آهي ته اسلامي فوجي اتحاد ڪنهن ملڪ خلاف ناهي، ايران ۽ سعودي عرب ۾ ويڙهه ٿيڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته 41 ملڪن جو اتحاد ڪنهن ملڪ جي حفاظت ناهي، اڃا ٽي آر اوز طئي نه ڪيا ويا آهن.

پ پ جي سينيٽر فاروق ايڇ نائيڪ جو سوال ته ڇا هو فوج جي موجوده ڪردار کان مطمئن آهي، جو جواب هن سوال جي صورت ۾ ڪيو ته ڇا فوج کي موجوده ڪردار کان وڌيڪ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه چيو ته فوج جو آئين ۾ جيڪو ڪردار آهي تنهن مان مطمئن آهيان.

مسلم ليگ ن جي سينيٽر مشاهد الله خان ڌرڻي بابت سوال ڪيو جنهن جي جواب ۾ آرمي چيف چيو ته جيڪڏهن ثابت ٿي ويو ته ڌرڻي جي پٺيان فوج هئي ته آئون استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس. هن چيو ته جڏهن ڌرڻو هنيو ويو ته منهنجي ذهن ۾ لال مسجد وارو واقعو به آيو، مون ڊي جي آءِ ايس آءِ کي چيو ته ڌرڻي وارن سان ڳالهيون ڪيو، ڳالهيون ٿيون ته خبر پئي ته انهن جا چار مطالبا آهن پوءِ وري هڪ ٻئي مطالبي تي اچي ويا، سعودي عرب ويندي به ڌرڻي بابت ڄاڻ وٺندو رهيس.

گم ٿيل ماڻهن جي حوالي سان سوال جي جواب ۾ آرمي چيف چيو ته گم ٿيل ماڻهن جا مختلف سبب آهن، ڪجهه ماڻهو پاڻ غائب ٿي گم ظاهر ڪرائيندا آهن، ايجنسيون رڳو انهن ماڻهن کي جاچ لاءِ تحويل ۾ رکندي آهي جيڪي ملڪ دشمن سرگرمين ۾ ملوث آهن.

ڊي جي ايم او جنرل ساحر شمشاد مرزا طرفان سينيٽ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته فوجي عدالتن ۾ هن وقت تائين 274 ڪيسن جا فيصلا ٿيا، 161 ڏوهارين کي موت جي سزا ٻڌائي وئي جن مان 56 ڏوهارين کي ڦاهي ڏني وئي. 13 ڏوهارين کي آپريشن رد الفساد کان پهرين ڦاهي ڏني وئي ۽ 43 کي آپريشن کانپوءِ ڦاهي ڏني وئي.

آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه جي بريفنگ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سينيٽ جي بچاءُ واري ڪميٽي جي چيئرمين مشاهد حسين سيد بريفنگ جو احوال ڏيندي چيو ته آرمي چيف سان بريفنگ دوران تفصيلي ۽ کلي ڳالهيون ٿيون، ائين پهريون ڀيرو ٿيو آهي، ڪوبه اهڙو مسئلو نه هو جنهن تي سوال نه ڪيو ويو هجي ۽ آرمي چيف جواب نه ڏنو هجي. مشاهد حسين چيو ته بريفنگ ۾ قومي سلامتي، دهشتگردي خلاف جنگ، آمريڪا سان لاڳاپا، افغان حڪمت عملي، ڀارت ۽ وچ اوڀر جي مسئلن ۽ ملڪ جي اندرين معاملن سميت سڀني تي ڳالهيون ٿيون.

مسلم ليگ ن جي سينيٽر آصف ڪرماڻي چيو ته سينيٽ ۽ پاڪ فوج طرفان خوشي ڏيندڙ قدم کنيو ويو آهي، انتهائي معلوماتي بريفنگ ڏني وئي جنهن سان آگاهي ملي ۽ ملڪي معاملا سمجهڻ ۾ آساني ٿي.

نهال هاشمي چيو ته آرمي چيف ڪيترين ئي شين واضح ڪيون ته شام جو ٽي وي تي جيڪي به تجزيا ڪندا آهن انهن سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي.

**ملڪ ۾ دهشتگردي جا خاص خاص واقعا:**

21 جنوري تي پارا چنار جي ڀاڄي مارڪيٽ ۾ بم ڌماڪي ۾ 25 ڄڻا مارجي ويا.

16 فيبروري تي قلندر لال شهباز جي مزار جي اڱڻ ۾ ڌمال ڪندڙ زائرين وچ ۾ خودڪش بمبار پاڻ اڏائي 96 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو.

23 جون تي ڪوئيٽا ۽ پارا چنار ۾ ڌماڪن جي سيريز ۾ گهٽ ۾ گهٽ 90 ڄڻا مارجي ويا.

31 آگسٽ تي ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو جي قتل ڪيس جي ڪارروائي پوري ٿي، جج ان جو فيصلو ٻڌايو.
5 نومبر تي ملڪ ۾ پيدا ٿيل نئين مذهبي تنظيم "لبيڪ يا رسول الله" سندن سرواڻ خادم حسين رضوي جي اڳواڻي ۾ اسلام آباد ۽ راولپنڊي وچ ۾ فيض آباد وٽ ڌرڻو هنيو، جيڪو 27 نومبر تي پورو ٿيو. سندن الزام هو ته قانون جي وفاقي وزير زاهد حامد آئين مان ختم نبوت جي سلسلي ۾ موجود شقن کي ٻاهر ڪيو هو. نتيجي ۾ هن جي استعيفيٰ کانپوءِ اهو ڌرڻو پورو ٿيو.
24 نومبر تي حيات آباد پشاور ۾ خودڪش بمبار پوليس جي اي آءِ جي اشرف نور کي قتل ڪري ڇڏيو.

**اهم عالمي واقعا:**

عالمي طور آمريڪا ۾ 20 جنوري تي ريپبلڪن اميدوار ڊونالڊ ٽرمپ ملڪ جي 45 هين صدر جو عهدو ماٺيو. سڄو سال هن جون ڳالهيون مذاق بڻيل رهيون. اها مذاق جاري آهي. آمريڪي صدر باراڪ اوباما اٺن ورهين جو مشهور اقتدار پورو ڪري نوبيل انعام سميت پنهنجي اقتداري سياست پوري ڪئي. آمريڪا ۾ گذريل 40 ورهين ۾ ٽن آمريڪي صدرن جي سڀ کان گهڻي عزت آهي، جن مان ٻن ڄڻن ڪارٽر ۽ اوباما کي نوبيل انعام پڻ مليو آهي. 39 هون صدر جمي ڪارٽر (20 جنوري 1977ع کان 1981ع تائين)، بل ڪلنٽن (20 جنوري 1993ع کان 2001ع) ۽ 44 هون صدر باراڪ اوباما (20 جنوري 2009ع کان 2017ع) شامل آهن. اهي ٽيئي ڊيموڪريٽ پارٽي سان واڳيل آهن، جن کي 40 ورهين ۾ 20 ورهيه اقتدار مليو آهي.
گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل "بان ڪي مون" جي جاءِ تي پورچوگال جو اڳوڻو وزيراعظم "انتونيو گٽريس" 1 جنوري 2017ع تي منصب سنڀاليو. هر پنجين سال اهو عهدو تبديل ٿيندو آهي.
صحافين جي عالمي تنظيم "سرحدن پار رپورٽنگ" Reporters without Borders موجب هن سال دنيا ۾ 65 صحافي قتل ٿيا. انهن ۾ 50 ڄڻا پروفيشنل صحافي هئا. شام ملڪ ۾ 12، ميڪسيڪو ۾ 11 ڄڻا پڻ قتل ٿيا. تنظيم موجب گذريل 14 ورهين ۾ صحافين جي قتل جو اهو گهٽ ۾ گهٽ انگ هو.
هن سال ملڪ جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي نياڻي دينا جناح 95 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويئي. هوءَ 1919ع ۾ لنڊن ۾ ڄائي هئي.
جناح جڏهن پاڪستان آيو ته سندس ڌيءَ دينا گڏ نه آئي، هوءَ هندستان ۾ ئي رهي پئي، جتي هن نه رڳو پنهنجي پسند جو پرڻو ڪيو، پر پنهنجي ماءُ جي مذهب ڏانهن به موٽي وئي. قائد اعظم جي اها اڪيلي ڌيءَ دينا واڊيا 2 نومبر 2017ع تي 98 سالن جي عمر ۾ نيو يارڪ ۾ وفات ڪري وئي، 3 نومبر تي پاڪستان جي پارليامينٽ سندس ياد ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي ۽ 4 نومبر تي نيو يارڪ ۾ سندس آخري رسمون ادا ڪيون ويون. دينا واڊيا پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو جناح صاحب جي وفات تي پاڪستان آئي هئي، ان کانپوءِ به ٻيرا هوءَ پنهنجي پڦيءَ سان ملڻ

**پاڪستان جي ڪل آدمشماري**

| انتظامي پرڳڻو | گهرن جو انگ | ڪل آدمشماري | آدم واڌ |
|---|---|---|---|
| پاڪستان | 3 ڪروڙ 22 لک | 20ڪروڙ 77 لک | 2.40 |
| پنجاب | 1 ڪروڙ 71 لک | 11ڪروڙ 1 لک | 2.13 |
| سنڌ | 85 لک 85 هزار | 4 ڪروڙ 78 لک | 2.41 |
| خيبر پختونخوا | 38 لک 45 هزار | 3 ڪروڙ 5 لک | 2.89 |
| بلوچستان | 17 لک 75 هزار | 1 ڪروڙ 23 لک | 3.37 |
| فاٽا | 5 لک 58 هزار | 50 لک 1 هزار | 2.41 |
| اسلام آباد | 3لک 36 هزار | 20 لک 6 هزار | 4.91 |

جي لاءِ ڪراچي آئي هئي، آخري ڀيرو هوءَ 2004ع ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي دعوت تي لاهور ۾ پاڪستان ۽ انڊيا جي وچ ۾ ٿيندڙ هڪ ڏينهن جي ميچ ڏسڻ جي لاءِ آئي هئي، ان کانپوءِ هوءَ ڪراچي به آئي، جتي هن جناح جي مزار تي حاضري ڀري ۽ پوءِ هوءَ واپس موٽي وئي، جناح جي مزار تي رکيل مهمانن واري تاثر اتي ڪتاب ۾ هن لکيو. "دعا ٿي ڪريان ته منهنجي پيءُ جو پاڪستان جي باري ۾ خواب پورو ٿي وڃي."

**ملڪ جي 10 وڏن شهرن جي آدمشماري**

| ملڪ جا 10 وڏا شهر ۽ آدمشماري | | | |
|---|---|---|---|
| نمبر | شهر | 2017ع | 1998ع |
| 1 | ڪراچي | 1ڪروڙ 49 لک | 93لک 39 هزار |
| 2 | لاهور | 1 ڪروڙ 11 لک | 51لک 43 هزار |
| 3 | فيصل آباد | 32 لک 03 هزار | 20 لک 08 هزار |
| 4 | راولپنڊي | 20 لک 98 هزار | 14 لک 09 هزار |
| 5 | گجرانوالا | 20 لک 27 هزار | 11لک 32 هزار |
| 6 | پشاور | 19 لک 70 هزار | 09 لک 82 هزار |
| 7 | ملتان | 18 لک 71 هزار | 11 لک 97 هزار |
| 8 | حيدر آباد | 17 لک 32 هزار | 11 لک 66 هزار |
| 9 | اسلام آباد | 10 لک 14 هزار | 5 لک 29 هزار |
| 10 | ڪوئيٽا | 10 لک 01 هزار | 5 لک 65 هزار |

سال پورو ٿي ويو. نئون سال اچي ويو. اهو به پورو ٿي ويندو. سنڌي عوام تعليم، صحت، هنرمندي. انساني حقن ۽ عورتن جي تعليم، صحت ۽ حقن جي باري ۾ ڪيتري عملي سجاڳي ڪري ٿو سال 2018ع جي معنيٰ خيز سال ۾ نظر اچي ويندي.



## حصو پهريون
# ڪثرت تان وحدت

**سنڌيڪار: پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ**

## روحانيت جي نفسيات (ايڇ بي ڊنيش)

تعارف: هي ڪتاب انهن ماڻهن لاءِ لکيل آهي جيڪي ڏکيا سوال پڇندا آهن. مثال انسان جي فطرتي حقيقت ڇا آهي؟ انساني زندگي جو مقصد ڇا آهي؟ حقيقت ڇا آهي؟ پيار ڇا آهي؟ ڇا اسان پنهنجي ارادي ۾ آزاد آهيون؟ خوشي جو راز ڪهڙو آهي؟ ڇا ماورايت حقيقت آهي؟ ڇا اها حقيقت آهي ته اسان جي سٺائي جي اميد ۽ اڄ هڪ ڏينهن انسان ڪي سٺو ناهيندي ۽ سندس اندر جي شر کي ختم ڪندي؟ ڇا اسان جي شخصيت ننڍپڻ ۾ ضرورت، خوف، اختيار جهڙن مسئلن جي بنياد تي ٺهندي آهي؟ اهڙا ڪيترا ئي اهم سوال جيڪي هر وقت هر جڳهه تي هر دور ۾ پڇيا ويندا آهن پر انهن جو حتمي جواب اڄا تائين ڪير نه ڏئي سگهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ اهڙن سوالن جي جواب جي اوک ڊوک ڪرڻ لاءِ روحانيت جي نفسيات جا مختلف پاسا جاچيا ويا آهن. خاص طور سان اسان کي پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ، اسان جي رويي کي سمجهڻ جا پاسا انفرادي ۽ اجتماعي طور جاچيا ويا آهن.

ماڻهو جا مادي حياتياتي، نفسياتي ۽ روحاني ۽ انساني حقيقت جا سڀ پاسا ڪٺي انهن جي اجتماعي رشتن کان وٺي انفرادي حقيقت کي زير بحث آڻي انسان جي حقيقت سڃاڻپ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

جڏهن ته نفسياتي ڪيسن جي تاريخ انهن جو تجزيو ۽ عملي ماپ تور روحانيت جي نفسيات جا مختلف پاسا کولي اسان جي سامهون آڻي ٿي. جيڪي اسان جي رشتن ناتن، پنهنجي پاڻ، دنيا ۽ مسئلن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

انهيءَ سڄي بحث ۽ عملي آزمائش مان خبر پوي ٿي ته زندگي واقعي سٺي، خوش ۽ ڦل دار ٿي سگهي ٿي. صرف اسان کي ڄاڻ ملي ته انسان ذات واقعي اشرف المخلوقات آهي. (ايڇ بي ڊنيش)

باب پهريون (شروعات)

I. بنيادي سوال

چاليهه سال اڳ جي ڳالهه آهي، جڏهن مون کي ٽريننگ لاءِ ايمرجنسي وارڊ ۾ موڪليو ويو هو. اهو منهنجو پهريون ڏينهن هو. اسان جي ميڊيڪل اسڪول ۾ ڇهه سال ميڊيڪل جي پڙهائي ٿيندي آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽري ٿيڻ کان اڳ ۽ پوءِ ٽرينگ ڪرائي ويندي آهي. شاگردن انهن ڏينهن ۾ تازو پنهنجي هاءِ اسڪول واري تعليم مڪمل ڪئي هئي سيئي نوجوان هئا آئون پڻ سورنهن سالن جو هئس.

ايمرجنسي وارڊ ۾ اچڻ کانپوءِ ڪجهه لمحن ۾ ئي ايمبولينس ۾ ڪجهه مريض ڪڇي آيا جيڪي ڪاربان مونو آڪسائيڊ جي ڪري دم گهٽجي وڃڻ ڪري بي هوش ٿي ويا هئا. مريضن جو تعداد پنج هو جيڪي هڪ ئي خاندان جا هئا جن جي عمر چوڏنهن سالن کان 81 سالن تائين هئي. اسان مان هرهڪ کي ڊيوٽي ڏني ويئي. منهنجي ڊيوٽي اها هئي ته هر مريض کي آڪسيجن ڏيان جيڪا انتهائي ضروري هئي. ٽن ڪلاڪن جي جدوجهد کانپوءِ به اسان مريضن کي بچائي نه سگهياسين. اهي سيئي مري ويا. آئون ته پنڊ پهڻ ٿي بيهي رهيس، منهنجو ذهن اها صورتحال قبول ئي نه پيو ڪري پر اهو منهنجي پهرين ڏينهن جو پهريون تجربو هو. جيڪو انهيءَ واقعي تي ختم ٿيڻو نه هو، بلڪ اها ته شروعات هئي. جڏهن ٻيا به ڪيترائي مريض آيا ۽ مون کي هڪ نرس سان گڏ هڪ مريض جي مرهم پٽي ۽ سندس منهن تي رت صاف ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو جو هن جو سائيڪل تان حادثو ٿيو هو. مون جيئن ئي ان مريض جي منهن تان رت صاف ڪيو ته ڏکي ويس ڇو ته اهو نوجوان مهنجو دوست هو. مون کي ڌڪ ٿيو پر مون ان وقت ڪجهه سڪون محسوس ڪيو جڏهن زخمي ڳالهايو ۽ ڪجهه ٺيڪ ٿيڻ شروع ڪيائين.

شام جو اسان ڪجهه دوست ميڊيڪل ڊاڪٽر پاڻ ۾ گڏجي ويٺاسين سڀني پنهنجا هڪ ڏينهن جا تجربا ٻڌايا. جن مان ڪيترائي واقعا ڊرامي وانگر لڳا ٿي. هڪ دوست ٻڌايو ته سندس ڊيوٽي بخار، نبض ۽ بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ تي لڳائي ويئي. اتي هڪ خانہ بدوش مريض آندو ويو. جنهن جو بخار چيڪ ڪرڻ لاءِ سندس منهن ۾ ٿرماميٽر رکي مون ٻي مريض سان اڃا ڳالهايو مس ته هن خانہ بدوش ٿرماميٽر ڪائي ڇڏيو. ڇو ته هن ڪڏهن اسپتال ڏٺي ئي ڪانہ هئي. پهريون دفعو اسپتال آيو هو هن سمجهيو ته هيءَ کا ڪائڻ جي شيءِ آهي. هڪدم ڊاڪٽر ۽ نرسون انهيءَ مريض کي بچائڻ ۾ لڳي ويا جو پاري جو زهر چڙهي وڃڻ جو خطرو هو. ڪجهه شاگردن کي بيدي جي اڃاڻ الڳ ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو ته انهيءَ مريض کي ڏئي پاري جي زهر کان بچايو وڃي.

جڏهن آئون انهن سڀني واقعن متعلق سوچڻ لڳس ته اهي واقعي ميڊيڪل واقعن کان وڌيڪ ڪجهه ٻيا به لڳا ٿي. جيڪي ڪاربان مونو آڪسائيڊ جي ڪري مري ويا يا جيڪو ٿرماميٽر ڪائي ويو، اهي اصل ۾ غربت ۽ جهالت جو شڪار ٿيا هئا. انهن جي موت منهنجي سامهون زندگي ۽ موت جي حقيقت آڻي بيهاري. آئون سوچڻ لڳس ڪيترو آسان آهي مرڻ ۽ ڪيترو آسان هو انهن جي زندگي جو بچڻ جي ٿورو به هو سمجهه وارا هجن ها. سائيڪل واري حادثي ۾ مون کي محسوس ٿيو ته اسان کي پنهنجي پيارن جي وڃائڻ جو ڊپ به زندگي جو حصو هوندو آهي ۽ آخري خانہ بدوش وارو قصو ڏنو وڃي ته سماج لاءِ شرمندگي جو باعث آهي. اسان جي وچ ۾ ۽ اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ ڪيڏي خليج موجود آهي بنيادي تعليم کان وٺي، زندگي جي تجربن ۾ اسان ڪيترو ويڇا رکون ٿا. جڏهن ته آئون انهيءَ حقيقت تي يقين رکان ٿو ته اسان سڀ هڪ آهيون پر مون ڏنو ته اسان عمل ۾ ڪيترو هڪٻئي کان پري آهيون.

سالن جي نفسياتي ڊاڪٽري جي عمل دوران ڪيترائي واقعا اهڙا ٿيا جن مان مون سکيو ته اهي ڪيترائي واقعا اسان لاءِ تشويش جو باعث آهن، جيڪي اسان جي وچ ۾ بنيادي طرح زندگي ۽ موت جا مسئلا آهن. بنيادي طرح زندگي ۽ موت جا مسئلا انهيءَ ڳالهه سان به لاڳاپيل آهن ته اسان خوشين جي تلاش ۾ آهيون، پيار، قبوليت، ڊپ ۽ درد، بيماري، وڃائڻ، رد ٿيڻ ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا مسئلا جهڙوڪ زندگيءَ جو مقصد، فطرت سان رشتو، درد جو احساس وغيره تمام وڏي لسٽ موجود آهي جنهن مان مون نتيجو ڪڍيو ته انسان جي پريشاني حد کان وڌيڪ پکڙيل آهي ۽ عملي طور محدود آهي.

سيئي پريشانيون ۽ مسئلا ٻن گروپن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. هڪ اهي جن جو تعلق صرف طبعي حيات سان آهي ٻين جو تعلق وجود جي جواز سان آهي، طبعي ضرورتن ۾ اٽو اجهو، ڇپر ڇانو، تحفظ اچي وڃن ٿا پر ٻيو گروپ اسان لاءِ چئلينج کڻي اچي ٿو ته اسان کي پنهنجي وجود جو جواز ڳولڻو آهي ته اسان جي هئڻ جو مقصد ڇا آهي؟ هڪڙو مسئلو اسان کي بائيولاجيڪل ورثي سان ملائي ٿو ٻيو مسئلو اسان جي روحاني فطرت سان جڙيل آهي، جنهن جو اسان جي زندگي ۾ ڏاڍو اهم ڪردار آهي.

اها حقيقت آهي ته زندگي پنهنجي معنيٰ ۽ مقصد کان بغير خالي ۽ درد سان ڀريل ناقابل برداشت بوجهه آهي، نفسياتي ڊاڪٽرن کي چڱي طرح خبر آهي ته جيڪي ماڻهو خودڪشيون ڪندا آهن اهي گهڻو ڪري پنهنجي زندگي مان مايوس ٿي پنهنجي زندگي جو مقصد ۽ معنيٰ وڃائي پوءِ اهڙو قدم کڻندا آهن.

ڪيترائي سال اڳ جي ڳالهه آهي. هڪ صبح جو مون کي هڪ نفسياتي ڊاڪٽر جي حيثيت سان نيرو سرجري وارڊ ۾ گهرايو ويو. جتي مون کي هڪ اڌڙوٽ مريض جو سامهون ڪرڻو پيو، جنهن ماڻهو کي ڏسي آئون حيران ٿي ويس، هن خودڪشي ڪئي هئي، پستول جو وات مان دماغ طرف رخ ڪري فائر ڪيو هئائين، پر زنده سلامت ويئو هو. ڊاڪٽرن ٻڌايو ته گولي اتفاق سان دماغ جي وچ مان ميچالي کي نقصان پهچائڻ کان بغير نڪري ويئي، صرف زخم رسيا اٿس جيڪي جلدي ٺيڪ ٿي ويندا. سندس نفسياتي تجزيو ڪرڻ سان پاڻ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايائين ته "منهنجي زندگي جيڪي هڪ ڏکهي اڻ ڪٽندڙ بغير ڪنهن وقفي جي هلي رهي هئي، مون شادي ڪاڻ ڪئي جو ڪا ڇوڪري مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي، نه ئي وري اسڪول ۾ پڙهائي ۾ ڪو چڱو هئس، جنهن ڪري پڙهائي به جاري نه رکي سگهيس، هڪ معمولي نوڪري حاصل ڪري سگهيس، منهنجي زندگي ۾ واقعا نه هئا. يڪسانيت هئي، بوريت هئي، ڪو مزو نٿي آيو. اڪيلائي، بيزاريت ۽ ڪو مقصد جيئڻ جو نظر نٿي آيو. انهيءَ ڪري مون فيصلو ڪيو ته هاڻ بي سبب زندگي کان نجات حاصل ڪجي، هن بي سبب بوجهه کان پاڻ کي بري ڪجي، انهيءَ ڪري مون پاڻ مارڻ جو سوچيو. سو مون بندوق آندي ۽ پاڻ کي نشانو بڻايو پر هن دفعي به هارائي ويس، هڪ دفعو هارائڻ وارو سدائين پيو هاريندو آهي" مريض پنهنجي ڳالهه جي واحيات پڻي تي شرمندو به نه هو. سندس نفسياتي ڪائونسلنگ ڪندي مون ڏٺو ته هن مريض جي فطرت ۾ مهربان طبعيت به موجود هئي. آهستي آهستي هن اهو ٻڌايو ته آئون طبعيت ۾ مهربان، همدرد ۽ پيار ڪرڻ وارو ماڻهو هئس پر ان خوبصورت فطرت کي مون پنهنجي زندگي ۾ ٻي درجي جي حيثيت ڏني، پهرين درجي ۾ غصو، ڪاوڙ، ڪروڌ، بوريت کي جڳهه ڏني، جنهن ڪري سماج مون کي عزت نه ڏني، منهنجي حيثيت اهم نهي نه سگهي، انهيءَ ڪري 55 سالن جي زندگي گذارڻ ڪانپوءِ مون سوچيو پاڻ مارڻ گهرجي.

اسان مان ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جن کي پنهنجي طبعيت جي بهترين خصوصيتن جي خبر ناهي نه وري ڪڏهن هنن سوچيو آهي ته هنن وٽ بهتر ڇا آهي ۽ خراب ڇا آهي؟ بس لاعلمي ۾ اسان زندگي هڪطرفي گذاري رهيا هوندا آهيون، ڪڏهن مخلتف آپشن تي غور نه ڪندا آهيون. نتيجي طور اسان پنهنجي روح جا مختلف پاسا ڳولي نه سگهندا آهيون. هو شخص جيڪو هر طرف کان هارائي چڪو هو انهيءَ کي ڪائونسلنگ دوران سندس چڱائين کي ياد ڏياريو ويو، انهيءَ وقت هن فيصلو ڪيو ته هاڻ هو رضاڪاراڻا هن ئي اسپتال ۾ ماڻهن جي خلمت ڪندو، هن جيئن ئي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن کي زندگيءَ جو مقصد ملي ويو. هن پنهنجي روحانيت جا مختلف پاسا ڳولي ورتا.

اسان سڀئي روحانيت جي مختلف پاسن جا مالڪ آهيون، ماڻهو جي فطرت جانور کان مختلف آهي، ماڻهو پنهنجي روحانيت جي خصوصيتن جي ڪري جانور کان افضل آهي.

جيتوڻيڪ انسان جسماني طور جانور سان مشابهت رکي ٿو. پر اسان ان وقت انسان ٿيون ٿا جڏهن اسان جو جسم ۽ روح علم، پيار، مقصد، معنيٰ ذريعي ڪو مقصد حاصل ڪري ٿو. اسان کي انسان دريافت ڪرڻو پوندو آهي، جڏهن اسان چئلينج ڪيل سوالن جا جواب ڳولڻ شروع ڪريون ٿا. اسان هتي آخر ڇو آهيون؟ ڪيترو وقت هتي اسان رهنداسين؟ هتان ڪان اسان ڪيڏانهن ويندا سين؟ انسان جي پيار واري فطرت جي رشتن سان ڪهڙو تعلق آهي؟ ڇا ڪو ڪائنات تخليق ڪندڙ آهي؟ زندگي ۽ موت جو ڪو مقصد آهي؟ اسان جي زندگي ڪانپوءِ به ڪجهه آهي؟ منهنجي هڪ مريضہ ڪيرول انهن سڀني سوالن تي هڪ دفعو پنهنجا خيال مرڪوز ڪيا، پنهنجي سوچن ۾ هڪ طويل درد ڪانپوءِ هن پاڻ کي ڪيئن قائل ڪيو؟ اچو ته ان ڪيس کي ڏسون.

II. زندگي جي معنيٰ ڳولا ڪندڙ ڪيرول جو ڪيس.

35 سالن جي ڪيرول جيڪا ڇئن ٻارن جي ماءُ هئي. جنهن جي ذهني دٻاءُ جي سلسلي ۾ منهنجي مدد گهري ويئي. ڇو ته هوءَ ڪافي بيمار هئي، چار سال اڳ اجا هن جو ٻار ٿيو ئي هو ته ڪيس ڊاڪٽر ٽيليفون ڪري ٻڌايو ته هن کي بريسٽ ڪينسر آهي. هڪ ته بيماري جو اوچتو ٻڌڻ ٻيو انتهائي بي رحماڻي طريقي سان ڊاڪٽر ڪيس بيماريءَ جو اطلاع ڏنو. ڪنهن جانور جي بيماري جو به اهڙو اطلاع نه ڏنو ويندو آهي. ڪيرول ڏاڍي ڪاوڙيل، ڊپ ۽ خوف ۾ مبتلا هئي. هوءَ سخت ڊپريشن جو شڪار هئي، ڇو ته هوءَ صرف پنهنجي بيماري جي ڪري ايترو پريشان نه هئي پر جهڙي طرح غير انساني طريقي سان ڊاڪٽر هن کي ٻڌايو هو. ان تي ڏاڍي ڪاوڙيل هئي. هن محسوس ڪيو ته نه صرف ڀڳوان هن کي دوکو ڏنو آهي بلڪ ماڻهن به هن سان گهٽ نه ڪئي آهي. گهڻن ڳالهين جي ڪري هوءَ پاڻ کي اڪيلي ۽ بي يار و مددگار سمجهي رهي هئي هن کي يقين هو ته هن جو وجود خطري ۾ آهي، جي هن جي هن حال ۾ ڪير مدد به ڪندو ته اها ٿوري ئي ٿي سگهندي. جڏهن ڊاڪٽرن هن کي ٻڌايو ته تنهنجو علاج هڪ آپريشن ٻيو دوائن ذريعي ٿيندو جنهن ۾ تون ٺيڪ ٿي وينديءَ ۽ وري تون پنهنجي نارمل زندگي گذارڻ جي لائق ٿي ويندين ، تڏهن وڃي هن کي ٿوري آٿت ملي هئي. ڪيرول تمام گهڻي پڙهيل لکيل عورت هئي ۽ سندس سماجي اهميت هئي ان ڪري ڳالهه کي سمجهندي هوءَ آپريشن ۽ ڪيموٿراپي لاءِ راضي ٿي ويئي. علاج جي عمل دوران هوءِ سخت پيشان ٿي ويئي جو هن جا سڀ وار ڇڻي ويا، تمام بيمار ۽ ڪمزور ٿي پئي. ان سڄي علاج جي عمل ڪيس بيزار ڪري وڌو، پر پوءِ به هوءِ اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئي انهيءَ اميد تي ته ڪينسر مان سندس جند ڇٽي ويندي. علاج دوران ڪيرول جي ذهن ۾ عارضي طور ڪيترا ئي خيال ايندا هئا. جهڙوڪ خدا، موت، زندگي پر گهڻو وقت هوءَ انهن مسئلن تي غور نه ڪندي هئي.گهڻي حد تائين هن کي اها تشويش هئي ته موت جو مطلب وجود جو خاتمو آهي انهيءَ کان ڪا گهٽ يا وڌ ڳالهه ناهي. جيڪڏهن ڀڳوان جو وجود آهي به ته هن جي موت ۽ زندگي جي پريشاني تي ڪو فرق پوڻ وارو نه هو. تنهن ڪري ڪيرول پنهنجي علاج ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ زندگي ۽ موت جهڙن مسئلن کي سوچڻ کان ڪوشش ڪئي ته پري ئي رهي.

ٻن سالن جي علاج ڪانپوءِ ڪينسر وري به ظاهر ٿي پيو، علاج هن کي مڪمل بيماري کان بچائي نه سگهيو. بلڪ ڪينسر ڦهلجي چڪو هو. انهيءَ بدلجندڙ واقعي ڪيرول کي هڪ اڻ وڻندڙ صورتحال ڏانهن ڌڪي ڇڏيو، هوءَ مڪمل باغي ٿي چڪي هئي. ڇو ته سائنس فيل ٿي چڪي هئي. هن جي خيال ۾ ته ميڊيڪل سائنس هن کي دوکو ڏنو ۽ ڪوڙ ڳالهايو آهي. هوءَ مڪمل اڪيلائي جو شڪار ٿي چڪي هئي. ان جي باوجود به هوءَ وري ڊاڪٽر وٽ آئي ته جيڪو ممڪن ٿي سگهي اهو علاج ٿئي. ڊاڪٽر ڪيس چيو ته علاج ته ساڳيو ٿيندو پر هن دفعي دوا جو وزن وڌيڪ هوندو توکي الاهي ڪمزور به ڪندو تڪليف اجا وڌندي. پر جڏهن ڪيس سور ٿئي ته سور گهٽائڻ جي دوا وٺي سگهي ٿي ۽ ساڳي وقت ڪنهن نفسيات دان کان مشورو به وٺي. اهڙي طرح ڪيرول انهيءَ ڏکئي المناڪ درد مان گذري رهي هئي، هن ڪيترو ئي مواد انهيءَ بيماري متعلق پڙهيو، هن جذبات ۽ ڪينسر متعلق به ڏاڍو پڙهيو. هن هر اها دوا ورتي جيڪا وٽامن جي ذريعي هن جي صحت ۾ سڌارو آڻي سگهي ٿي، هن پنهنجي کاڌي ۾ تبديلي آندي، ڪيموٿراپي بند ڪري هن فيصلو ڪيو ته هوءَ نفسياتي ڊاڪٽر سان رابطو ڪري ۽ بيماري جا جيڪي جذباتي پهلو آهن انهن متعلق معلوم ڪندي.

اهو وقت هو جو ڪيرول مون ڪان وقت ورتو ۽ مون وٽ مريض بنجي آئي، مون هن کي ڏٺو ته هوءَ سخت ڪاوڙيل، ڏکويل، ناخوش ۽ مايوس ٿي چڪي هئي. سڀ ڪان پهرين مون کي هن جي ڪاوڙ ختم ڪرڻي هئي جيڪا ڊاڪٽرن پنهنجي رويي ۽ وهنوار سان هن ۾ پيدا ڪئي هئي. مون ڪيس ٻڌايو ته ڊاڪٽرن جو ڪم علاج ڪرڻ آهي پر ڊاڪٽر موت جي اڳيان بي وس آهن، ڊاڪٽري پيشي جو مطلب ئي اهو آهي ته هو موت کي ٽارين انهيءَ ڪري ته علاج ڪندا

آهن. پر ڊاڪٽر اڪثر مريض کي آٿت نہ ڏيندا آهن. سندس بيماري متعلق تہ ڳلهائيندا آهن. اڪثر ڊاڪٽر دوا جي پرچي لکڻ وارا ڪلارڪ بڻجي ڪم ڪندا آهن. ڪجهہ ڊاڪٽر سمجهن ٿا تہ بيماري جا نفسياتي، روحاني پاسا مريض کي ٻڌائڻ ضروري ناهن ۽ ڪجهہ ڊاڪٽرن کي تہ انهن جي متعلق خبر ئي ناهي، جديد علاج هڪ مشيني علاج بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽرن کي مريض صرف هڪ "شيءِ" نظر اچي ٿو. اڪثر ڊاڪٽر مريض سان بي رحم ۽ غير انساني سياءُ ڪن ٿا. هو مريض جي جسم ۽ بيماري متعلق سوچين ٿا پر سندس روح کي ڇهن بہ ڪونہ ٿا. اهو ضروري آهي تہ مريض کي نفسياتي آٿت ڏجي، انهيءَ جي روحاني پهلوئن تي بہ ڳالهائجي. هو جڏهن ڊاڪٽر وٽ ايندو آهي تہ ڪا آٿت جي اميد کڻي ايندو آهي، ڇيو ويندو آهي تہ مريض جي اڌ بيماري ڊاڪٽر جي سٺي رويي سان ئي صحيح ٿي ويندي آهي. مريض جي مختلف درجابندي ڪرڻ ضروري آهي خاص طور اهي جيڪي موت ۽ زندگي جي جنگ وڙهي رهيا هجن.

جڏهن ڪيرول جو نفسياتي علاج شروع ٿيو ان وقت ڪيرول جو خاندان سخت بحران جو شڪار هو. هن ڄاڻڻ چاهيو ٿي تہ ميڊيڪل سائنس هن لاءِ ڇا ڪري سگهي ٿي يا هوءَ پاڻ پنهنجي مرض کي روڪڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ڪيئن هوءَ پاڻ کي مستقبل لاءِ تيار ڪري جڏهن هن کي ڪينسر جي بيماري جي خبر پئي هئي تہ مختلف ڊاڪٽرن علاج جا مختلف طريقا آزمايا پر ان جي باوجود بہ علاج اثرائتو نہ ٿيو، هاڻ هوءَ پنهنجو پاڻ کي موت لاءِ ڪيئن تيار ڪري؟ ساڳئي وقت پنهنجي ٻارن، مڙس ۽ مائٽن کي ڪيئن پنهنجي موت بابت تيار ڪري.

ڪو ماڻهو انهيءَ ڳالهہ تي اعتراض واري سگهي ٿو تہ ميڊيڪل سائنس جو ڪهڙو تعلق تہ مريض کي سندس ذاتي درد، روح، زندگي ۽ موت جا جواب ڏئي، ميڊيڪل جي قانون ۾ انهن سوالن جا جواب ناهن. اعتراض تہ قانوني آهي پر ان کان اڳ جو اسان سڀني سوالن کي رد ڪري ڇڏيون انهيءَ کان اڳ اهو اهم آهي تہ اسان ڪنهن بہ ماڻهو جي اهڙي حالت کي اڪيلي نہ پر هڪ ڪائناتي وحدت ۾ ضرور ڏسون. اهو درد جيڪو زندگي ۽ موت متعلق آهي. اهو ڪنهن هڪ انسان جو نہ پر پوري انسان ذات جو مسئلو آهي. ڪيرول جو ڪيس بہ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي هو. ڪيرول هڪ وچين طبقي جي قدامت پسند خاندان جي فرد هئي هن جو پيءُ پنهنجي جذباتيءَ ڊپيل ڊپيل رهڻ وارو اڪيلائي پسند ماڻهو هو. جڏهن تہ هن جي ماءُ ٻارن جو خيال رکڻ واري ۽ گهڻي روڪ ٽوڪ واري هئي.

باوجود بہ ڪجهہ سال خير خيرت سان بغير ڪنهن واقعي جي گذريا، هوءَ جسماني طرح سگهي ۽ خوبصورت هئي. سماجي طور اٿڻ ويهڻ واري، ذهين ۽ پسنديده شخصيت هئي. جتي بہ هن ڪم ڪيو اتي هن ڪاميابي ماڻي. هوءَ چرچ بہ ويئي ۽ ڪجهہ داخلي آٿت بہ حاصل ڪئي، پر هن جي عقل فهم ۽ مذهب جا مختلف نظريا ۽ الڳ الڳ دعوائن هن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آخر ڪار هن جي مذهب سان دلچسپي گهٽجي وئي. هن ڪيترين ئي نوڪريون ڪيون، اسپتالن ۾ گورنمينٽ جي نوڪري بہ ڪئي، پر هن جي ذهن ۾ سماجي اڻ برابري يا نانصافي تي دل ڏکندي هئي.

شادي کانپوءِ ڪيرول ۽ سندس مڙس ٻئي گڏجي زندگي جي چئلينج کي منهن ڏئي رهيا هئا تہ اوچتو هي مصيبت نازل ٿي. ڪيرول اوچتو محسوس ڪيو تہ نہ صرف هن جي زندگي خطري ۾ آهي پر هوءَ سڀ رشتا ناتا. ٻار، والدين ۽ رشتيدار سڀ ڪجهہ وڃائي ويهندي. هوءَ انهيءَ خوفناڪ صورتحال کي منهن ڏيڻ جي سگهہ نہ ساري سگهي، پر هن مذهبي موسيقي، فن تعمير ۽ روايتن ۾ پنهنجو شوق برقرار رکيو. هن جي جواني نسبتن نامڪمل هئي خاص طور سان انهن ڏينهن ۾ جڏهن هن پنهنجو رستو پاڻ چونڊڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن والدين کان پنهنجي فيصلن ۾ پاڻ کي آزاد رکڻ ٿي چاهيو. آهستي آهستي هوءَ پنهنجي والدين کان آزاد ٿي هن پاڻ تي ڀروسو ڪرڻ سکيو، سماجي طور اٿڻ ويهڻ ۾ آزاد هئي، هن ڪيترين ئي نوڪريون ڪيون.

هنن جي ازدواجي زندگي ڏاڍي خوش خرم گذري رهي هئي، ٻئي زال مڙس سماجي چئلينجن کي منهن ڏيئي رهيا هئا پر اچتو ڪينسر ظاهر ٿيو، خاص طور سان جڏهن ٻي اسٽيج جو ظاهر ٿيو. جنهن هنن جي زندگي ۾ وڏو رخنو پيدا ڪري ڇڏيو. هنن جا خيال هن بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي نہ هئا.

ڪيرول لاءِ پنهنجي غير يقيني زندگي ڏاڍا تباهہ ڪن اثر ڇڏيا، هن اوچتو محسوس ڪيو تہ هوءَ ڪنهن وڏي مصيبت ۾ گرفتار ٿي چڪي آهي جنهن ۾ هوءَ سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيندي. هن کي لڳو تہ هوءَ ڪو خوفناڪ خواب ڏسي رهي آهي جنهن کي منهن نٿي ڏئي سگهي.

هن آهستي آهستي پاڻ ڪجهہ سنڀاليو ڪينسر متعلق ڪتاب پڙهڻ لڳي ان کي ڪيئن منهن ڏجي ان جو علاج ڪيئن ڪجي. ساڳي وقت موت کي بهادري سان ڪيئن منهن ڏجي؟ وارا ڪتاب بہ پڙهڻ لڳي. هن وٽ تمام گهڻا سوال هئا جن کي نئين انداز سان وري سمجهڻ جي هن کي ضرورت هئي. هوءَ هاڻي پنهنجي بيماري کي سمجهي چڪي هئي، ڪنهن حد تائين هن پنهنجي جذباتي حالت کي بهتر ڪري ورتو هو. ڪنهن حد تائين هوءَ پنهنجي ڪاوڙ، ڊپ ۽ اداسي کي سمجهي چڪي هئي. هوءَ سمجهي چڪي هئي تہ ڦاسڻ کانپوءِ ڦٽڪڻ ڪهڙو. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود بہ هوءَ اندر ۾ غير مطمئن هئي. ڇو تہ نفسياتي يا ميڊيڪل سائنس زندگي ۽ موت جي پراسراريت بابت سائنس يا ميڊيڪل سائنس ڪو حتمي مطمئن ڪندڙ جواب ڏئي نٿي سگهي. نہ تہ سائنس زندگي جو ڪو مقصد سمجهائي سگهي ٿي نہ زندگي کي معنيٰ ڏئي سگهي ٿي، ٻيا پڻ اهڙا ڪيترا موضوع آهن جن متعلق سائنس ڪو جواب نٿي ڏئي.

اهي اصل ۾ روحاني سوال آهن، جيڪي آخرڪار پنهنجو پاڻ کي ڳولڻا آهن يا انهن سوالن جا جواب پاڻ کي ئي ڏيڻا آهن. اهڙا سوال ڏکيا ۽ انفرادي ذات کي ڏونڌاريندڙ وارا آهن، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي وڏي مدد ۽ همت جي ضرورت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ تمام گهڻا ۽ باقائده مريض کان انٽرويو ڪري ڪيس تسلي ڏيڻي پوندي آهي، پر شڪر آهي جو ڪيرول انهيءَ نفسياتي ٿيراپي ۾ دل ۽ جذبي سان تعاون ڪرڻ لڳي. هوءَ آهستي آهستي شانت ٿيڻ لڳي ۽ پنهنجي موت کي منهن ڏيڻ جي شروعات ڪري ڇڏي. آهستي آهستي هوءَ انهيءَ قابل ٿي وئي تہ پنهنجي موت بابت احساس بيان ڪرڻ لڳي. هوءَ حقيقت کان فراريت جي بجاءِ پنهنجي موت جي ۽ موت کانپوءِ جي حقيقت جو سامهون ڪرڻ لڳي قدرتي طور هن ۾ وڏي حياتي جي اميد هئي. شروع ۾ هن ڪجهہ سالن جي زندگي جي تمنا ڪئي، تنهن کانپوءِ ڪجهہ مهنين جي ۽ آخر ڪار ڪجهہ هفتن جي تمنا. هڪ اهم تبديلي ڪيرول ۾ اها آهي تہ هن پنهنجي موت جي واقعي تي بي ڊپائي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن محسوس ڪيو تہ هن جي زندگي ڪنهن مقصد خاطر هئي ۽ مقصد موت کانپوءِ بہ جاري رهندو. هوءَ انهيءَ سڄي عمل ۾ ڪجهہ آساني محسوس ڪرڻ لڳي. پر هن پوءِ بہ چاهيو ٿي تہ زندگي کانپوءِ جي حقيقت کي ضرور ڄاڻي. هڪ ڏينهن هن کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي هئي هن ڇيو تہ ڄڻ هي بدن هن جي لاءِ بوجهہ آهي. تڏهن هن محسوس ڪيو تہ هن جي حقيقت بدن کان علاوه بہ ڪا آهي، جيڪا آزاد آهي. هن ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو هو تہ زندگي جو بدن کان علاوه بہ ڪو روحاني پهلو بہ آهي. هن چاهيو تہ هوءَ پنهنجي ان روحاني حقيقت کان پنهنجي رشتيدارن کي بہ ٻڌائي.

ڪيرول جو ڪيس اسان کي اهو ٻڌائي ٿو تہ زندگي ۾ ڪيترا وڏا چئلينج آهن جيڪي انساني فطرت سان ۽ مقصديت سان جڙيل آهن. جيڪي پيار، رشتن، ڪاوڙ، ڊپ، اندر جي دنيا متعلق آهن پر علم نفسيات ۽ سائنس اڃا ايترو شاهڪار ناهن جو اسان کي مڪمل ٻڌائي سگهن تہ آخر هي مانداڻ ڇا آهي؟



اهي سب موضوع، مسئلا روحاني رمزن جي مختلف رخن سان تعلق رکن ٿا. جيڪي اسان اڳتي هلي زير بحث آڻينداسين....(هلندڙ)....

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No. 3160

# خانگي اسڪول ۽ تعليمي وڻج واپار!

شوڪت لوهار

مينهن پوڻ ڪانپوءِ جيئن ڪنيون ٿر جي وارياسي زمين مٿان نروار ٿينديون آهن ۽ انهن جو ڪو ڇيهه ڪونه هوندو آهي، اسان وٽ اڄڪلهه خانگي اسڪول بہ ائين ڦٽي پيا آهن. ٻن ڪمرن کي ڪرائي تي وٺو، هڪ پڙهيل لکيل مگر بيروزگار ميڊم کي ان جي پرنسپال ڪري ڇڏيو ۽ ٻہ چار سورنهن درجا پاس ڪري وينل ڇوڪريون استاد لڳائي ڇڏيو ۽ سوڙهي گهٽي واري ان اسڪول جي مٿان انگريزي ميڊيم جو بورڊ ٽنگي ڇڏيو، وٺو سائين! اوهان هڪ باوقار انگريزي ميڊيم اسڪول جا مالڪ بڻجي ويا. اسڪول ۾ موجود ويچارين ماسترياڻين کي سرڪاري يا قانوني طرح اعلانيل هڪ مزدور جي پگهار يعني سورنهن هزارن بجاءِ سورنهن سئو ڏيئي ڇڏيو بلڪ اها بہ ڪڏهن ڪائي وجو تہ ڪير آهي پڇڻ وارو؟ اوهان مالڪ آهيو، وس وارا آهيو، اوهان کان پلا ڪير پڇا ڪندو؟ هن پوري ريپبلڪ ۾ خانگي اسڪولن جو چار ڪجهه اهڙي نموني وڇايو ويو آهي جو مڇي مارڻ لاءِ چار ختم ٿي ويا آهن. ملڪ جي ٻين حصن ۾ بہ اها روئڻ جوڳي حالت موجود آهي پر سنڌ ۾ ايترا خانگي اسڪول ٿي ويا آهن جو ويهڻ جي جاءِ بہ ڪونہ ٿي ملي. اوهان گهر کان ٻاهر نڪري ڏسو رڳو اسڪول ئي اسڪول نظر ايندا، اوهان جي گهٽي ۾ وري روڊن جي ٻنهي پاسن کان دڪانن واري جاءِ تي هر طرف اسڪول ئي اسڪول نظر ايندا اوهان کي، هيٺ اسڪول مٿي اسڪول ۽ خانگي اسڪول، اسان جي پاڙي ۾ هڪ دڪان هو ننڍڙو سو هلي هلي هڪ ڏينهن اهو انگلش ميڊيم اسڪول جي تختي ۾ تبديل ٿي ويو ۽ انهي گهر جا سڀ ڀاتي انهي اسڪول جا عملدار ايڊمنسٽريٽر بڻجي ويا، تعليمي واپار جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟

سنڌ جي هر گهر ننڍي وڏي شهر، ڳوٺ، واهڻ وستي ۾ ايترا خانگي اسڪول کلي ويا آهن جو هاڻ وڌيڪ گنجائش بچي ڪونہ آهي. سرڪاري اسڪول سرڪار جي ٻي هنڌ مصروفين جي ڪري رونق وڃائي وينا آهن، اتي پيئڻ جو صاف پاڻي پيئڻ جو صاف ڇا پر اهو گٽر جو پاڻي بہ اسڪولن ۾ ڪونهي، چار ديواري پڇي ماڻهو سِرون کڻي ويا، سال جا ساڍا يارنهن مهينا پارو، پنجاهہ سينٽي گريڊ هجڻ ڪري اڌ مُئو ڪري مارڻ جهڙي گرمي مٿان وري جس هجي حيسڪو، ليپڪو، سيپڪو، سيسڪو، عرف واپڊا کي، جنهن جا سنڌ تي خاص ٿورا آهن، جو 24 ڪلاڪ بليڪ آئوٽ جاري و ساري آهي. خبر ناهي تہ انهن اهي تارون ۽ بجلي جا پول ڇو ڇڏيا آهن، اهي ڇو نٽا لاهي کڻي وڃن، سو ٻار سرڪاري اسڪولن ۾ بجلي نہ هوندي تہ ڪيئن پڙهي سگهندا؟ پر سرڪار کي ان جي ڪهڙي پرواهہ!.

خانگي اسڪولن جا ڪيئي قسم ڪيئي رنگ ۽ ڪيترائي ڍنگ آهن، انهن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارڙن سان، انهن جي والدين سان هو تعليم جي نالي ۾ جيڪا جُٺ ڪريو وينا آهن اها هن لکڻي جي هاضمي کان مٿانهين آهي پر پوءِ بہ ڪوشش ڪبي تہ پڙهندڙن تائين ڪجهه اندروني معلومات پهچائجي. جيڪڏهن ناڪام وياسين تہ مضمون ويڙهي ڪلهي تي رکبو. سنڌ ۾ جهڙي نموني ٻين سورن سهڻ جي وسعت وڌيڪ آهي تهڙي ريت خانگي يا نجي اسڪولن، ڪاليجن، طرفان تعليم عرف واپار جي نالي ۾ جيڪي جنيون ڪيون پيون وڃن اهي بہ ائين خاموشي سان برداشت ٿين ٿيون، جيئن ڪو يتيم ٻار سڀ ڪجهه برداشت ڪندو آهي. ڌڪار، نفرت، تشدد ۽ ننڊٽڪائپ.

پلي برازيل جائو مشهور تعليمي فلاسافر پائلو فراري اهو چوندو هجي تہ جيڪا تعليم اسين پنهنجن ٻارڙن کي ڏيون پيا اها بئنڪ واري سرشتي تي ٻڌل آهي، يعني اسان پروگرام منتقل پيا ڪريون، ٻارڙن جا دماغ جڻ بلڪل خالي سليٽ جيئان هجن ۽ اسين پنهنجي طرفان جيڪو وٺي سو انهن مٿان پيا لکون، انهن کي آزاد ڇڏڻ انهن جي تخليقي صلاحيت کي اُڀارڻ سان اسان جو ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي، پر اسان وٽ پائلو فراري جو نظريو وغيره ڪونہ ٿو هلي پر اسان وٽ اسڪول جي مالڪ جو نظريو ٿو هلي هو جيئن چاهي ائين ڪيو ويندو، پلي هُن جو تعليم سان پري پري تائين جو ڪو بہ واسطو نہ هجي ۽ هُو پنهنجي پيشي جي حساب سان هڪ ڪاسائي گهراڻي سان تعلق رکندو هُجي. ڪاسائي هجڻ عيب ڪونہ آهي پر ساڳي فلاسافي سندس تعليمي اداري ۾ بہ هلي! انهيءَ کان وڌيڪ پوڳنا ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

تعليمي نصاب تي آمريڪي تعليمدان جان ڊيوي Jon Dewy هجي توڙي روسو هجي، وئگوسڪي هجي توڙي چومسڪي انهن سان اسان جو ڪجهه نہ وڃي، اسان وٽ پنهنجا لوڪل سنڌي مَها ڏاها موجود آهن ۽ اسان ڪنهن بہ علائقي يعني نسيم نگر جي نوم چومسڪي کي ٻانهن مان جهلي ان کي سنڌي ٽوپي پارائي ۽ ڪلهن تي اجرڪ وجهي پنهنجي اسڪول ۾ مهمان خاص ڪري گهرائي ونداسين ۽ انهي کان لکيل تقرير ڪرائينداسين، ائين گلشن جو ڪاروبار پيو هلندو.

اهڙن ادارن جا ڪيئي قسم آهن هڪڙا وڏا شاهي خانگي اسڪول آهن جيڪي تعليمي شاپنگ مال چئجي تہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو، ٻيا ٽائيٽانڪ واپاري تعليمي مرڪز آهن، انهن کان ڪجهه سائيز ۾ ننڍا تعليمي مارٽ جهڙا تعليمي ادارا آهن، دڪان ۽ ريڙها بہ تعليمي ادارن جي روپ رنگ ۾ اچي وڃن ٿا، جن سان تعليمي وڻج واپار هلي رهيو آهي.

اهي بہ ڏينهن هوندا هئا جڏهن هڪ پڳل سليٽ ۽ ڦاٽل ڪتاب هوندو هو ۽ نم جي گهاٽي ڇانو هيٺان ويهي سبق پڙهبو هو ۽ ڊُٻي جي جنگ ۽ آفريڪا جا عجائبات، بڪ ڏڪ تي ڳُڙ ۽ ماني، رسيس وقت هڪ ٻئي سان ونڊي ورهائي کائبي هئي ۽ خوشي خوشي پٽي لڪرائي گهر اچبو هو ۽ ائين تعليمي سفر پورو ٿيندو هو مگر خدا پناهہ پيو ڏيئي اڄوڪي تعليمي نظام کان، هي تعليمي نظام تہ ڪونہ آهي پر سِڌو سنئون واپار آهي، خريد ۽ فروخت آهي. معصوم ٻار جنهن کي هلڻ بہ ڪونہ ٿو اچي هاڻ اهو پلي گروپ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ان جي داخلا بہ ايتري سولي ڪونہ آهي، مٿان کان فونون ڪرائڻيون پون ٿيون، اديءَ ۽ ادي جي پيرن ۾ ويهندڙ ڪمدارن کي

سائين سائين ڪرڻو پوي ٿو. ان داخلا کان اول اوهان کي هزارين، لکين بليو وهيل راند جهڙا ڪرتب آهن انهن مان پار پوڻو آهي! ان جي تصوير ڪجهه هن ريت چٽي سگهجي ٿي.

خيرن سان معصومڙو اجا ادائي سالن جو ٿيو تہ گهر وارن جي، پاڙيوارن جي، پاڙيوارن جي ٻارن جي، دوستن جي، جوڻس جي ساهيڙين جي وَٽ وٺان: وارو ڪيو ٻار کي اسڪول ۾ ڇو نٿا داخل ڪرايو ٻار وڏو ٿي ويو، اصل صفا پوڙهو ٿي ويو آهي، ڪڏهن اسڪول ويندو، فلاڻي جو ٻار پڙهي ٿو، فلاڻي جي ننڍڙي ڏاڍي هوشيار آهي، وغيره وغيره. اجگر ٻلائن جي ڊسڪورس کي ڪيئن مُنهن ڏجي، آخرڪار هار مجي هڪ ڏينهن خانگي اسڪولن جي مطالعاتي ۽ تجرباتي ٽوئر تي نڪتاسين، هڪ خانگي اسڪول جنهن جي عمارت حيدرآباد جي آبپاشي عمارت کاتي جهڙي هئي، ان ۾ داخل ٿيڻ سان خبر پئي تہ وڃ! ابا هتي کي هادي منهن ڏين باقي اسان جهڙن کان ڪم چڙهيل آهي. وري وڃي ٻي خانگي اسڪول پهتاسين انهن چيو تہ ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جا انٽرويو ٿيندا، پڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ ڇا ابا اسان کي نوڪريون ڏيندوَ، نہ چاچا! ٻار جي پوري خانداني جاچ تہ هو ڪهڙين حالتن ۾ رهي ٿو؟ ڪٿي رهي ٿو؟ اوهان وٽ ڇا ڇا آهي؟ اوهان گهر ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندا آهيو؟ وغيره وغيره. ڪهڙي وري ڪهڙي اسان ڪهڙو لاس ويگاس آمريڪا مان آيا آهيون، اهو ئي ڪونڙي جي خدا جي بستي مان ڪهي آيا آهيون، اسين ابورجنيس ماڻهو گهر ۾ سنڌي سرائڪي، ڍاٽڪي، رانگڙي، مارواڙي ۽ ٻيون انڊيجنيئس (مقامي) ٻوليون ڳالهايون تنهن تي اسڪول ۾ ويٺل هڪ جلاد جي فوٽو ڪاپي جهڙي شخصيت چيو تہ "پوءِ اوهان جو ٻار ڪيئن پڙهي سگهندو؟" اهو جملو خير سنڌي ٻولي ۾ هو" مون چيو ڇو؟ بقول هن جي "بابا نہ پڙهي سگهندو اصل ۾ ٻار جو دماغ سنڌي ۽ سرائيڪي ڳالهائڻ جي ڪري خراب ٿي ويو آهي. بلڪ علائقائي ٻوليون آهن ئي اعتراض جوڳيون سو انهن ۾ ڳالهائبو تہ ٻار تعليم حاصل نہ ڪري سگهندو ۽ غير مهذب ٿي ويندو، اوهان انٽرويو ۾ فيل آهيو، وڃي سگهو ٿا." هاتي جهڙي ماڻهو انگريزي ۾ طوطي وانگر ڳالهيو. هلو وري ٻيو اجگر جهڙو خانگي اسڪول اُتي وري اها پڇا ڪيائون تہ اوهان ڇا ڪندا آهيو؟ اوهان وٽ ڪهڙي ڪار آهي؟ بنگلو آهي يا ڪونهي؟ گهر جو منهن ڪهڙي طرف آهي؟ ٻار جو ڪاڪڙو تارون چيڪ ڪيون ۽ اسان کان هڪ خاص پڇاڻي ڪانپوءِ اهي اسان جي سوڊوڪو کي اسڪول ۾ داخلا ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. اسڪول ۾ ٻار جي پلي گروپ جي داخلا في ٻڌي مون کي ائين لڳو ڄڻ پاناما ۾ منهنجون کي ڪليل ڪمپنيون هجن! بهرحال جيئن تيئن ڪري گهر جا ٿيڙ وڪڻي فيس ڀري سين، وري چيائون تہ ٻار جي لاءِ ڪتاب اسٽيشنري اسان مٿان کان گهرائي آهي، ان جا ساڊا يارنهن هزار الڳ ۽ هي ڏس پتو آهي اتان وڃي اسان جي اسڪول جو يونيفارم، جوتا، ٿرماس، ٽفن باڪس ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا وٺي اچو! سڄو شهر لتاڙي مَس مَس وڃي اهو دڪان مليو جتان انهيءَ خانگي اسڪول جي مونوگرام واريون اِهي سڀ شيون ورتيون سين. ٻار خيرن سان سيلفي ڪڍائي اسڪول ويو، معصوم ٻار ڇا اسڪول ۾ ويهي ها ان کي يونيفارم، پاڻي جي بوتل، ٿيلهو ۽ ٽفن باڪس ۽ ڪجهہ ڳچي ۾ ڪارڊ ائين وڌا ويا ۽ هو هلڻ مهل مون کي نيٽو جو فوجي پئي لڳو، جيڪو افغانستان ۾ جنگ تي آيو هجي! صبح جو سوير هڪ نوٽيس پهتو تہ جيئن تہ توهان جي ٻار کي ڳچي ۾ اسان جي اسڪول جي مونوگرام واري ٽاءِ ڪونہ پاتل آهي تنهن ڪري ٽن ڏينهن اندر اها ٽاءِ آڻيو نہ تہ ٻار کي اسڪول مان ٻي دخل ڪيو ويندو ۽ اوهان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. وري انهي يونيفارم جي دڪان تي وياسين ۽ ان کان خاص آرڊر تي ٽايون ورتيون سين هفتي کن ڪانپوءِ نوٽيس آيو تہ اڄ اسان وٽ ٻارن کي ٽيبل تي ڪاڏو ڪائڻ جا اصول سيکاريا ويندا تنهن ڪري ديسي ڪڪڙ جا ڪباب ۽ انگريزي اسپيگيٽي ناهي موڪليو ان سان گڏ ٽويو ناسڪ جو هڪ عدد گلاس ۽ جرمني جو فورڪ (ڪانٽو) ۽ آمريڪي ڇري بہ موڪليو. اهي سڀ شيون پوريون ڪيون سين، وري فرمائش ٿي تہ اڄ اسان وٽ ڪلر ڊي عرف رنگن جو ڏينهن آهي تنهن ڪري اسان ڏي ست عدد آئل پينٽ وارا ڊبا وٺي موڪليو ۽ ها اها پينٽ عام نہ بلڪ برجر جي هجي! هڪ مهيني گذرڻ ڪانپوءِ چيائون تہ اڄ سبزي جو ڏينهن آهي تنهن ڪري مارڪيٽ مان پٽاٽا، واڱڻ، ٿوم، بصر ۽ ٽماٽا وٺي موڪليو، وري ٻيو نوٽيس آيو تہ اوهان ڏانهن لائبريري جي فيس رهيل آهي سا ادا ڪيو جو ٻارڙي جيڪو اڃا ابا امان چئي نٿو سگهي ان لائبريري ۾ ويهي داس ڪيپيٽال ۽ هيري پوٽر جون سڀ سيريز پوريون ڪيون آهن ۽ هاڻ نڪولس اسپارڪ، ڊان برائون، جان گرين ۽ ولڊيورانٽ جا ڪتاب پيو پڙهي. لائبريري جي فيس ادا ڪرڻ لاءِ مون کي قرض ڪڻڻو پيو، وري هڪ دفعي فرمائش آئي تہ جيئن تہ اسڪول ۾ فنڪشن آهي ان لاءِ اوهان هڪ خاص جڙي ٻوٽين وارو شربت ناهي موڪليو جڙي ٻوٽيون سائبريا ويجهو ڪوڪاف جبل جي آسپاس روس ۾ ملي وينديون ۽ ها خيال رهي تہ انهيءَ شربت سان گڏ اوهان مائٽن کي بہ انهي فنڪشن ۾ شريڪ ٿيڻو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي هڪ مخصوص قسم جي پوشاڪ ۽ جوتا پائي اچڻا پوندا جيڪي صرف ۽ صرف ناسا ۾ ڪم ڪندڙ سائنسدانن وٽ هوندا آهن! ائين نوٽيس مٿان نوٽيس ايندا رهيا، ڪڏهن ٻار کي ٽارزن ٺاهي موڪليو، ڪڏهن ٻار کي فقير جي ڊريس ۾ موڪليو، ڪڏهن اڪبر بادشاهہ جي ڊريس ۾ موڪليو وغيره وغيره.

اهي نوٽيس پڙهي پڙهي اسان نيٺ اچي حيدرآباد جي گدو اسپتال وسائي آهي ۽ ننڍڙو تعليم يافتہ ٿي ويو آهي، ڪن ۾ والي پائي ٿو ۽ هڪ ڦيٽي تي موٽرسائيڪل هلائي ٿو ۽ ان وٽ آءِ فون آهي هُو هاڻ پنهنجي وني سان خوش آهي، بس ڪڏهن عيد تي گدو اسپتال اچي اسان سان سيلفيون ڪڍي ويندو آهي. خانگي اسڪول سنڌ ۾ تمام گهڻي ترقي ڪري رهيا آهن ۽ ٻارڙن جي مائٽن جي گهڻائي هاڻ گدو اسپتال ۾ وڌي وڃڻ جي ڪري خانگي اسڪول پاڻ سان گڏ اهڙيون ننڍڙيون اسپتالون کولي رهيا آهن، اسين ٻار جا مائٽ اتي گدو اسپتال ۾ يادگيري وڃائي زنجيرن ۾ ٻڌا پيا آهيون ۽ اونهاري ۾ جانور ٻڌجي اتي اچلايل برف پيا چٽيون ۽ رڙيون پيا ڪيون. جيئن ٻارڙن سان گڏ سندن مائٽن کي بہ انهن جي علم ۽ تجربي مان فيض حاصل ٿئي.



# حاڪماڻي سوچ جا منفي پهلو

منظور ٿهيم

منهنجي خيال ۾ مهذب قومون پنهنجي زمين، ٻولي ۽ معاشي سگهه ذريعي پنهنجي حيثيت اجاگر ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ ته قومن جي مستقبل جو تعين انهن ئي ڳالهين مان ٿيڻو آهي. جديد دور جي تقاضا اها آهي ته جيڪي شيون انسان جي حيات لاءِ لازم آهن انهن جي حفاظت ڪجي ۽ انهن جو بچاءُ ڪجي، پر ان متعلق اسين ڪيترا سنجيده آهيون ۽ ان خيال جي پوري عمل ڪي سمجهڻ جي ڪيتري سگهه رکون ٿا ۽ ان متعلق ڪهڙي نوس عمل جي ضرورت آهي. اڄ جو بنيادي سوال پڻ آهي. هيءَ هڪ سادي حقيقت آهي ته سنڌي سماج پنهنجن اوائلي رشتن مان اڃان پوري طرح آزاد ٿي ناهي سگهيو، زمين تي هاري جو حق تسليم ٿيل نه هجڻ ڪري جاگيردار ڪلاس اڃان به طاقتور آهي. قومي بورجوا نه هجڻ ڪري سياست ۾ حاڪماڻه، جارحاڻه ۽ مسلح سپاهين جو ڪنٽ هر طرف ملڪ جي ديوارن. چوراهن، آفيسن، مدرسن، بئنڪن ڪاروباري نيڪن ۽ ماڻهن جي ذهنن ۾ نظر اچي ٿو بلڪ هر هنڌ انهن جو ئي ڏاڪو آهي. رياست ان ڳالهه کي ڪڏهن سنجيده ئي ناهي ورتو ته معاشي قدر سدائين ساڳيا ناهن رهندا. اهي تبديل ٿيندا آهن مثال طور زراعت جي مڪنائيزڊ ٿيڻ ڪري هاري مزدور اجرتي هاري ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو ان ڪري زميندار جي حاڪماڻي رويي مان آزاد ٿي وڃي ٿو، حاڪماڻي طرز زندگي گذاريندڙ رياستون پنهنجي اندر سمورين تخليقي صلاحيتن جو خاتمو ڪري حاڪماڻي سوچ جون حامي ٿي بيهن ٿيون جڏهن ان جا استحصالي طبقا تبديلي آڏو بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيئن هن وقت پاڪستان جي سياست ۽ سماجي زندگي ۾ نظر اچي ٿو. اهو عمل اسان کي ماڻهن جي هڪٻئي جي روزانه ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۽ لهجن ۾ صاف نظر ايندو.

پوين ڪيترن ئي سالن کان سنڌ جا تقريبن سمورا ماڻهو عالمگير نوعيت جي سموري تيزي کي ائين چوندي رد ڪندا رهيا آهن ته سنڌ سدا قائم آهي ۽ سدا قائم رهندي، ها! سنڌ رهڻي آهي پر ڪهڙي شڪل ۾ ان نوعيت جي سوال تي واقعي به سنجيده ٿي سوچڻ جي ضرورت آهي. دراصل ان ڳالهه جي ابتدا ٿي چڪي آهي ته سنڌ جو زرعي سماج پنهنجي روايتي طريقن ۽ پراڻي زرعي نظام ۾ رهندي عالمگير نوعيت جي تبديلي ۽ تجربن مان ڪجهه به سکڻ کان محروم آهي. ڇاڪاڻ ته هي معاشرو حاڪماڻي طرز حڪمراني سبب سياسي، معاشي ۽ اخلاقي ڏيوالپڻي جو شڪار آهي. جي ڏسجي ته سنڌ جو موجوده سماجي ڍانچو ان بيٺڪيت جو تسلسل آهي جيڪا هيستائين هندوستان جي ورهاڱي واري دور کان قائم آهي. جنهنڪري هيستائين جاگيرداري جون پاڙون هن زمين اندر گهرائي تائين پهتل آهن. ڪيتري وقت کان ملڪ جون ڪاٻي ڌر جون پارٽيون پنهنجي سياسي منظر نامي ۾ ان ڳالهه کي پختي انداز ۾ بيان ڪنديون رهيون آهن ته ملڪ مٿان جاگيرداري، ملان ۽ ملٽري جو راڄ آهي جيڪو هاڻ ڪلي واضح ٿي آيو آهي، جي ڏسجي ته اهو سڀ حاڪماڻي سوچ جو تسلسل آهي. اها ڳالهه بيحد سنجيده ۽ سمجهڻ جي آهي ته قومون ۽ تهذيبون انهن ماڻهن لاءِ اهم هونديون آهن جيڪي پنهنجي زمين سان ۽ ماڻهن سان سمجهه ۽ شعور واري رشتي تحت جڙيل هوندا آهن انهن آڏو ماڻهو جو بنيادي سوال آزادي ۽ برابري وارو هجي ٿو. هن وقت سنڌ جي زمين جيڪا گهڻو ٽڪو قبضي ۾ آهي وڏيرن، جاگيردارن، رٽائرڊ فوجين، انعام، نيلام، ڪارپوريشن ۽ بلڊرز مافيائن ۽ سياسي مافيائن جي جنهن اهڙو پاڪستان وجود ۾ آندو آهي جيڪو بنيادي انساني آزادي، ادب، ڏاهپ ۽ مجموعي قدرن کان محروم ٿي ويو آهي. ادارن جي نسبت فرد وڌيڪ سگهارو آهي، ان حاڪماڻي روش سبب عام زندگي ۾ اسان جا هيروز به ائين آهن. شهيد نذير عباسي ۽ حسن ناصر غدار ڇاڪاڻ ته هنن اهڙي حاڪماڻي سماج جي مخالفت ٿي ڪئي، هن ملڪ ۾ انسان پنهنجي مرضي جي زندگي گذارڻ کان محروم آهن ڇاڪاڻ ته حاڪماڻي (اٿارٽيرين) سوچ هر هنڌ ماڻهو کي پنهنجي آزاداڻه زندگي گذارڻ کان روڪي رکيو آهي. ملڪ جا حڪمران پنهنجين ناڪامين کي رياستي رٽ جي نالي تي ماڻهن ۾ وڌيڪ غربت، بي روزگاري، اڻ برابري، پرتشدد رويا، ٽٽندڙ خاندان، تيزي سان وڌندڙ آلودگي، لڏپلاڻ، شهري ۽ ٻهراڙي زندگي ۾ وڌندڙ فرق کي وڌائي ماڻهو کي تنها اوپرو ويڳاڻو ۽ نراسيت ۾ رهڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن ماڻهو آزاد ناهي ۽ نه ئي ان متعلق علم يا ادراڪ رکي ٿو. شهري ٿيڻ لاءِ هن وٽ ڪابه معاشي سگهه ڪانهي ٻهراڙيءَ سان لاڳاپيل هجڻ ڪري ان جو شعور تخليقي ته آهي پر ڪارپوريٽ قدرن کان محروم آهي. ٻولين جي پنهنجي اهميت هجي ٿي سنڌي ٻولي جو قديم هجڻ کان وڌيڪ اهميت ان ڳالهه جي آهي ته اها تخليقي ڪيتري آهي، ٻولي جا ادارا پنهنجي جڳهه تي اهم آهن پر ان سوال ڏانهن ڪنهن جو ڌيان ئي نه پيو وڃي ته ادب ۽ سماجي سائنس کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جهڙن رجحانن جي گهٽجڻ جا ڪهڙا سبب آهن. لياري جي علائقي ۾ ننڍيون وڏيون به سئو لائبريريون هيون سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لائبريري جو ڪلچر ختم ٿي ويو آهي، ان کان به وڌيڪ خطرناڪ صورتحال هي آهي ته پرائمري تعليم جو نظام انتهائي پراڻو ۽ تباهه حال آهي. سانگهڙ ضلعي جا ئي

چار سئو اسڪول بند آهن، جيڪي رڪارڊ ۾ موجود آهن ۽ جن جا استاد باقائدگي سان پگهارون کڻن ٿا ۽ وري جيڪي اسڪول ڪليل آهن انهن ۾ تعليم ڏيڻ جو طريقو ۽ نصاب رهي سهي ڪثر پوري ڪري ڇڏي ٿو. تعليم جو ٻيو رخ اهو ٻي لغام پرائيوٽ سيڪٽر آهي جيڪو پوري سماج کي اڌوهي وانگر چهٽيل آهي طبقاتي تعليمي نظام حقيقت ۾ ان درد جو آئيني دار آهي جنهن کي اسين ڄاڻي واڻي هتي ڏيئي رهيا آهيون ان کي ان ڪري به ناقص بڻايو پيو وڃي ته خيالن جي ڏي وٺ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ ته جيئن سماج ڪنهن به انقلابي اڇل کان محروم رهي. هتي اسان کي رياستي قانون، حڪمرانن جي مفادن ۽ تمنائن کان وڌيڪ ان ڳالهه جو فڪر آهي ته سنڌي ٻولي آهستي آهستي سنڌي سماج کان ٻاهر ٿيندي پئي وڃي جيڪا ڳالهه نه سنڌ جي روح وٺان آهي ۽ نه وري سنڌي ماڻهو جي شعور وٽان. هن ڳالهه کي شدت سان محسوس ڪرڻو پوندو ته ٻولي ماڻهو جي روزمره جي ڪم اچي ٿي پر ساڳي وقت ماڻهن جي روح جي گهرائين مان ٿيندي نه صرف ان کي خاص ناهي ٿي پر ان جي روحاني گهرجن جو پورائو ڪري ٿي ۽ ساڳي وقت ان مان لطيف، سچل، سامي جهڙن ڪردارن کي ناهي گهڙي ٿي. حقيقت ۾ فرد پنهنجي ٻولي وسيلي پنهنجي سماج سان جڙيل رهي ٿو ۽ شعور جون منزلون ماڻي ٿو، هاڻ اهو سمجهڻ مشڪل ڪونهي ته سنڌ جو شعور جيڪو ٻولي سان سلهاڙيل آهي ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پوري تياري ڪئي پئي وڃي ۽ عام ماڻهو کي ائين ڪرڻو پئي ٿو جو سماج پنهنجا معيار مشيني طرح سان قائم ڪري رکيا آهن جن جو تعلق نه زمين سان آهي، نه ٻولي سان، نه ادب نه ثقافت سان ان جو تعلق صرف ۽ صرف حاڪماڻي سوچ سان آهي. سوچ کان خالي ماڻهن جو اهڙو لشڪر پيدا ڪيو پيو وڃي جيڪو غلاميءَ واري دور کي جديد انداز ۾ جاري رکي سگهي، هي هڪ اجايو خيال آهي ته سنڌي ٻولي اسٽيٽسڪو کي بحال رکڻ ۾ وڏيرن، ڦورن، فوجين ۽ رياستي استحصالي قوتن جي مدد ڪري رهي آهي. ان ڪري انگريزي کي ئي تعليم جو ذريعو بڻايو وڃي پر جيڪي ماڻهو ٻهراڙين مان شهري ٿيا آهن پنهنجن ٻارن کي انگريزي پڙهائي سي ايس ايس آفيسر ڪيو، پوءِ انهن پنهنجن ماڻهن سان ڇا ڪيو ۽ انهن جي پئسي کي ڪيئن چورايو ۽ وڏيري جي سياسي سگهه کي ڪيئن مضبوط ڪيو ان کي وڌيڪ سمجهڻ جي ضرورت آهي. مان وري ان سوال تي اچان ٿو ته سماج حاڪماڻي سوچ مان ڪيئن ٿا نجات حاصل ڪن، انسان پنهنجي حياتي کي جي ڏينهن سان ڪٽ جوڙ ڪندو ته شايد اها تبديلي ممڪن ٿيندي نظر نه اچي، پر اسان مان ڪيترا ماڻهو شعور ۽ مزاحمت جا پرچهلو ٿي بيهن ته شايد ان حاڪماڻي سوچ مان نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي.





### ڪمينٽس

# سال 2017 سنڌ لاءِ ڪيئن رهيو

## امان الله شيخ



سال 2017 منهنجي خيال ۾، اميدن آسرن ۽ نراساين جي پنور ۾ رهندي موڪلائي رهيو آهي. اميدن جي حوالي سان ملڪي سطح تي ڏسنداسين ته سياست سياسي لحاظ کان وڌي عدالتي سرشتي ۽ رياست جي غير سياسي عنصرن ۾ تحرڪ پسندي (Activism) جو عمل چانيل رهيو. ان ڪري سياست ۾ ڏرڻا ڪلچر ۽ غير يقيني صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير ڪرڻ ۾ سياستڪار ملوث رهيا. سياستڪارن، عوامي مسئلن ۽ مونجهارن کي اسيمبلين ۾ نبيرڻ جي برعڪس ڪنٽينر ڪلچر کي زور وٺرايو، ان ڪانسواءِ سياسي مخالفن لاءِ نفرت ۽ ڌڪار جهڙن روين کي اپارڻ ۾ هٿ به وٺايو. ان جي ڪري سياست ۾ سجاده نشيني ۽ آمرانه ڪلچر کي فروغ مليو. اهڙي صورتحال ۾ سياسي عمل ۽ ان جي واڌاري ڏانهن ڌيان ڏيڻ بجاءِ سياستڪارن فوج کي ملوث ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ فوج به پنهنجا پانڌ بچائي نه سگهي. هوڏانهن عدالتن ۾ انصاف ملڻ ۽ ڪيسن جي ترت اڪلائي کان وڌيڪ سياسي بيان آرائي کي اهميت ڏني وئي. ان جو تازو مثال سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ميان ثاقب نثار جو تحرڪ پسندي جي آڌار تي ڏنل بيان کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي جنهن ۾ موصوف عدليه پاران آيل فتوائن خاص ڪري جهانگير ترين جي نااهلي ۽ حديبيه شگر ملز جي بچاءُ ۾ قسما قسمي، نظر انداز ڪري نٿي سگهجي. هوڏانهن سنڌ ۾ بهتر سرڪار جو عمل ته خواب بڻجي چڪو آهي پر سرڪار جي جاءِ تي فيوڊل جمهوريت جي نالي ۾ جاگيردارانه سوچ کي وڌيڪ هٿي ڏني ان جي موٽ ۾ سنڌ کي تعليم جي بربادي، گندي پاڻيءَ جو واهپو ۽ زراعت جي تباهي سوکڙي طور مليا. سنڌ ۾ جمهوريت جي نالي ۾ هڪ پارٽيءَ جي حاڪميت جا اڳتي هلي وڌيڪ ڀيانڪ نتيجا سامهون ايندا ڇو ته هڪ صاف سٿري جمهوريت لاءِ مخالف ڌر جو هئڻ لازمي ۽ اهم هجي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ هڪ نئين اميد جو ڪرڻو نظر اچي پيو ته قومپرست، ترقي پسند ۽ روشن خيال پارٽين ۾ ويجهڙائي ايندي وڃي پئي. ان جو مثال عوامي جمهوري پارٽي پنهنجي ابتدائي جوڙجڪ ۾ ڄاڻايو هو ته سنڌ ۽ سڄي ملڪ جو اڄوڪو تعليم جي بحالي سان واڳيل آهي. ان لاءِ ڏرڻا ۽ لانگ مارچون ڪيون ويون جو نيٺ سرڪار کي نالي ماتر به تعليمي هنگامي حالتن جو اعلان ڪرڻو پيو. ان ڪانسواءِ آدمشماري مانيٽرنگ ڪاميٽي جي اتحاد هيٺ آدمشماري بابت سنڌ جي ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي جدوجهد شروع ڪئي وئي. اهي ڪاميابيون هڪ نئين باک جو سنيهو آهن. سال 2018 ۾ سنڌ لاءِ نيون آزمائشون آهن انهن ۾ سڀ کان اهم ڌارين جي آبادڪاري خلاف جدوجهد سنڌ ۾ ورڪ پرمٽ لاڳو ڪرڻ ۽ سياست ۾ مڊل ڪلاس ۽ جمهوري عمل کي فروغ ڏيڻ سان گڏوگڏ سماج جي موجوده سٽاءُ کي زراعت کان صنعتڪاري ڏانهن وٺي وڃڻ آهي.

***

## ڀائي خان شر



2017 آرٽ جي حوالي سان سنڌ لاءِ ڪيئن رهيو. اسان آرٽ کي ٻن ڊائمنڊشن ۾ ڏسون ٿا هڪڙو آهي ويزوئل آرٽ ۽ ٻيو آهي پرفارمنگ آرٽ. مزي جي ڳالهه اها آهي ته گذريل ٻن سالن ۾ ويزوئل آرٽ پنهنجي جاءِ تي ته ترقي ڪئي آهي جيڪا پرفارمنگ آرٽ آهي اها ايتري گهٽي منظم ڪونهي پر ان هوندي به منهنجي نظر ۾ تمام گهٽي Remarkable آهي. سماج ۾ ماڻهن آرٽ کي مڃتا ڏيڻ شروع ڪئي آهي ۽ ان ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي. منهنجو سينٽر (CEAD) ويزوئل آرٽ تي ڪم ڪري ٿو. اسان رڳو ان پاسي کي ئي ڪٿون ته خبر پوندي ته ڪلهه جيڪو مون وٽ ٻار داخلا لاءِ آيو پئي اهو ٻين ادارن ۾ داخلا نه ملڻ جي ڪري هيڏانهن پئي آيو، ميڊيڪل ۾ يا انجنيئرنگ ۾ داخلا نه ملڻ ڪري ٻار اسان ڏانهن پئي آيو. پر گذريل ٻن سالن کان تمام گهٽي تبديلي آئي آهي ۽ اهو بلڪل ريورس ٿي ويو آهي. هاڻي اسان وٽ داخلا ۾ سٽر سيڪڙو انهن ٻارن جي گهٽائي آهي جن کي آرٽسٽ ئي ٿيڻو آهي باقي ٽيهه سيڪڙو اهي ٻار آهن جن کي ڪا ڊائريڪشن ڪونهي يا وري ٻين ادارن ۾ داخلا نه ملڻ ڪري هيڏانهن اچن ٿا. هڪڙو ٻار اسان وٽ آيو جنهن جي مهراڻ يونيورسٽي جي هڪ سٺي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ٿي چڪي هئي ۽ هو هتي به انٽرويو ڏيڻ آيو. اسان جو ڊين مهراڻ يونيورسٽي مان ايندو آهي ٻارن جا انٽرويو ڪرڻ، ان شاگرد کان پڇيائين ته تنهنجي ته داخلا مهراڻ ۾ ٿي چڪي آهي ان ڇوڪري ڊين کي چيو ته سر مان ته آرٽسٽ ٿيندس ۽ ساڳئي طريقي سان ميڊيڪل مان به هڪ شاگرد پنهنجي ميڊيڪل جي سيٽ ڇڏي

هتي اچي داخلا ورتي اها تہ ميڊيڪل ۾ ٽاپر هئي پر هن کي آرٽسٽ ٿيڻ جو شوق هو ۽ هتي اچي داخلا ورتائين. ٻارن جي رجحان ۾ هينئر جيڪا تبديلي اچي رهي آهي اها تمام گهڻي واضح آهي. هن وقت جيڪي شيون ان ڳالهہ ۾ رڪاوٽ وجهي رهيون آهن اهو سوسائٽي جو هڪ مخصوص مائينڊ سيٽ آهي، آسان لفظن ۾ جيڪڏهن چوان تہ اسان وٽ ٻارن کي مقصد انسان ناهڻ ڪونهي. اسان جي معاشري جو مائينڊ سيٽ اهو آهي تہ ٻارن کي پئسن ناهڻ جي مشين ڪيئن ناهجي اهو جائز يا ناجائز طريقي سان ناهي سگهي، اهو مائينڊ سيٽ وڏي رڪاوٽ آهي. آرٽ ۾ تہ محنت سان ئي پئسو ڪمائي سگهجي ٿو جيڪو هڪ مشڪل ڪم بہ آهي ان لاءِ آرٽ جي لاءِ گهڻي پذيرائي موجود نہ آهي. مائيڪل اينجلو جڏهن ڊيوڊ جو مجسمو ناهيو تہ هن چيو هو تہ اهو مجسمو مون ڪونہ ناهيو آهي بلڪہ اهو تہ ان پٿر جي اندر لڪو وينو هو ۽ رڙيون ڪري مون کي چيائين تہ مون کي ان مان ڪڍ ۽ مون تہ صرف اضافي پٿر کي ٽڪي پري ڪيو ۽ ڊيوڊ توهان جي اڳيان آهي هن چيو منهنجو تہ ان ۾ ڪوبہ ڪمال ڪونهي. ساڳئي طريقي سان اسان جو ٻار بہ اعلان ڪري ٻڌائي ٿو تہ مان ڇا آهيان پر اسان جي ان تي نظر ڪونهي تہ اسان ان کي ڇا ناهيون ٻار جي اندر جيڪي بہ لڪل خوبيون آهن ان جي مطابق ان کي ڪيريئر چونڊڻ جي اجازت ڏيون. ماڻهو اڪثر مون کان پڇندا آهن تہ اسان جي ٻار هاڻي انٽر جو امتحان ڏنو آهي اسان کي ٻڌائي تہ ڪهڙي فيلڊ ۾ موڪليونس. منهنجي لاءِ تہ اهو سوال ئي غلط آهي تہ ٻار کي مائٽ ڇا ناهي پر مائٽ کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ ان ٻار جي اندر ڪهڙو انسان موجود آهي جيڪو اڳتي هلي پنهنجي مرضيءَ جي ڪنهن بہ فيلڊ ۾ ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ ڪامياب انسان بڻجي سگهي ٿو. سنڌ ۾ ٻارن جي اندر آرٽ جو شوق بي انتها موجود آهي سماج پريو پيو آهي. ڪجهہ ماڻهو تہ هاڻ پوڙها ٿي ويا آهن پر انهن جي اندر بہ هڪ آرٽسٽ موجود هو جيڪو ٻاهر نہ اچي سگهيو. هاڻي مائٽن جي اندر آرٽ جي لاءِ هڪڙي قبوليت وارو احساس پيدا ٿي رهيو آهي تہ اهو بہ ڪو شعبو آهي ۽ ان ۾ بہ ٻار کي موڪلي سگهجي ٿو پر اها تبديلي ايتري گهڻي واضح ڪونهي پر بهرحال موجود ضرور آهي. ڪجهہ ماڻهو مون سان ملڻ ايندا آهن جن جو تعلق ننڍن ننڍن ڳوٺن ۽ شهرن سان هوندو آهي جيڪي پنهنجي ٻار جي آرٽس سان رغبت کي ڏسي مون سان ملڻ ايندا آهن ۽ پوءِ اسان انهن کي CEAD گهمائيندا آهيون ۽ اها ڳالهہ مون کي ڏاڍي خوشي ڏيندي آهي. انهن ٻارن ۾ پرائمري جا ٻار بہ هوندا آهن تہ هاءِ اسڪول جا ٻار بہ شامل هوندا آهن. اهي تبديلي جا اهڃاڻ آهن انهن جي وڪ اڃان هرٽي جهڙي تہ ڪونهي پر ڏيڍر جهڙي ئي هجي پر موجود ضرور آهن.

***

# ايم. عالم بروهي



جولاءِ 2016 کان سنڌ جي اعليٰ انتظامي تبديلي جي ڪري سنڌ جي عوام اندر اميد جي هڪ چٽنگ جاڳي هئي تہ سنڌ ۾ تبديلي ايندي. مراد علي شاهہ جيڪو هن وقت وزيراعليٰ آهي تمام گهڻو پڙهيل ڳڙهيل ۽ متحرڪ شخصيت جو مالڪ آهي ان مان واقعي اها اميد ڪري سگهجي پئي تہ هو سنڌ اندر ڪرپشن کي ختم ڪندو، پوليس جي سرشتي اندر ميرٽ جي بنياد تي پرتيون، بدليون، ترقيون يا تنزليون ڪندو پر هو تقريبن انهن سڀني شين ۾ ناڪام نظر اچي رهيو آهي. سنڌ هن وقت بيڊ گورننس، ڪرپشن، معاشي، بد انتظامي جو شڪار آهي. اها سڄي صورتحال سنڌ جي عوام لاءِ ڏکوئيندڙ آهي. سنڌ حڪومت سنڌ جي عوام جا حق جنهن ۾ ناٽو، ايريگيشن واٽر، فيڊرل ڊپارٽمينٽس ۾ سنڌ جي ماڻهن جو حصو. ان کان علاوه سي پيڪ ۽ ٻيا بين الاقوامي ترقياتي پروجيڪٽس ڏيارڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام نظر اچي رهي آهي. سنڌ هن وقت سياسي، معاشي، اقتصادي ۽ صحت جي مسئلن ۾ گهيريل آهي جنهن جو سبب ان جا اهي خود غرض ماڻهو آهن جيڪي پنهنجن مفادن جي ڪري سنڌ جي عوام جي حقن کي وساري وينا آهن ۽ سنڌ جي خوشحالي، علاقائي يڪجهتي، ڪلچر ۽ ٻوليءَ کي وڏو ڌڪ رسايو آهي. اسان پنهنجي سنڌي هجڻ جو حق ادا نہ ڪيو آهي ۽ مڪمل طور تي ناڪام نظر اچون ٿا. پنهنجي مفادن کي نظر ۾ رکندي پنهنجي نئين نسل جي مستقبل کي بہ مڪمل طور تي نظر انداز ڪري رهيا آهيون. هن وقت هر ماڻهو انفرادي طور تي پنهنجي مفادن جو تحفظ ڪندي نظر اچي ٿو جيڪو هڪڙو وڏو معاشرتي گناهہ آهي. اعليٰ قومن ۽ سٺين سوسائٽين ۾ ان جي ڪابہ معافي ڪونهي. 2017 هڪ سال جيڪو سنڌ کي ڪجهہ ڏيئي سگهيو ٿي بغير ڪجهہ ڏيڻ جي گذري ويو. وري ڪجهہ ٻيا ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن تعليم جي ساڳي تباهي نظر اچي رهي آهي هڪ عام ماڻهو پوليس جي تشدد جو شڪار آهي. سماج ۾ امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. طاقت جي اظهار تي هٿيارن جي نمائش وڌي رهي آهي. معاشري ۾ مايوسي تمام گهڻي وڌي رهي آهي، ڌرتي دانهون ڪري رهي آهي ۽ ان جا ڪي بہ اهڙا سپوت اڳيان وڌي سندس ڳوڙها اگهڻ لاءِ تيار نہ آهن چاهي انهن جو تعلق قومپرستن، ساڄي ڌر سان يا کاٻي ڌر سان هجي.

حصو ٽيون

# فرانسڪاتي ۾ اڪائونٽ ڪولرائڻ

ٽريولاگ

اعجاز منگي

لوڪا اسان کي ڪمرو ڏيکاريو، ڪمري ۾ ئي ننڍڙو ڪچن ۽ فرج پيل هو واشنگ مشين لاءِ ٻڌايائين ته پرسان ئي ڪمري ۾ پيل آهي.
لوڪا پلو ماڻهو آهي مون کي لڳي ٿو ته اٽالين ڪافي مددگار ماڻهو آهن لوڪا به انهن مان هڪ آهي. ڏکهو، سنهڙو ۽ نرم مزاج. اسان سامان ڪٽي اڇي ڪمري ۾ پهتاسين بک به ڪافي لڳي هئي مون لوڪا کان پڇيو ته ڊنر ڪٿي ڪجي جنهن تي چيائين جنهن اسٽيشن تي توهان لٿا هئا ان کان مٿي جيڪي ڏاڪڻيون وڃن ٿيون اتي چڙهي وڃو. اڄ واري رات پبلڪ پارٽي ٿيندي آهي جتي شهري کاڌي پيتي جا اسٽال لڳائيندا آهن. توهان اتي وڃي ڪائي پي سگهو ٿا.
اهو فرانسڪاتي جو ڊائون ٽائون يا سٽي سينٽر يا مرڪز هو. مٿي وڃي پهتاسين ته ننڍا ننڍا اسٽال لڳل هئا جتي مختلف کائڻ پيئڻ جون شيون هيون هڪ دڪان واري کان پڇيوسين ته چپس جي قيمت ڇا آهي چيائين ته پهرين وڃي ٽڪيٽ خريد ڪري اچو ان کانپوءِ هتي توهان کي ٽڪيٽن جي بدلي ۾ شيون ملنديون. اسان 10 يورو جون ٽڪيٽون ورتيوسين جنهن مان 8 يورو جو چپس ۽ 2 جنهن کي رائيس بال پيا چون اهي ورتاسين ڪجهه پيٽ پوڄا ٿي ان کانپوءِ گهمڻ ڦرڻ لڳاسين. فرانسڪاتي ائين آهي جيئن مري، هيٺ مٿي رستا، شهر جو سينٽر ڪافي مٿي آهي جتان روم جو نظارو تمام زبردست نظر ايندو آهي اها ڳالهه ته ضرور ٻڌي هوندي ته نيرو روم جو ٻرندڙ نظارو ڏسڻ لاءِ روم کي باهه لڳائي هئي. روم جلندو رهيو ۽ نيرو بانسري وڄائيندو رهيو. مان سمجهان ٿو ته نيرو فرانسڪاتي جي ڪنهن پهاڙي تي ويهي بانسري وڄائي هوندي. هتي تقريبن ٽي سئو سال پراڻو چرچ آهي جيڪو تمام وڏو آهي ان جي اڳيان ڪافي وڏو ميدان آهي جتي ڪرسيون پيون آهن. شام ٿيندي ئي ماڻهو گڏ ٿيندا آهن، ڳائيندا وڄائيندا آهن کائيندا آهن ۽ پيئندا آهن کاڌي سان اڪثر جام پيو هوندو آهي، جام جي سرڪي پريندا ۽ کائيندا پيئندا آهن پيزا (Pizza) جي شروعات اٽلي کان ٿي ۽ اٽلي جو پيزا دنيا ۾ مشهور آهي. هتان جا ڪجهه پيزا جا دڪان اهڙا پيزا ناهين ٿا جيڪي اسان جي ذائقي مطابق آهن ۽ ڪجهه اهڙا آهن جڻ ڪٽڪ جي ميدي جي ماني جي مٿان هنن ڪيچپ ۽ ڪنيي رکي ڇڏي آهي. اهڙا پيزا پاڻ کي گهٽ پيا وڻن. شام جو سٽي سينٽر ۾ ڪافي چهل پهل هوندي آهي ماڻهن جي اچ وڃ ڪل پوڳ ڪا جوانڙي ۽ ڪنهن جوان سان سر عام پئي عشق جا جام پئي پيئندي ۽ پيارينڊي نظر ايندي چپن جي جام سان گڏ شراب جا جام پيا هلندا. پر اسان وٽ يورپ جو جيڪو نظريو آهي هرهڪ سان هوندي جانورن جيان زندگي گذارين ٿا. ائين نه آهي بواءِ فرينڊ ۽ گرل فرينڊ ايئن رهن ٿا جيئن زال مڙس ڏک سک ۾ هڪٻئي جا شريڪ ٿين ٿا جيستائين گڏ رهڻ جو فيصلو ڪن ٿا ته پوءِ ڪم ڪار کان اقتصادي بار به ڪٽن ٿا ڪافي وقت گڏ رهڻ کانپوءِ جڏهن سمجهن ٿا ته هاڻ گڏ رهي سگهن ٿا پوءِ شادي ڪن ٿا ۽ ٻار به پيدا ڪن ٿا. سچائي اٿن ڪنهن جي به گرل فرينڊ ٻئي ڪنهن ڏانهن نٿي واجهائي. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه جي ڪري بريڪ اپ ٿي وڃي ٿو ته پوءِ نوان ساٿي ڳولهين ٿا ۽ ايئن زندگي گذارين ٿا. روميو جولٽ به هتان جا هئا. فرانچسڪو ٻڌايو ته هن جي ۽ سندس زال جي طلاق ٿي چڪي آهي، ڪيس پنهنجي پگهار جو گهڻو حصو زال کي ڏيڻو ٿو پوي پوءِ آخر ۾ وٽس تمام گهٽ پئسا بچن ٿا هتي طلاق ڏيڻ به سولو ڪم نه آهي خير رائيس بال ۽ چپس کائي واپس روم ڏي آيس صبح جو آفيس وڃڻو هو جتي جوائننگ ٿيڻي هئي ۽ پوءِ ٻيون فارملٽيز پوريون ڪرڻيون هيون اهي سيئي فارملٽيز فرانچسڪو پوريون ڪرايون. دهشتگردي جي واقعن کانپوءِ هتي هنن اڪائونٽ ڪولرائڻ لاءِ ڪافي سختي ڪري ڇڏي آهي خاص طور تي اهي جيڪي ٿوري عرصي لاءِ ايندا آهن صرف بينڪ اڪائونٽ ڪولرائڻ لاءِ پهرين اٽلي ۾ ڪوبه فڪسالي ڪوڊ ڪولرائڻو پوي ٿو ان کانپوءِ بينڪ ۾ وڃي توهان کي پاسپورٽ ڪوڊ فسڪالي ۽ جنهن اداري توهان کي گهرايو آهي ان جو انويٽيشن ليٽر بينڪ ۾ ڏيڻو پوندو. ڪوبه فسڪالي ائين آهي جيئن اسان وٽ اين ٽي اين نمبر جيڪو ٽيڪس ايڊجسٽمينٽ ۾ ڪم ايندو آهي. ان کانسواءِ موبائل فون نمبر به هئڻ انتهائي ضروري آهي. اهي شيون کڻي فرانچسڪو سان بينڪ وياسين پر بينڪ جي پوڙهي بينڪر چيو ته اڄ مصروف آهي سڀاڻي اچجو ٻئي ڏينهن وياسين ته هن ڪاغذ وٺي رکيا ۽ چيائين ته سڀاڻي اچجو، جيستائين هوءِ اسان جي ڊيٽا انٽر ڪري وٺي. ٽئين ڏينهن تي وياسين ته پوڙهي اسان جي سامهون ڊيٽا انٽر ڪئي ۽ ڪي ڏهه ٻارنهن صحيحون ورتائين ان جي پيٽ ۾ اسان جو دوست ڪليگ عدنان جيڪو الجزائر جو آهي ان جا سڀ ڪم هڪ ڪلاڪ جي اندر ٿي ويا. ڇو ته هو پوڙهي بينڪر جي بدران هڪ ٻي بينڪر وٽ ويو هو جيڪا ڪم ڪار ۾ ڦڙت هئي. اها ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته اهو لازمي ناهي ته يورپ آهي ته هتي هرهڪ شيءِ تيز تڪڙي ۽ وقت تي ٿيندي. جيڪو ماڻهو ڪم ڪري ٿو ان تي به اها شيءِ تمام گهڻو منحصر آهي اصل ۾ ادارا ۽ فرد ٻنهي جو متحرڪ هئڻ انتهائي ضروري آهي جيڪڏهن ٻنهي مان ڪو هڪ به ڍلو هوندو ته ڪم پوئتي رهجي ويندو. فرانسڪاتي جي آسپاس تمام وڏا قلعا آهن هڪڙو ڪيسل گونڊلوفو (Castle Gondolofo) آهي جيڪو خوبصورتي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. .....(هلندڙ).



## پئنل انٽرويو

# ٽرانس جينڊر اشرف سَيان سان ڳالهہ ٻولهہ

منظور ٿهيم، ڊاڪٽر اشوٿامام، زاهده ابڙو

منظور ٿهيم: اشرف سيان اسان کي پنهنجي ابتدائي سفر جي باري ۾ ٿورو ٻڌائيندا جنهن ۾ تڪليفون بہ هيون ۽ سکيا بہ؟

اشرف سيان: پٿر جي دور کان وٺي ٻار جنسي خامين سان پيدا ٿيندا رهن پيا اهو مسئلو هر دور جو آهي. ڪجهہ ڇوڪرين کي توهان ڏٺو هوندو تہ اهي ڇوڪرن جهڙا ڪپڙا پائينديون آهن ۽ بلڪل ڇوڪرن جهڙو رويو هوندو اٿن ۽ ڪجهہ وري مرد اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي عورت تصور ڪندا آهن، حالانڪ ڏسڻ ۾ اهي بلڪل مرد هوندا آهن پر هو پنهنجي ارد گرد رهندڙ عورتن سان وڌيڪ رهڻ پسند ڪندا آهن ۽ اطمينان محسوس ڪندا آهن. مردن کان ان ڪري پري رهندا آهن جو اهي انهن جي تذليل ڪندا رهندا آهن ۽ عورتون ٿوريون نرم مزاج بہ هونديون آهن، حساس هونديون آهن ان لاءِ انهن کي انهن سان مزو ايندو آهي. خواتين وٽان انهن کي گهڻو سهارو ملندو رهندو آهي، آئون بہ ننڍي هوندي جنسي خاميءَ سان پيدا ٿيو هئس اهو هڪڙو حياتياتي مسئلو آهي، جنهن ۾ ٻار جي جنس مرد يا عورت ۾ مڪمل طور تي نٿي جڙي. معاشري ۾ اهڙن انسانن کي غلط طرح سان ڏٺو وڃي ٿو، جنهن جي ڪري هو يا تہ ڏوهن جي دنيا ۾ هليا ٿا وڃن يا وري خوف جو شڪار ٿي رهن ٿا. جيستائين منهنجا ماءُ پيءُ زنده هئا تيستائين گهر ۾ آئون ڏاڍو لاڏلو هوندو هئس، اسڪول بہ ويندو هئس پوءِ اچانڪ منهنجي شخصيت ۾ ڪجهہ تبديليون ظاهر ٿيڻ لڳيون منهنجا شوق اهي ئي هئا جيڪي ڇوڪرين جا هوندا آهن جيئن گڏين سان کيڏڻ، رڌ پچاءُ. ننڍي هوندي ڏاڍيون خوبصورت گڏيون ٺاهيندو هئس. پاڙي جون ڇوڪريون اچي مون کان خريد ڪري وينديون هيون. ننڍي هوندي کان مون کي رقص ڏاڍو پسند هو، فلمن ۾ گانن کي تمام شوق سان ڏسندو هئس ۽ اتان ئي ناچ سکيس. شاعري کي سمجهي ۽ پوءِ ان کي پنهنجي انداز ۾ رقص ۾ پرفارم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. ڏسڻ وارا منهنجي انداز مان سڄي شاعري جو مفهوم سمجهي ويندا هئا. پوءِ مون ان جي باقائده تربيت حاصل ڪرڻ شروع ڪئي جنهن تي منهنجي والد مون کي سخت سزائون ڏنيون، منهنجو هٿ ۽ پير ٽوڙي ڇڏيائين. پوءِ آئون گهر ڇڏي پڇي ويس ۽ پاڻ جهڙن ماڻهن وٽ وڃي پناهہ ورتم ۽ رقص جي سکيا جاري رکيم. زندگي جا ڪيترائي رستا آهن ڪجهہ خطرناڪ تہ ڪجهہ سٺا مون هڪ سٺو رستو اختيار ڪيو مون کي خبر هئي تہ جيستائين آئون باقائده تعليم حاصل نہ ڪندس تيستائين آئون ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهان، مون تمام وڏي سطح تي ۽ عام ۽ خاص محفلن ۾ بہ فن جو مظاهرو ڪيو آهي. مون پنهنجي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ بہ فن جو مظاهرو ڪيو آهي، پر هڪڙي ڳالهہ جيڪا منهنجي لاءِ انتهائي ڏکوئيندڙ آهي تہ آئون ماڻهن جي تعصبي روين جو بہ تمام گهڻو شڪار ٿيس. ماڻهن مون کي مخنص هجڻ جي ڪري گهڻو موقعو نہ ڏنو. ٻہ نمبري فنڪارن کي موقعو ڏنو ويو پر مون کي موقعو ڏيڻ کان پرهيز ڪيو ويندو هو. حالانڪ مون ضياءُ الحق کان ويندي ڪياني تائين ۽ بينظير صاحبہ جي اڳيان بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي. ميڊيا وارن جو رويو هميشہ منهنجي لاءِ تعصب جو سبب بڻيو ۽ اهي مون کي اڳيان آڻڻ کان لنوائيندا رهيا. ٻيو هڪڙو موقعو اهو آيو جو حيدرآباد جي شخصيتن جي باري ۾ هڪ ڪتاب لکيو ويو ان ۾ منهنجو ذڪر نہ ڪيو ويو. ڪيترن ئي مسئلن جي باوجود مون حيدرآباد کي نہ ڇڏيو پر ان ڪتاب ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر آهي جيڪي حيدرآباد جا آهن ئي ڪونہ. مون سان هميشہ ويڳي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ويو آهي.

منظور ٿهيم: اسان جي سماج ۾ ٽرانس جينڊر فن جي بجاءِ سيڪس ورڪر جي طور تي اڳيان اچي ٿو ان جا سماج تي ۽ خود ان ٽرانس جينڊر تي ڪهڙا اثرات ٿين ٿا.



اشرف سيان: جيڪي ٻار ان نقص سان پيدا ٿين ٿا انهن کي اعليٰ تعليم ۽ تربيت يا ڪنهن فن جي تعليم ڏني وڃي ته جيئن اهي عزت سان زنده رهي سگهن نه ته سندن زندگي سورن ۾ گذرندي. گهڻو ڪري جيڪي امير گهرن ۾ اهڙي قسم جا ٻار پيدا ٿين ٿا اهي پنهنجن ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏيارين ٿا ۽ انهن مان هٿ نٿا ڪڍن ان ڪري اهي ٻار ڪٿي نه ڪٿي پنهنجو مقام ناهي ٿا وٺن. ٽرانس جينڊر ۾ اهڙا ٻار به آهن جيڪي وڏا ٿي آرمي جي وڏن وڏن عهدن تائين به پهتا آهن، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر به ٿيا آهن. جيڪڏهن انهن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو ويندو ته اهي به عزت سان زندگي گذاري سگهن ٿا. مڊل ڪلاس جي ماڻهن جي ذهنن ۾ انا پرستي وڌيڪ هوندي آهي ۽ اتي اهڙن ٻارن سان اڻبرابريءَ وارو سلوڪ وڌيڪ ٿئي ٿو ۽ انهن کي معاشري کان لڪايو وڃي ٿو ان سچ کي قبول نٿو ڪيو وڃي يا وري اهڙا ٻار خود گهر ڇڏي ڀڄي وڃن ٿا ۽ پوءِ بگهڙن جي هن دنيا ۾ اهو ٻار انهن وحشين جي هٿ ور چڙهي وڃي ٿو ۽ پوءِ سوچي سگهو ٿا ته ان ٻار جو حشر ڇا ٿيندو هوندو. پوءِ اهي ٻار جڏهن ڏوهارين جي ور چڙهن ٿا اهي انهن کي پراسٽيٽيوشن جي طرف ڪڍي اچن ٿا ۽ ائين انهن جي زندگي تباهه ٿي وڃي ٿي. اسان جي ملڪ کي ٺهندي 70 سال ٿي ويا آهن پر اڃان تائين ٽرانس جينڊر هلڪي جي لاءِ حڪومت مڪمل طور ڪوبه لائحه عمل ڪونه ناهيو آهي، ڪوبه ٺوس پروگرام ناهي ڏنو جنهن سان هنن جي زندگي ڪارآمد ٿي سگهي. هينئر مردم شماري ۾ ٽرانس جينڊر جي آبادي تمام گهٽ ٻڌائي وئي آهي ۽ اسان جي لاءِ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙا ڪي پروگرام ٺاهيا وڃن جنهن سان اسان کي مالي امداد ڏني وڃي ته اسان ڇو وڃي در در ڀٽڪي ڌڪا کائون ۽ ماڻهن جون غلط ڳالهيون ٻڌون. انهن جي مٿان ڪيترائي الزام اچن ٿا ته اهي ايڊز جهڙي بيماري ڦهلائين ٿا ۽ معاشري ۾ ڏوهه پکيڙين ٿا اها حڪومت جي ذميداري آهي ته هوءَ اسان جهڙن ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪري. ڪيتريون ئي اهڙيون نوڪريون آهن جن ۾ ٽرانس جينڊر کي آرام سان ٽريننگ ڏيئي سسٽم ۾ آڻي سگهجي ٿو هنن کي ننڍا ننڍا ڪورسز ڪرائي نوڪريون ڏيئي سگهجن ٿيون جيئن اسان وٽ مرد نرسز جي بجاءِ ٽرانس جينڊر کي رکيو وڃي ڇو ته اهي وڌيڪ محفوظ طريقي سان ڪم ڪري سگهن ٿا، انهن کي درزڪو ڪم سيکاريو وڃي ان کان علاوه انهن جي لاءِ حڪومتي سطح تي اهڙا ٿيٽر ٺاهيا وڃن جنهن ۾ انهن کي فن جي تربيت ڏيئي ماڻهن جي لاءِ تفريحي پروگرام رکيا وڃن جنهن سان نه رڳو انهن ماڻهن کي عزتدار روزگار ملي ويندو پر ملڪ به چڱو خاصو ناڻو ڪمائي سگهي ٿو. هڪڙو وقت اهڙو به هو جو هڪڙي مهم هلائي وئي ته اهي خيرات ٿا گهرن انهن کي پڪڙي پڪڙي جيلن ۾ وڌو پئي ويو. جڏهن توهان انهن کي نه ڪا مالي امداد ڏيندو نه انهن جي تربيت جو ڪو بندوبست ڪندا ته پوءِ آخر اهي ڪيڏانهن وڃن پوءِ رستن تي پنڻ ڪانسواءِ انهن وٽ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي.

زاهده ابڙو: اشرف سيان اسان کي اهو ٻڌايو ته جيڪي ٽرانس جينڊر ۾ ٻار پيدا ٿين ٿا انهن جا مائٽ اهي ٻار توهان جي حوالي ڪن ٿا يا اهو صرف هڪڙو ماڻهن جو خيال آهي.

اشرف سيان: اهو بلڪل غلط خيال آهي مائٽ بلڪل به اسان جي حوالي نٿا ڪن. بلڪ گهر وارن جي دل ڌڪوئيندڙ روين جي ڪري آخر ۾ اهڙو وقت اچي ٿو وڃي جو اهو ماڻهو اتان نڪري پاڻ جهڙن ماڻهن وٽ پهچي ٿو وڃي ۽ ان کي جيڪي به پاڻ جهڙا ماڻهو نظر اچن ٿا انهن سان اٿي ويهي ٿو، انهن سان دوستي ڪري ٿو ۽ ائين هو ڪنهن ڊيري تائين پهچي وڃن ٿا جتي هڪ گرو هوندو آهي، جيڪو نئون ميمبر هوندو آهي اهو ان جو چيلو ٿيندو آهي، انهن ۾ به ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن هڪڙن کي زناني ڇيو وڃي ٿو ۽ ٻيا واري فقير چورائجن ٿا جيڪي پنهنجي جنسي آپريشن ڪرائڻ کانپوءِ مڪمل طور تي فقير ٿي وڃن ٿا ۽ ماڻهن کي دعائون ڏيندا ۽ پندا آهن.

زاهده ابڙو: پوري پاڪستان ۾ جيترا به ٽرانس جينڊر افراد آهن انهن سيني گڏجي ڪڏهن ڪا مضبوط اتحاد ٺاهڻ جو سوچيو آهي جتي توهان حڪومت کان پنهنجي حقن جي گهر ڪري سگهو.

اشرف سيان: ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته پاڪستان ۾ جتي به ٽرانس جينڊر موجود آهن اهي سڀ متحد ٿي وڃن ۽ پنهنجي لاءِ ڪو هڪ مضبوط پليٽ فارم جوڙين ۽ پوءِ اتان پنهنجن حقن جي لاءِ جدوجهد ڪن. اسان جي لاءِ سيني کان وڌيڪ ضروري اهو آهي ته اسان کي فني تعليم ۽ تربيت ڏني وڃي، اسان جي لاءِ اهڙا موقعا فراهم ڪيا وڃن جتي اسان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري يا پنهنجي ڪنهن به ڪم سان ڪنهن ٻئي عام پاڪستاني وانگر عزت سان پنهنجو روزگار ڪمائي سگهون. جيئن ته اهي تمام گهڻا با صلاحيت هوندا آهن صرف انهن کي صحيح رهنمائي جي ضرورت آهي. اها وقت جي ضرورت آهي ته ان قسم جو ڪو اتحاد جوڙيو وڃي.

منظور ٿهيم: اڄڪلهه پاڪستان ۾ ٽرانس جينڊر کي آئيني حقن ڏيڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن لاهور ۾ ان قسم جي ڪافي سجاڳي موجود آهي ڇا سنڌ ۾ اهڙي قسم جو ڪو تحرڪ موجود آهي.

اشرف سيان: سنڌ ۾ ٽرانس جينڊر به ڌڙن ۾ ورهايل آهن، سنڌي فقير پاڻ کي سنڌ جي بادشاهزادي ٿا سمجهن ۽ اردو اسپيڪنگ فقير ۽ زنانيون وري پنهنجي ليکي اهي به بادشاهزاديون آهن. ٻوليءَ جي ڪري انهن جي وچ ۾ تمام گهڻو ويڇو آهي جيڪو کين گڏجڻ نٿو ڏئي ۽ پنهنجي حقن جي لاءِ هڪڙي پليٽ فارم تي ويهڻ نٿو ڏئي. ڀارت ۾ هڪڙو ٽرانس جينڊر سپريم ڪورٽ جو جج آهي اتي ميئر به آهي، مطلب مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. مون کي جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ ٿي اچي اها اِها آهي ته اسان جي حڪومت ٽرانس جينڊر کان نفرت ڪري ٿي ۽ چڙ ٿي کائي. ان ڪري اسان جي آباديءَ کي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ هڪ يا ڏيڍ ڪروڙ جي برابر هوندي ان کي پوري ملڪ مان 10 هزار ڏيکاريو ويو آهي. حيدرآباد جي آبادي 160 ڏيکاري وئي آهي، جڏهن ته اسان ڪا تقريب ڪندا آهيون ته ست اٺ سئو ته آرام سان جمع ٿي ويندا آهن. اسان جي حڪومت کي اهو ڊپ آهي ته اسان پارليامينٽ تائين نه پهچي وڃون ۽ سندن برابري ۾ نه ويهون. اسان کي ٽئين جنس جي طور تي معاشري اڃان تائين قبول ناهي ڪيو، اسان جيئن آهيون انهيءَ رنگ ۾ اسان کي قبول ڪيو وڃي ۽ سياسي ۽ معاشي وهڪري ۾ اسان کي برابريءَ جي بنياد تي شامل ڪيو وڃي ته اسان به ملڪ جي ترقي ۾ حصو وٺي سگهون ۽ پنهنجين زندگين کي بهتر بنائي سگهون.

منظور ٿهيم: پوليس، ڊاڪٽر يا ٻيا ڪي اهڙا ادارا انهن سان جڏهن توهان جو واسطو پوي ٿو ته اهي توهان سان ڪهڙو رويو ڏيکارين ٿا.

اشرف سيان: ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ته آئون توهان کي ڇا ٻڌايان. اسان وٽ ڊاڪٽر جنهن کي مسيحا چيو وڃي ٿو جڏهن ڪو خواجه سراءِ جنهن جي شڪل صورت ڪنهن ڇوڪريءَ جهڙي آهي ته اهو ان کي مريض نه پر پنهنجي حوس پوري ڪرڻ جو ذريعو سمجهي ٿو ته ساڳئي طريقي سان پوليس ۾ جيڪڏهن اسين ڪا شڪايت ڪڻي وڃون ٿا ته اسان سان اتي به اها ئي ساڳي جٺ ٿئي ٿي. مون زندگيءَ ۾ جيترو به ڪمايو اهو سڀ لٽجي ويو منهنجي ڪٿي به سنوائي نه ٿي سگهي. رات جو جيڪڏهن ٽرانس جينڊر ڪنهن فنڪشن ۾ فن جو مظاهرو ڪري ٿوري رقم ڪمائي اچن ٿا ته اها به پوليس انهن کان ڦري وٺي ٿي. هيومن رائيٽس وارن جو پلو ٿئي جنهن اسان جي حقن لاءِ آواز اٿاريو، ڊي پي او سان به وڃي

مليس ۽ مون اهڙن ظلمن خلاف آواز بلند ڪيو جنهن جي ڪري هاڻي انهن کان پئسا ڦرڻ واري واردات گهٽجي وئي آهي.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: ماضيءَ جي مقابلي ۾ سماجي رويي ۾ تبديلي آئي آهي شايد ان جو سبب اهو به آهي ته ڪجهه ٽرانس جينڊرز به روايتي ڪم کان هٽي ڪري ترقي پسند سوچ سان ڪافي بهتر ڪم ڪري رهيا آهن، حڪومت به انهن جي حقن کي تسليم ڪيو آهي ۽ ڪجهه قانون سازي ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڪجهه سياسي جماعتن ۽ سول سوسائٽي ڪم ڪيو آهي ان کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو.

اشرف سيان: هڪڙي ٽاڪ شو ۾ اعتزاز احسن ۽ شيخ رشيد الماس بابي سان گڏ ويٺا هئا مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، سپريم ڪورٽ جي طرفان جڏهن آرڊر آيو ته اسان جا شناختي ڪارڊ ٽئين جنس جي خاني ۾ ٺاهيا وڃن تڏهن به اسان کي يقين نه پيو اچي. هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي جو اسان ادارن ۾ وڃي ڳالهائي سگهون ٿا ۽ پنهنجن حقن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڪو بنياد آهي. هاڻي اسان تي ڪو ظلم ٿئي ٿو ته ان لاءِ ايف آءِ آر به ڪٽجي ٿي ۽ بهتري اچي پئي. اميد آهي ته مستقبل ۾ اجان وڌيڪ بهتري ايندي ۽ اسان کي معاشري ۾ صحيح مقام ملندو. اسان وٽ اجان به هڪڙو مسئلو آهي ته شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ وقت ڪيترائي خاندان اهڙن ماڻهن کي ٽرانس جينڊر جي خاني ۾ شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ نٿا ڏين ۽ ڪافي ماڻهن ٺهرايو به آهي. والدين کي ان صورتحال کي سچائيءَ سان منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اهي ماڻهو پنهنجا حق حاصل ڪري سگهن.

ڊاڪٽر اشو ٿاما: ٽرانس جينڊر ڪميونٽي هڪ طويل عرصي کان پنهنجي مخصوص انداز ۾ زندگي گذاري رهي آهي وقت سان ٿيندڙ تبديلين جي ڪري ان سڄي زندگي تي به وڏو اثر پوندو ڪافي فرد اهڙا هوندا جن جي مفادات کي ڌڪ به لڳندو ڇا ان جي لاءِ ڪو چئلينج ته ڪونهي.

اشرف سيان: بظاهر ته اهڙي ڪابه صورتحال ڪونهي، ڇو ته تبديلي ڪا ايتري واضح به نظر نه پئي اچي. انفرادي طور تي ڪافي ماڻهو بهتري ڏانهن وڃي رهيا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيا آهن.

منظور ٿهيم: توهان جي ڪميونٽي معاشري جي استحصال جو شڪار ته آهي ڇا ان کي مذهبي آزادي آهي يا ان لاءِ به توهان جي مٿان ڪو دٻاءُ هوندو آهي.

اشرف سيان: اسان جي ڪميونٽي ۾ اها تمام سٺي ڳالهه آهي جو اسان وٽ مذهب کي ذاتي معاملو سمجهيو ٿو وڃي ۽ اهو اسان جي وچ ۾ ڪو وڏو مسئلو نٿو رکي، اسان سڀ گڏجي رهون ٿا، اسان مسلمان، عيسائي، هندو سڀ گڏجي رهندا آهيون ۽ نه ئي وري سياسي تنظيمون اسان جي اندر مذهبي انتها پسندي جو رجحان ڪٿي داخل ٿيون آهن في الحال اسان انهن سيني شين کان بچيل آهيون.

منظور ٿهيم: زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو وقت اچي ٿو ته ماڻهو پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جو سوچي ٿو توهان کي ڪهڙي شيءِ مضبوط ڪري بيهڻ تي مجبور ڪيو.

اشرف سيان: منهنجي عمر تقريبن 57 سال آهي، انهن سالن ۾ جيتريون تڪليفون مون ڏٺيون آهن توهان انهن جي باري ۾ سوچي به نٿا سگهو. معاشري هميشه مون کي حقارت سان ڏٺو آهي پر مون هار نه مڃي ۽ هميشه پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽرانس جينڊر جي اندر خودڪشين جو رجحان موجود آهي پر ان جا ٻيا به ڪيترائي سبب آهن انهن جي حالت اهڙي هوندي آهي جو انهن جي عزت نفس ختم ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ اهي بنا ڪنهن مقصد جي زندگي گذارين ٿا پر انهن جو جگر ايڏو وڏو آهي جو هو پنهنجي انهيءَ سچائيءَ سان گڏ زنده رهن ٿا ۽ ان کي قبول ڪن ٿا.

زاهده ابڙو: ٽرانس جينڊرز کي جنسي طور حراسان ڪرڻ جا واقعا به ٿيندا هوندا اهڙي صورتحال جو مقابلو ڪيئن ڪندا آهيو؟

اشرف سيان: اهڙا ڪيس گهڻو ڪري سماج ۾ بليڪ ميلنگ کان شروع ٿين ٿا ڇو ته اسان جا به ڪيترائي ڪم ڪيترن ئي ماڻهن سان پون ٿا. پوءِ انهن ماڻهن جون نظرون اسان جو استحصال ڪن ٿيون ۽ اسان کي حق ڏيڻ کان پهرين اسان جو جنسي استحصال به ڪيو وڃي ٿو. اها شروعات هوندي آهي ٽرانس جينڊر کي انهي پاسي راغب ڪرڻ لاءِ پوءِ اهي شخص ان شيءَ کي پنهنجو ڌنڌو بڻائي ان مان زندگي گذارين ٿا، هاڻي توهان پاڻ ئي فيصلو ڪريو ته گنهگار ڪير آهي سماج يا اهو شخص. پوليس وٽ وڃون يا جائيداد جا ڪاغذ ڪيرائڻ وڃون يا ڪنهن ٻئي آفيس ۾ وڃون اسان جا ڪم ائين ٿيندا ئي ڪونه آهن.

منظور ٿهيم: 1970ع ۾ ٽرانس جينڊر لاهور ۾ پيپلز پارٽيءَ سان گڏجي ايوب جي خلاف هڪ تحريڪ هلائي هئي. هاڻي هن ڪميونٽي ۾ اها سياسي سمجهه ۽ اهو تحرڪ ڇو نظر نٿو اچي؟

اشرف سيان: جڏهن اسان ڀٽو سان گڏجي تحريڪ هلائي هئي ته اسان کي ڏاڍو حوصلو مليو هو پر وري اسان کي جماعت اسلامي جڏهن ڀٽو جي خلاف پاڻ سان ملائي تحريڪ ۾ شامل ڪيو جنهن ۾ هڪڙو نعرو ٺهيو هو "ايوب آيا مين نا بولي، يحيٰ آيا مين نا بولي، ڀٽو آيا تو مين بولي چلا گولي چلا گولي." جلوس پريس ڪلب کان ڦري شهر تائين آيو ان جو رد عمل اهو ٿيو هو جو اسان فقيرن کي پيپلز پارٽي طرفان اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو ويو ۽ ماريو ويو. اسان جي ڊيرن تي وڃي حاجي فقيرن کي به ماريو ويو ان جي سزا اسان کي سالن تائين ملندي رهي. اسان کي به راءِ جي آزادي هئڻ کپي اسان به جمهوري نظام جو حصو آهيون ۽ ڪنهن به پارٽي جي حق ۾ يا مخالفت ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهون ٿا پر ان واقعي ڪانپوءِ اسان جي ڪميونٽي تمام گهڻي خوفزده آهي ۽ ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جو حصو بڻجڻ کان لنوايون ٿا. اسان کي سياسي پارٽيون پنهنجو حصو بڻائين ان ۾ ميمبرشپ ڏين ته جيئن اسين به سياسي وهڪري ۾ ڪم ڪري سگهون. هاڻي اسان جي آواز کي ٻڌو به وڃي ٿو پر سياست کان اسان خوفزده آهيون.

منظور ٿهيم: سنڌ ۾ ٽرانس جينڊر جي آبادي ڪيتري هوندي ڇا توهان کي اندازو آهي؟

اشرف سيان: في الحال اسان کي صحيح اندازو ڪونهي ان لاءِ ڪنهن اداري سان گڏجي اسان کي ڪم ڪرڻو پوندو. بهرحال مون کي پوري ملڪ جو اندازو آهي ته ڪروڙ ڏيڍ ڪروڙ جي آبادي ضرور هوندي.

منظور ٿهيم: زندگي توهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

اشرف سيان: زندگي گلن جي سيج وانگر هجڻ کپي، جنهن ۾ ڪوبه ڏک نه هجي، پريشانيون نه هجن. اسان جي زندگي ته صرف ڏکن سان ئي ڀريل آهي.



سوچيندو هئس تہ شايد سمرينا اُها پهرين عورت ۽ ڇوڪري آهي جيڪا جائز ۽ ناجائز سنجوڳ کي تذليل، عورت جي بيحد بيعزتي سمجهي ٿي. مون کيس چيو بہ هو تہ هوءَ جنهن عمل کي غلط يا تذليل سمجهي ٿي اُن کي مذهب شريعت جي دائري ۾ جائز ڪوٺين ٿا، بلڪ عبادت چون ٿا پر هوءَ منهنجي هڪ بہ ڳالهہ نہ مڃيندي هئي. سندس چوڻ هو تہ هڪڙو بي هودو عمل ڪنهن بہ ريت جائز يا عبادت ٿي نٿو سگهي. مان کيس نبين ۽ اوليائن جا حوالا ڏئي ٻُڌائيندو هئس، پر هوءَ ڪنهن بہ ريت منهنجي ڳالهہ نہ سمجهندي هئي. سنجوڳ سندس نظر ۾ هڪڙو بي هودو عمل هو نہ صرف ايترو پر هوءَ اِن عمل کي عورت جو شان نہ سمجهندي هئي هوءَ عورت کي ڌرتيءَ جيان مقدس سمجهندي هئي، مريم مقدس جو روپ ڄاڻندي هئي.

سمرينا سان منهنجو لڳاءُ پنهنجي جاءِ تي پر جڏهن مون کي سندس اِن قسم واري سوچ جي سُڌ پئي هئي تہ مون هڪ چئلينج سمجهي اِهو طئي ڪيو هو تہ ڪنهن بہ ريت سمرينا سان سنجوڳ ڪندس ۽ پوءِ کيس ٻڌائيندس تہ جنهن عمل کي هوءَ بي هودو سمجهي ٿي اُهو نہ ڪا بيعزتي آهي نہ وري بي هودو عمل آهي پر عين فطري ۽ جائز آهي جنهن جو لطف اعصابن کي جلا بخشي ٿو نہ صرف ايترو پر ذات جي مڪملتا بہ ڪري ٿو، تخليق جا سمورا رستا ۽ ذريعا بہ اُن سان جُڙيل آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ مان کيس اُهو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش بہ ڪندو هئس پر جواب ۾ سمرينا مريم مقدسؑ جو حوالو ڏيندي هئي ۽ عيسيٰ جي جنم جو مثال پيش ڪندي هئي. اِها ڳالهہ مون کي گهڻو پوءِ سمجهہ ۾ آئي هئي تہ سمرينا، ننڍپڻ ۾ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جو لقاءُ ۽ رويو ڏسي ڪين اڻ وڻندڙ قرار ڏنو هو ۽ پنهنجو آئيڊل مريم مقدس ۽ عيسيٰ مسيح کي بڻائي ڇڏيو هو ۽ اُنهن ٻنهي آئيڊيلز جهڙا ماڻهو کيس ڪنهن بہ ريت هِن دنيا ۾ هاڻوڪي دؤر ۾ ملڻا نہ هئا، تنهنڪري بہ هوءَ سدائين لاءِ اڪيلي رهجي وئي، ڪنهن بہ ريت ڪنهن بہ شخص ۾ کيس پنهنجي آدرشن جو اولڙو نظر نہ آيو. اسين جڏهن تمام گهرا ٿيا هئاسين تہ مهيني ماسي هڪ اڌ رات گڏ هوندا هئاسين، اُن موقعي تي اسين هڪٻئي سان کُلي ڳالهيون ڪندا هئاسين. مون سمجهيو هو تہ سمرينا، پنهنجي پيءُ کي بُرو پائيندي هوندي ۽ پنهنجي ماءُ لاءِ سندس اندر ۾ ضرور ڇڪ ۽ سِڪ هوندي. پر ايئن نہ هو، سمريناً پيءُ جي پيٽ ۾ ماءُ سان سخت نفرت ڪندي هئي.

ساڻس گڏ رهڻ ۽ گهرو ٿيڻ ڪانپوءِ مون اِهو محسوس ڪيو هو تہ سمرينا ماءُ ۽ پيءُ جي پرک مريم مقدس ۽ عيسيٰ جي روپ ۾ ڪندي رهي هئي. هوءَ نہ چاهيندي بہ اڻ سڌي طرح چئي ويندي هئي تہ سندس ماءُ ريٽا هڪ وئشا هئي، گهريلو وئشا. مون کي حيرت ٿيندي هئي تہ سندس ماءُ گهريلو وئشا ڪيئن هئي؟ ڳالهين ڳالهين ۾ سمرينا کان پڇندو بہ هئس پر هوءَ مون کي سمجهائي نہ سگهندي هئي. مون کيس چيو بہ هو تہ وئشا جسم وڪڻندڙ بازاري عورت کي چئبو آهي اُها گهريلو ڪيئن ٿي ٿي سگهي ٿي بيو تہ ماءُ لاءِ وئشا جا لفظ مناسب ناهن. اُن لمحي سندس اکين ۾ نفرت لهي ايندي هئي هوءَ ڏکايل لهجي ۾ چوندي هئي، ننڍپڻ ۾ جهيڙن جهٽن دوران جڏهن هوءَ هيسجي ويندي هئي ۽ گهر جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ وڃي لِڪي روئيندي هئي تہ سندس ماءُ ڪڏهن بہ کيس گلي نہ لاتو هو نہ وري ڪڏهن کيس ڪو پرچايو هئائين. هوءَ کيس سيني لاهڻ بدران سندس پيءُ کي ڇُهڻي ويندي هئي، شديد جهيڙي مارڪُٽ ۽ گارين ڌمڪين باوجود پنهنجا ڪپڙا لاهي اُجلائي ڇڏيندي هئي ۽ جڏهن سندس پيءُ گهر ۾ نہ هوندو هو تہ هڪ ٻئي شخص سان ڇُهُتيل رهندي هئي جيڪو سندس پيءُ جي غير موجودگي ۾ گهر ايندو هو. سمرينا کي تہ اِها بہ خبر نہ هئي تہ اُهو ٻيو شخص ڪير هو. ننڍڙي وَهيءَ ۾ تہ هُن جو ننڍڙو ذهن اِها ڳالهہ بہ سمجهي نہ سگهيو هو تہ سندس پيءُ ڇو سندس ماءُ کي ماريندو ڪُٽيندو هو؟ هوءَ تہ اُهو بہ سمجهي نہ سگهي هئي تہ اُهي ٻئي ڄڻا سندس ماءُ سان ڪهڙو عمل ڪندا هئا؟ هو پنهنجا سمورا ڪپڙا لاهي اُگهاڙا ڇو ٿي ويندا هئا؟ ۽ پوءِ ساڻا ٿي ڇو ڪِري پوندا هئا ۽ ڪيترن لمحن تائين ايئن ئي اُگهاڙا ڇو ساڻا ٿيا پيا هوندا هئا؟ هوءَ ڏاڍي سادگي وچان مون کي ٻُڌائيندي هئي تہ

هوءَ پهرين تہ اِهو سمجهندي هئي تہ شايد اُهي ٻئي مرد سندس ماءُ کي ڪا سزا ڏئي رهيا آهن، پر سندس ماءُ اُن عمل دوران ڪي بہ داتهون يا ڪيهون نہ ڪندي هئي، جيئن سندس پيءُ جي مار تي ڪندي هئي پنهنجا وار کولي رانياٽ ڪري روئيندي هئي، گهر جا ٿانوَ اُڇلائيندي هئي سڄو گهر مٿي تي ڪڻندي هئي. جڏهن تہ اُن خاص عمل جنهن کي هوءَ سزا سمجهندي هئي دوران سندس ماءُ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي هئي سندس چهري تي عجيب خماريل ڪيفيت هوندي هئي.

سمرينا جيتوڻيڪ مون کي سمجهائي نہ سگهندي هئي، پر سندس چوڻ هوندو هو تہ هُن جڏهن پنهنجي ماءُ کي عجيب حرڪتون ڪندي ڏٺو هو، کيس ۽ گهر ۾ موجود ٻن مردن کي الف ننگو ڏٺو هو تہ کيس ڪابہ خبر نہ هئي تہ اُهي ڇا لاءِ هڪٻئي کي چنبڙي وڃن ٿا ۽ اُگهاڙا ٿين ٿا. شايد تڏهن هوءَ صفا اُبهم هئي هُن کي ڪابہ خبر ڪونہ هئي تہ وئشا ڇا ۽ ڪيئن هوندي آهي!؟ پر جڏهن هوءَ سمجهہ سان ٿي سندس سوچ ۽ جسامت ۾ ڪي رنگ ڦُٽا، جڏهن هوءَ راهبا ٿي ۽ مخصوص مذهبي تعليم حاصل ڪيائين تہ کيس پتو پيو تہ وئشا ڇا هوندي آهي. هوءَ پنهنجي سمجهہ آهر وئشا کي راهبا جو ضد سڏيندي هئي. هوءَ چوندي هئي تہ وئشا هڪ بازاري عورت هوندي آهي، جيڪا پنهنجو جسم فروش ڪندي آهي، پر سندس ماءُ گهريلو وئشا اِن ڪري هئي، جو هوءَ بازاري عورت جيان پنهنجو جسم ڪونہ وڪڻندي هئي، پر گهر جي چار ديواريءَ ۾ ٻن مردن جي وچ ۾ پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجو جسم ڪپائيندي هئي. هُن اُهو سمورو عمل جيڪو ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ سان ٿيندي يا ڪرائيندي ڏٺو هو، سو جڏهن کيس سمجهہ ۾ آيو هو تہ کيس عجيب قسم جي ٻُڇان محسوس ٿيندي هئي. ويتر کيس ماءُ کان اِن ڪري نفرت ٿي وئي هئي جڏهن هڪ وڏي عمر جي راهبا رات جو هاسٽل جي ڪمري ۾ کيس اُگهاڙو ڪري چنڻ شروع ڪيو هو ۽ مزاحمت ڪرڻ تي کيس خطرناڪ قسم جو ڌمڪيون ڏنيون هئائين.

سمرينا اُهو واقعو ٻُڌائيندي حيرت بہ کائيندي هئي تہ هڪ وڏي عمر واري راهبا ساڻس ايئن ڇو ڪندي هئي؟ ڇا اُها بہ سندس ماءُ جيان

گرجا گهر جي وئشا هئي جيڪا الف ننگي ٿي ڪيس بہ عُريان ڪري ڪيس چُمندي چَٽيندي ۽ پنهنجو پاڻ زور جي آڌار چُمرائيندي ۽ چَٽرائيندي هئي.

مون سمرينا کان پڇيو هو تہ جڏهن راهبا ڪيس چَٽيندي يا ڪائنس پنهنجو پاڻ چَٽرائيندي هئي تہ ڪيس ڇا محسوس ٿيندو هو؟ اُن لمحي سمرينا جي چهري جا رنگ ئي اڏامي ويا هئا. هُن چيو هو تہ پوڙهي راهبا ساڻس جيڪو ڪجهہ ڪندي هئي اُهو سڀ ڪجهہ ڪيس ذلت آميز لڳندو هو نہ صرف ايترو هوءَ اُن لمحي خوف ۾ سراپجي ويندي هئي. اُها پوڙهي، ڪليسا جي راهبا بدران ڪيس ڪنهن ڏائڻ جو روپ لڳندي هئي جيڪا سندس چُم چَٽ تي وڏا وڏا ساهہ کڻندي هئي سندس ماهُ وانگي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي هئي ۽ وڏن وڏن جهٽڪن سان پاٽي پاٽي ٿي ويندي هئي.

مون سمرينا کان اهو بہ پُڇيو هو تہ جڏهن راهبا ڪيس چُمندي چَٽيندي هئي تہ اُن وقت سندس عمر ڪيتري هئي؟ سمرينا تنهن لمحي سڏڪا ڀريندي روئي پئي هئي ۽ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو هيائين، جڏهن کان راهبا ساڻس اُهو عمل شروع ڪيو هو تڏهن سندس عمر اٺ يا نوَ سال مس هئي، جڏهن کان راهبا ساڻس اُهو زوريءَ وارو طريقو شروع ڪيو هو تہ هوءَ ان وقت سامائي بہ ڪونہ هئي ۽ جڏهن سامائي هئي تہ هڪ بي وڏي ڪڙي آزمائش مان ڪيس گذرڻو پيو هو.

اسين جڏهن هڪٻئي جي تمام گهڻو ويجهو بہ ٿي ويندا هئاسين، مان سندس جسم جون سرحدون اُڪري سندس جذبن جي جهان ۾ لهي بہ پوندو هئس تہ اڪثر هوءَ هڪ ئي ساهيءَ ۾ مون کي پٺتي ٻاهر اُڇلائيندي هئي ۽ مان سندس وجود، ڪشش ۽ جذبات کان ڪوهين ڏور وڃي ڪِرندو هئس ۽ سندس ويجهو ٿيڻ لاءِ مون کي وري ڪيئي ڏينهن لڳي ويندا هئا. سمرينا جو ڇرڪي مون کي ڏور اُڇلائڻ وارو عمل هوبهو فائزا جهڙو هو. هوءَ بہ منهنجي جذبن جي جهنم ۾ ڪرڻ کانپوءِ يڪدم جنتي ٿي ويندي هئي. سمرينا بہ بلڪل ائين ڪندي هئي تنهن جا ضرور ڪي ٻيا سبب بہ هئا، جيڪي جيستائين ڄاڻڻ جي سُڌ پيم تيستائين سندن حياتي جو کيل ئي ختم ٿي چُڪو هو.

مان ڪيتري عرصي تائين سمرينا جي غير طبعي موت متعلق سوچيندو رهندو هئس. هوءَ جيتوڻيڪ آخري ڏهاڙن ۾ زندگيءَ طرف موٽي بہ آئي هئي. سمرينا جيڪا سدائين هڪ مُوڊ ۾ رهندي هئي سندس چهري تي جيڪا هڪ موسم عيان رهندي هئي سان بهارن ۽ گهنگهور گهٽائن ۾ بدلجڻ لڳي هئي هوءَ ٽهڪ ڏئي کِلي ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئي سگهندي هئي. هُوءَ ڪنهن حد تائين زندگي جي رنگن طرف موٽڻ لڳي هئي هُن مون سان محبت جو اظهار ڪيو هو هُن مونتي اعتبار ڪرڻ شروع ڪيو هو.

مون کان اُها رات بہ ڪڏهن نہ وسرندي جڏهن اسين منهنجي فليٽ تي اڪيلا هئاسين ۽ هُن مون کي هڪ زوردار چماٽ وهائي ڪڍي هئي. اسين ڪمري ۾ ساڳئي بيڊ تي ٽيڪ ڏئي ويٺا هئاسين سرد رات جي ڪري اسان کي ڇاتين تائين ڪمبل ويڙهيل هو. ڳالهين ڳالهين ۾ اُن رات مون سمرينا کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀريو هو هُن کاٻہ مزاحمت نہ ڪئي هئي مون سندس اکين کي چُميو هو هُن مُرڪندي پنهنجون اکيون پُوري ڇڏيون هُيون، مون سندس چپ چُميا هئا تڏهن بہ هوءَ خاموش هئي، مون سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ پڪوڙيا هئا ۽ سندس چهري ۾ نِهاريو هئم اُن وقت مون کي محسوس ٿيو هو تہ سندس اکين ۾ ڪو اَچاتل خوف لهي آهيو آهي، هڪ لمحي لاءِ خيال بہ آيو هئم تہ ڪنهن ڇيوگم جيان سمرينا کي چنبڙي وڃان ۽ سندس سمورا خوف ۽ انديشا ختم ڪري ڇڏيان پر ٻئي لمحي خيال آيو هئم تہ ڪٿي منهنجي اهڙي جارحاڻي عمل سان سمرينا کي پنهنجي ماضيءَ جون زيادتيون نہ ياد پئجي وڃن ۽ هوءَ مون کي بہ ڪو وحشي ماڻهو سمجهي ويهي. مان سندس اکين ۾ ڏسندو رهيس جيڪي پٿرائجي ويون هوءَ ٻُت جيان خاموش تہ هئي پر محسوس ٿيم تہ هوءَ آڪڙجي وئي آهي ڪنهن سَڪتي ۾ وڃي سيٽجي شِيخ جيان ٿي پئي آهي. مون آهستگي وچان ڪيس 'سمرينا ڪري سڏيو بہ پر هُن ڪاٻہ ورندي ڪانہ ڏني مون پريشاني وچان سندس ڳلن تي هلڪيون ٿڦڪيون هنيون ۽ سمرينا سمرينا ڪري ڪيس سُجاڳ ڪرڻ لڳس اُنهي ساعت سندس اکين مان بي پناهہ لُڙڪ وهي نڪتا ۽ هوءَ هڪ وڏي اوڇنگار ڏئي روئي پئي ۽ ڪنهن ٻار جيان منهنجي سيني ۾ لِڪي وئي ۽ رانياٽ ڪري روئڻ لڳي. زندگيءَ جو اُهو پهريون دفعو هو ۽ سمرينا بہ منهنجي زندگيءَ جي پهرين عورت هئي جيڪا ائين منهنجي سيني ۾ مُنهن لِڪائي اوڇنگارون ڏيئي رُني هئي.

هوءَ روئي روئي ساڻي ٿي منهنجي سيني تي ئي سُمهي پئي هئي ۽ ڪي ساعتون ائين سُتل ئي رهي هئي. مان بہ سندس وارن ۾ پنهنجو آڱريون ڦيرائيندو رهيو هئس ڪا مهل مون کي بہ ڇڻ جُهٽڪي لڳي وئي. الائي ڪهڙي ساعت پنهنجي چپن تي آڱرين جو ڇُهاءُ محسوس ٿيم تہ اک کُليم، ڏٺم تہ سمرينا منهنجي سيني تي ڪنڌ رکي ليٽيل هئي ۽ منهنجي چپن تي پنهنجي هٿ جون آڱريون ڦيري رهي هئي. مون پنهنجي مخصوص عادت موجب سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو هو ۽ سندس آڱرين ۾ سنهڙا چَڪ هڻڻ شروع ڪيم. هوءَ مُرڪي پئي هئي سندس اُها مُرڪ بہ ڏسڻ وڻان هئي جيڪا ڄڻ تہ صدين کانپوءِ هُن مُرڪي هئي. مون پنهنجو چهرو سندس چهري ڏانهن وڌايو ۽ پنهنجا چپ سندس چپن تي رکي ٻي ساها ڪري ڇڏيم صرف اِهو ڏسڻ لاءِ تہ سمرينا ڪهڙو رِدعمل ٿي ڪري!؟ هُن پنهنجي چپن سان ڳالهايو 'آءِ لوَ يو' چيو ۽ اکيون پُوري ڇڏيون. مون پنهنجي چپن سان ڳڏ هٿن کي بہ تحرڪ ۾ آندو، سندس چپ چوسڻ شروع ڪيم ۽ پنهنجو هٿ سندس چولي اندران ٿڃائي سيني تي رکڻ جي ڪيم تہ هوءَ ڇرڪ ڀري مون کان پري هٽي وئي ۽ هڪ زوردار چماٽ منهنجي ڳل تي وهائي ڪڍيائين.



پري ٿي وڃ وحشي.... تون بہ فادر جيان وحشي آهين.... ۽ پوءِ رانياٽ ڪري روئڻ لڳي، مان ڪيس حيرت وچان نِهاريندو رهيس. ان وقت ايتري همت نہ هئي تہ سمرينا کان معافي وٺان ۽ هُجت ڪري سندس ويجهو ٿي ڪيس پرچائي سگهان.....(هلندڙ).

# فيض کان فراز ۽ امرتا کان اياز تائين سڙندڙ سگريٽ جو سفر

**سڪندر عباسي**



" اوهان کي خبر آهي ماڻهو آرس ڇو پيجندو آهي؟ "منهنجي خيال ۾ جسم ۾ پرجي ويل سستي کي ختم ڪرڻ لاءِ." وري هن پڇو، "پلا هڪ ماڻهو ڏينهن ۾ ڪيترا پيرا آرس پيجندو هوندو؟" لڇميءَ چانهه جو ڪوپ صوفا تي رکي عليءَ کي سوالي سوڻو هنيو. ڏکيو سوال آهي علي منجهي پيو. ڪو ڏکيو ناهي مان ٿي اوهان کي ٻڌايان هڪ ماڻهو ڏينهن ۾ ايترا پيرا آرس پيجندو آهي جيترا مان ڏينهن ۾ سگريٽ رک ڪندي آهيان.... طارق عالم ابڙو جي هڪ ڪهاڻي جا اهي جملا ڪنهن به سگريٽ ڇڪيندڙ لاءِ پرڪشش آهن، توڙي جو سگريٽ جي هر پيڪٽ تي صحت کاتي پاران اهو ڊيڄاريندڙ منع نامو تحرير ٿيل هوندو آهي ته سگريٽ پيئڻ صحت لاءِ نقصانڪار آهي، ڪينسر جو سبب آهي پر ان جي باوجود ماڻهو ان منع نامي کي نو لفٽ ڪرائيندي ڌڙا ڌڙ سگريٽ واپرائيندا آهن. هر سال جڏهن بجيٽ ۾ سگريٽ تي ڊيوٽي ٽيڪس وڌ کان وڌ لڳائي عام طور تي اهو خيال ڪيو ويندو آهي ته سگريٽ جي مهانگي ٿيڻ سان ان جي واهپي ۾ ضرور گهٽتائي ايندي پر ان جي ابتڙ ان جو واهپو اجا به وڌندو ويندو آهي. جيئن ڪنهن بلڊنگ، ڪنهن جڳهه جي ٻاهران اهو لکيل هوندو آهي ته هتي چاڪنگ ڪرڻ منع آهي ته ان پٽ تي ئي وڏيڪ نعرا لکيا ويندا آهن. ڄڻ اهو منع نامو نه پر دعوت نامو هجي. دراصل اها انساني فطرت آهي ته منع ناما انسان کي اهو ڪم ڪرڻ تي اجا به وڌيڪ اتساهيندا آهن. مون کي هتي منع نامي جي حوالي سان رجنيش اوشو جي ڳالهه ياد ٿي اچي، اوشو لکيو هو ته هو جڏهن اجا ننڍو هو سندس ڇهري تي اجا مڇن جي ساول آئي هئي تڏهن ٻين ماڻهن کي مختلف دلڪش اسٽائل سان سگريٽ پيئندي ڏسي هرڪجي پيو هو ۽ سڌو اچي پنهنجي پيءُ وٽ پهچي هن کان سگريٽ پيئڻ جي اجازت گهريائين ۽ اوشو حيران ٿي ويو هو ته ڪيس سندس والد آرام سان سگريٽ پيئڻ جي اجازت ڪيئن ڏني.. اڃتي هلي اوشو ٻڌائي ٿو ته جيئن ئي هن سگريٽ جو پهريون ڪش هنيو هو ته سگريٽ جي دونهين سندس نڙي ساڙي ڇڏي ۽ کيس کنگهه شروع ٿي وئي. اوشو فوري طور تي سگريٽ اڇلايو ۽ پيءُ وٽ پهتو ۽ کيس چيو ته بابا جڏهن اوهان کي خبر به هئي ته سگريٽ ايڏي خراب شيءِ آهي پوءِ اوهان مون کي سگريٽ پيئڻ کان منع ڇو نه ڪئي، تنهن تي اوشو جي پيءُ کيس جواب ڏنو ته منع ناما ڪڏهن به ڪجهه به روڪي ناهن سگهندا. جيڪڏهن مان توکي روڪيان ها ته به تون سگريٽ پيئڻ کان مڙين ڪونه ها ان ڪري مان توکي اجازت ڏني ته پلي اهو توکي پاڻ کي خراب لڳي تڏهن ئي تنهنجي من مان ان جي چاهت ختم ٿيندي.

مشهور شاعر جون ايليا ايترا ته سگريٽ پيئندو هو جو سگريٽ مان سگريٽ دکائيندو هو، تنهن پنهنجي محبوبا پاران سگريٽ ڇڏڻ واري ڳالهه جو هيئنئن شاعراڻو جواب ڏنو هو ته:

"تم جو ڪهتي هو ڇوڙدو سگريٽ
تم ميرا هاٿ ٿام سڪتي هو.."

جڏهن ڪنهن جي هٿ جي آڱرين ۾ دل گهرئي دلبر جون آڱريون ناهن ايندبون تڏهن انهن آڱرين جي وٿين ۾ سگريٽ اچي ويندو آهي. توڙي جو سگريٽ اڄڪلهه هر ٽئين هٿ جي آڱرين ۾ نظر اچي رهيو آهي پر ميڊيڪل سائنس اهو ٿي چئي ته سگريٽ پيئڻ وارو سگريٽ ناهي پيئندو پر سگريٽ ان کي پيئندو ويندو آهي. ڪنهن شاعر چيو هو ته:

" تم ڪهتي هو مين سگريٽ بهت پيتا هون
نهين نهين مين ڪهان سگريٽ پيتا هون
اب تو سگريٽ مجهي پيتي هي."

انهن ڏينهن ۾ هن به منهنجي چپن تان سگريٽ لاهيندي اهو چيو هو ته:

"تون سگريٽ کي پنهنجي چپن تي ڇو ٿو آڻين، ڇا تنهنجي چپن لاءِ منهنجا چپ ڪونهن."

"دوئين کي لهر پر تصوير رقص ڪرتي رهي
وه سگريٽون کي تسلسل ۾ ياد آتا رها."

شيخ اياز کان جڏهن سگريٽ جي باري ۾ پڇيو ويو هو ته هن پيڪٽ مان سگريٽ ڪڍي ان کي ڏسندي وراڻيو هو ته:





”سگريٽ تہ هڪ دلربا آهي، جيڪا منهنجي چپن کي چمي پنهنجي زندگي شروع ڪندي آهي ۽ دکي دکي آخر منهنجي قدمن جي هيٺان چيپاٽجي دم ڏيندي آهي.“

اردو جو مشهور رومانوي شاعر احمد فراز بہ سگريٽ گھڻا واپرائيندو هو، هڪ دفعي ڪنهن کيس سگريٽ پيئڻ کان روڪيو تہ احمد فراز کيس جواب ڏنو هو تہ:

”مان ہ شيون ڪڏهن بہ نٿو ڇڏي سگهان هڪ سگريٽ ۽ ٻي ڏاڙهي.“

ڪنهن شاعر سگريٽ کي غمن جو ساٿي قرار ڏيندي هي شعر لکيو هو تہ:

” ايڪ درد ٿا جو سگريٽ ڪي طرح
مين ني چپ چاپ پيا هي
ڪچ نظمين هين جو سگريٽ ڪي طرح
مين ني جهاڙي هين“

دراصل سگريٽ جي دونهين سان ماڻهو ان دونهينءَ کي وسائڻ چاهيندو آهي، جيڪا ڪنهن درد جي ڊبيل چٽنگ مان دکندي آهي. ماڻهو پريشانين ۽ تڪليفن کي سگريٽ جي قلفي وانگر زندگيءَ جي ٿاريءَ تان ڪيرائڻ جي خيال سان سگريٽ مٿان سگريٽ ساڙيندو ويندو آهي. بقول مرزا غالب...

”دل ڪي بهلاني ڪو غالب يہ خيال اڇا هي.“

سگريٽ جي دونهين سان دردن کي دربدر ڪرڻ وارو خيال پنهنجي جاءِ تي، پر امرتا پريتم تہ سگريٽ مان پنهنجي محبوب، پنهنجي پرين ساحر جي سڪ لاهيندي هئي، جڏهن ساحر لڌيانوي امرتا وٽ ايندو هو ۽ سگريٽ پيئندو انهن جا ٽوٽا اڇلائيندو ويندو هو، تڏهن سندس وڃڻ کانپوءِ امرتا اهي سڙيل سگريٽن جا ٽوٽا ميڙي انهن کي ٻيهر دکائيندي هئي، ڪين پنهنجي چپن ۾ اٽڪائي سرور حاصل ڪندي هئي.

مشهور انقلابي شاعر فيض احمد فيض ڪاليج جي زماني کان



سگريٽ پيئندو هو، هڪ دفعي سندس استاد صوفي غلام مصطفيٰ تبسم امتحان جو نگران هو، تبسم صاحب ڏٺو تہ فيض احمد فيض سوال نامو حل ڪرڻ بدران ڪاغذ کي سامهون رکي ڏسي رهيو آهي. صوفي صاحب سندس ويجهو آيو ۽ پڇيائين تہ فيض تون پرچو حل ڇو نہ پيو ڪرين؟ تہ فيض التجا وارين نظرن سان کيس ڏسندي جواب ڏنو تہ ”ڇا مان سگريٽ پي سگهان ٿو؟“ صوفي صاحب حيران پريشان ٿي ويو، امتحان هال کان ٻاهر ويو تہ کيس ڪاليج جو پرنسپل پطرس بخاري مليو، صوفي صاحب کيس فيض جي مطالبي بابت ٻڌايو تہ پطرس بخاري کيس چيو تہ فيض کي سگريٽ پيئڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيو. صوفي صاحب اچي فيض کي سگريٽ پيئڻ جي اجازت ڏني ۽ فيض کيسي مان سگريٽ ڪڍي دکائي هڪ ڊگهو ڪش هڻي امتحان هال جي نئين تاريخ لکي ڇڏي.

دراصل جسم جو سور تہ ڪنهن ميڊيڪل اسٽور تان ملندڙ دوا سان ختم ٿي ويندو آهي، پر جيڪو درد دل جي تارن کي تار تار ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪو درد دماغ جي دنيا ۾ تهلڪو مچائيندڙ هجي، اهو تمام گهڻو اذيتناڪ هوندو آهي، ڪنهن مفڪر چيو هو تہ:

The pain of mind is worst than the pain of body.

سگريٽ جو دونهون ڪڏهن بہ درد کي دربدر ڪري ناهي سگهندو، بس اهو تہ هڪ آسرو هوندو آهي، هڪ خام خيالي هوندي آهي تہ سگريٽ ساڙي اسان ٽينشن کي تڙي رهيا آهيون. ٻوڙبتي کو تنڪي کا سهارا وانگر سگريٽ هٿ جي وٽين ۾ ايندو رهي ٿو، سڙندو رهي ٿو.

”ميري هاٿون سي اٿتا هوا يي بي ڪيف دهوان
ميري افسرده خيالات ڪي تشهير سهي
لمحہ لمحہ يي سلگتا هوا ڪاغذ کا وجود
تيري عارض لب ڪي ڪوئي تعبير سهي.“



Sikandar.03003426504@gmail.com

# صوفي لاکوفي شاهہ عبداللطيف

## ۽ شيخ اياز جي مابعدالطبياتي شاعري (Metaphysics)

گل محمد عمراڻي

سڀ کان اڳ ميٽا فزڪس يا ما بعدالطبيات جي تشريح لازم آهي. ارسطو جي چوڏهن ڪتابن جو ٽائيٽل يا عنوان ميٽا فزڪس (Metaphysics) آهي. هن انهي علم لاءِ چار وصفون پاڻ بيان ڪيون آهن. First Philosophy (اولين فلسفو)، اولين سائنس (First Since)، دانش (Wisdom) ۽ علم الاهي (Theology)، سولن لفظن ۾ اهو علم جيڪو مادي وجود (Physic) کان مٿانهون (Meta) آهي، اهو ئي ميٽا فزڪس يا ما بعدالطبيات آهي. هن مضمون ۾ فقط غير مادي يا روحاني تصورن متعلق گفتگو ڪبي. ذات باري تعاليٰ، فلسفي جي هن مخصوص حوالي سان هڪ ما بعدالطبياتي حقيقت ۽ اٽل، ناقابل ترديد سچائي آهي. اچو تہ هاڻي ڏسون تہ سنڌ جي ٻن عظيم شاعرن ۽ مفڪرن جو انهيءَ تصور بابت ڪهڙو ويچار ۽ سچ آهي. اهي ويچار جديديت يا وجوديت جي فلسفي جي نفعي نٽا کن چاڪاڻ تہ وجوديت پاڻ **اولين فلسفي** جي ڪُکَ مان جنم ورتو آهي ۽ مذهبي وجودي فلسفي ۽ ڏاهي سورين آئبي ڪرڪيگارد (Soren Aabye Kierkegaard) پوءِ لا مذهبي وجوديت جي حملي باوجود انهيءَ مذهبي سٽ جو سرواڻ ليکيو وڃي ٿو. شاهہ لطيف جو سُر ڪلياڻ، شاهہ جي اڪثر رسالن جي شروعات ۾ ڏنو ويو آهي ۽ انهي تي ڪوبہ تڪرار ڪونهي تہ "ڪلياڻ" سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ "خير يا سُک" آهي ۽ اصل ۾ هي هڪ هندستاني راڳڻي جو نالو آهي ۽ اهو سُر جڻ رسالي جو "مقدمو" يا Prolegomenon (ابن خلدون جي حوالي سان) آهي. هن تمهيدي سُر ۾ شاهہ لطيف ذات باري تعاليٰ جو هيڪڙائي (توحيد) جي وصف عيان و بيان ڪئي آهي هن ۾ اهڙن سچن عاشقن جو احوال اچي ٿو جيڪي پنهنجي نفس کي ماري هيڪڙائي حق ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا ۽ الاهي ذات (Divine Being) جو مشاهدو ماڻين ٿا. ابتدائي بيت پاڻ ما بعدالطبيات جي وصف تي ٺهڪي اچي ٿو.

**اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي**
**قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم**
**والي واحد، وحدہُ، رازق رب رحيم**
**سو ساراهہِ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم**
**ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.**

يا وري وحدانيت جي تشريح اهڙي وضاحت سان ڪري ٿو جڻ تہ هڪ ڪامل استاد هجي.

**وحده لا شريڪ لہ، اي هيڪڙائي حقُ**
**ٻيائي کي ٻَڪُ، جن وڌو سي ورسيا.**

اها ما بعدالطبياتي رمز ئي تصوف جي واٽ ڏيکاري ٿي. Pantheistic Mysticism يا "وحدت الوجديت" جو اظهار بہ تمام واضح ۽ چٽو آهي، جنهن ۾ ڪنهن رد ڪد ۽ ابهام جي ڪابہ گنجائش نہ آهي پر اها بہ ما بعد الطبياتي روحاني استعاري ۾ آهي. جيڪو Metaphor آهي وجوديت جو.

**ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون**
**جيڏانهن ڪيان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون**

يا وري ائين بہ فرمائي ٿو تہ:

**"پريئم تنهنجا پار، کهڙا چئي ڪيئن چوان."**

لطيف ابن العربي جي "وحدت الوجودي" فلسفي تي گامزن رهبر آهي جيڪو وجود باري جو اثبات ڪري ٿو ۽ هن جي تصديق وري ويدانتي مفڪر ۽ مفسر گربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻي کان ٿا. سنڌ جو مهان شاعر شيخ اياز پنهنجي نثري ڪتاب "شاعري جو سجدو" ۾ ابتدا ئي انهيءَ عاجزي سان ڪري ٿو تہ "اي خدا! تون مون کي ايتري مهلت ڏيندين تہ منهنجي شاعري توکي هڪ سجدو ڪري وٺي." وري اڳتي هلي چئي ٿو: "يا رب! مان ٻولي تي ڪيتري بہ مهارت حاصل ڪيان. ڪيڏا بہ ان جا جار اٽان، تنهنجو تصور انهن ۾ ڦاسي نٿو سگهي ۽ انهن مان ڀاڻي وانگر ترڪي ٿو وڃي. اهو ئي جديد ما بعدالطبياتي سوچ جو فڪري زاويو آهي. هڪ ٻي جاءِ تي ڪمال نهٺائي سان بيان ڪري ٿو:

**يا رب!**
**جتي غور ۽ فڪر جي رسائي نہ آهي**
**جتي رازي ۽ ابن رُشد پهچي نٿو سگهي**
**جتي جبريل جا پر جلي وڃن ٿا**
**۽ رومي ۽ اقبال سر بسجود آهن**
**۽ شاعري عاجزي کان وڌيڪ نہ آهي**
**اتي تنهنجو آستان آهي.**

اياز جي حياتي جو وڏو عرصو تشڪيڪ (agnosticism) جڙواديت (materialistic philosophy) واري فلسفي ۽ سوچ ۾ گذريو هو جنهن ڪري هو آخري وقت ۾ پريشان بہ رهيو هو ۽ هي ڪتاب جڻ هن لاءِ روحاني نجات کي حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي هو بار بار نماڻائي سان ٻاڏائي ٿو تہ "يا رب! رڳو تون آهين ٻيو سڀ خواب و خيال آهي. وهم و گمان آهي. مون کي غالب وانگر بازيچئہ اطفال کان دور رک. جيئن مان تماشي ۾ محو ٿي نہ وڃان ۽ جڏهن نظر پوي تہ توتي پوي!" ماديت واري فلسفي کي رد ڪندي بيان ڪري ٿو: يا رب!

**هي انسان**
**جن کي اکيون آهن بہ، نہ بہ آهن**
**ڪن آهن، نہ بہ آهن**
**زبان آهي بہ، نہ بہ آهي**
**۽ سمجهن ٿا تہ مادو ابدي آهي**
**انهن کي اها ويچارڻ ڏي**
**تہ پرڏيهي پکي پنهنجو رستو ڪيئن ڳولين ٿا**
**۽ توکان سواءِ انهن کي اها سوجهہ ڪيئن ملي ها.**
**يا رب!**
**انهن کي اها ساڃاهہ ڏي، جا تو انهن مڇين کي ڏني آهي،**
**جو هڪ پورو سمنڊر تري ٻئي سمنڊر جي ڪناري تي**
**پهچن ٿيون ۽ اتي پنهنجا ٻچا ڪن ٿيون.**

اها ما بعد الطبعاتي سوچ آهي آهي ما بعد الطبياتي خيال، سوچ ويچار خالص انهن ٻنهي عظيم شاعرن جي لفظن ۾ بيان ڪيا بہ من وعن ويا آهن، جيئن هن ليکڪ تي ڪو بار ثبوت



نہ پوي، چاڪاڻ تہ اها شاعري ۽ نثر Deconstruct ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي چو تہ "دليل آفتاب خود آفتاب ئي هوندو آهي" ۽ ادبي تنقيد جو اهو ئي بنياد آهي.

# آمريڪا کي آزادي ڏياريندڙ ڪتاب

يوسف سنڌي

اهو آهي ته هڪ ننڍو ڪتاب، پر ان ڪتاب ۾ جيڪو مواد پريل آهي، تنهن ماڻهن جا ذهن ئي بدلائي ڇڏيا. ان ڪتاب آمريڪا جي آزاديءَ جي جنگ کي هڪ رستو ڏسيو، هڪ دڳ ڏيکاريو. جنهن دنيا جي نقشي تي هڪ نئين مملڪت جو بنياد رکرايو، جيڪو ايندڙ صدين ۾ وڏي طاقت بڻجڻ وارو هو. جنهن برطانيا کان هڪ وڏو ڪند ڪسرايو، جنهن ڪتاب جي آڌار تي ٿامس جيفرسن آمريڪا جي "آزادي جو اعلان" لکيو ۽ اهو ڪتاب پهرين ڪوبه پبلشر ڇپڻ جي لاءِ تيار نه هو. ان ۾ جيڪا باهه پريل هئي، تنهن ڪين ڊيڄاري ڇڏيو، پوءِ جڏهن هڪ پبلشر دل جهلي اهو ڇپڻ تي راضي ٿيو ته ان ڪتاب جي ليکڪ کي ڪا به رائلٽي نه ڏني ۽ فقط پنجاهه ڪاپيون ڏنائين. خود ڪتاب جي ليکڪ کي به رائلٽي جي بدران ڪتاب ڇپجي ماڻهن تائين پهچڻ جي خواهش هئي، پوءِ جڏهن اهو ڪتاب ڇپيو ته ڇپجڻ جو سلسلو بند ئي نه پئي ٿيو، جنهن به اهو ڪتاب پڙهيو، ان ٻين کي پڙهايو ۽ جن ماڻهن سڄي زندگي ڪو ڪتاب هٿ ۾ نه کنيو هو، انهن به راتيون جاڳي اهو ڪتاب پڙهيو، اهو ڪتاب ايترو ته ڇپيو جو ان جو اندازو لڳائڻ مشڪل ٿي پيو، ڪيترن ئي پبلشرن اهو چوري ڇپايو، پائريسي ڪئي. جنهن پبلشر اهو پهرين ڇپرايو هو، ان لاءِ ڪاپين جي آرڊر جي پورائي ممڪن ئي نه رهي، اندازو اهو هو ته سڄي آمريڪا ۾ اهو ڏهه لک ڪاپين کان به وڌيڪ ڇپيو ۽ وڪرو ٿيو ۽ پڙهندڙن جي تعداد جو اندازو لڳائڻ به مشڪل آهي؟ ته اهو ڪهڙو ڪتاب آهي، جنهن ايترا اثر ڇڏيا، ان ڪتاب جو نالو آهي "ڪامن سينس" ۽ ان جي ليکڪ جو نالو آهي، سٽيزن ٽام پين (جنهن کي ٿامس پين به چيو وڃي ٿو).

ٽام پين، جنهن ٻه سئو سال اڳ لکيو هو ته "سڄي دنيا منهنجو گهر آهي، انسانن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻ منهنجو مذهب آهي" هن عملي طور انهن لفظن جو ڀرم به رکيو ۽ عمل به ڪري ڏيکاريائين. ٿامس پين هو ته برطانوي شهري پر جڏهن هو اتي انصاف نه ڏسي آمريڪا پهتو، جيڪا برطانيا جي ئي ڪالوني هئي ته هن اتي ظلم ۽ جبر ڏسي پاڻ کي آمريڪا جي آزادي جي جنگ سان سلهاڙي ڇڏيو. هن آمريڪا کي برطانيا کان آزادي ڏيارڻ جو پڪو پهه ڪيو ۽ هلندڙ جنگ جي دوران "ڪامن سينس" نالي ڪتابڙو لکيو، سولي ۽ سادي ٻوليءَ ۾ دليلن ۽ منطق سان ڀرپور، هن لکيو "غلامي غير انساني هوندي آهي ۽ آزادي بهترين حالت" هن جي لکٽي ماڻهن جي ذهنن کي لوڏي ڇڏيو. ٿامس پين نه رڳو غلامي جي خلاف لکيو پر بادشاهت جي خلاف به لکيو، جنهن جو ذائقو هو برطانيا ۾ چکي چڪو هو، تنهنڪري سندس لکٽي جي هر سٽ ۾ آزادي ۽ جمهوريت جي ڳالهه موجود آهي.

ٽام پين تمام گهڻو لکيو پر سندس باري ۾ ان کان به وڌيڪ لکيو ويو، سندس باري ۾ جن لکيو انهن ۾ جڳ مشهور آمريڪي ليکڪ "هاورڊ فاسٽ" به هو، جنهن سٽيزن ٽام پين جي نالي سان مٿس هڪ شاندار ناول لکيو، هاورڊ فاسٽ جنهن پاڻ به سڄي زندگي مظلومن جي حقن ۽ غلاميءَ جي خلاف عملي ۽ قلمي جهاد ڪندي گذاريو. هن آمريڪا ۾ رهي به سرمائيداري نظام، غلامي ۽ پرماريت جي خلاف ايترو ته لکيو جو آمريڪا جهڙي اظهار جي آزادي جي علمبردار ملڪ ۾ سندس لکڻين کي ڇپجڻ نه ڏنو ويو، اسپارٽيڪس هاورڊ فاسٽ جو شاندار ناول آهي، جنهن جو سنڌي سميت دنيا جي هڪ سئو ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي، سنڌي ۾ ان جو ترجمو پرويز ڪيو آهي، هاورڊ فاسٽ جو ٻيو ناول سٽيزن ٽام پين آهي، هاورڊ فاسٽ طبقاتي ۽ نسلي مسئلن کي پنهنجي تاريخي لکڻين ۾ جوڙي ٿو، جنهن جو بهترين مثال سندس ناول سٽيزن ٽام پين آهي، جيڪو هن 1943ع ۾ لکيو، ان ناول ۾ هاورڊ فاسٽ بنهه سادي انداز ۾ ٽام پين جي باري ۾ لکيو آهي، هن سان ڪا به رعايت نه ڪئي آهي، هن جي پاڻ رحميءَ کي به نه بخشيو آهي، ان ناول ۾ ناول جي هيري جي باري ۾ ننڍي ۾ ننڍيو تفصيل به موجود آهي، اهو هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ ان جا ڪردار اوهان کي هلندي ڳالهائيندي نظر ايندا. ٽام پين جو انقلابي جذبو ناقابل شڪست هو ۽ هن کي ڪو به مالي، سياسي ۽ سماجي دٻاءُ جهڪائي نه سگهيو.

ناول "سٽيزن ٽام پين" جو ليکڪ هاورڊ فاسٽ (11-نومبر 1914- 12 مارچ 2003) اسان جي دور ۾ تاريخي فڪشن لکڻ جو سڀني کان وڏو ماهر هو ۽ پاڻ به هڪ دلچسپ انسان هو، جيڪو سڄي زندگي ٽام پين وانگر انصاف، سماجي آزادي ۽ ڪميونزم جي خاطر هڪ سورمي وانگر وڙهندو رهيو. هو هڪ بيسٽ سيلر ليکڪ هو، جيڪو طبقاتي شعور سان ڀرپور ناول لکندو هو، هن اسي کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا، هاورڊ فاسٽ غريب ماڻهن جو اولاد هو، سندس پيءُ نيو يارڪ سٽي ۾ لوهارڪو ڌنڌو ڪندو هو ۽ پوءِ فيڪٽري مزدور ٿيو. هو ڏهن سالن جو هو ته سندس امڙ گذاري وئي. هن ننڍي هوندي کان ئي ڪيترائي ڌنڌا ڪيا، محنت ۽ مزدوريون ڪيون، چون ٿا ته هو جيڪ لنڊن جو ناول "دي آئرن هيل" پڙهي سوشلزم کان واقف ٿيو. هن پهريون ناول ارڙهن سالن جي عمر ۾ لکيو ۽ 1943ع ۾ آمريڪن ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيو، ان دوران هن جيڪي به ناول لکيا، سي سڀ مارڪسي نقطهءِ نظر کان لکيا، هاورڊ فاسٽ جڏهن "سٽيزن ٽام پين" ناول لکيو ته آمريڪي حڪومت سندس پويان پئجي وئي ۽ ان ناول کي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لائبريري ۾ رکڻ تي پابندي وجهي ڇڏي. 1945ع ۾ حڪومت ڪانئس گهر ڪئي ته هو فرانس ۾ فاشسٽ دشمن مجاهدن جي لاءِ هڪ اسپتال جي اڏاوت ۾ مدد ڪندڙن جا نالا ظاهر ڪري ۽ فاسٽ جي انڪار تي ڪيس ٽن مهينن جي لاءِ جيل موڪليو ويو، مٿس اهو ڪيس ڪيترائي سال هلندو رهيو، هو انهن سالن تائين بليڪ لسٽ رهيو ۽ ڪو به آمريڪي پبلشر سندس ڪتاب جو رڳو مسودو پڙهڻ جي لاءِ به تيار نه هوندو هو، هن جا ڪتاب لائبريرين مان ڪڍيا ويا، جاسوسي ڪاتي هن جي خلاف ٻارهن سئو صفحن تي ٻڌل فائل ترتيب ڏنو.

هاورڊ فاسٽ 1952ع ۾ آمريڪن ليبر پارٽي جي ٽڪيٽ تي آمريڪي ڪانگريس لاءِ چونڊ به وڙهي، 1957ع ۾ هن سوويت اڳواڻ خروشيف جي زباني اسٽالن جي ظلمن جا تفصيل ٻڌي پارٽي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، هن اسٽالن جي خلاف تنقيدي ليک به لکيا، جيتوڻيڪ فاسٽ ڪميونسٽ پارٽي ڇڏي ڏني، پر هو سڄي زندگي ليفٽسٽ ئي رهيو، سندس چوڻي "اتي ئي مون محنت، ڪمٽمينٽ، همت ۽ ايمانداري ڏٺي ۽ اتي ئي مون پنهنجي زندگي ۾ سڀني کان وڌيڪ اتم انسان ڏٺا" اها ڳالهه هن 1990ع ۾ ڇپيل پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب ۾ لکي.

هاورڊ فاسٽ جو ناول سٽيزن ٽام پين ٽن ملڪن آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس ۾ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندڙ ٽام پين جي فڪشن ۾ سوانح عمري آهي، جنهن ۾ هن ٽام پين جي جدوجهد، جولانين ۽ پمفليٽ نويسي جا عڪس چٽيا آهن. ٽام پين "ڪامن سينس" لکي آمريڪين کي آزادي جو رستو ڏسيو ۽ هاورڊ "فاسٽ سٽيزن ٽام پين" لکي آزادي جي دڳ تي هلندڙ انسانن جي لاءِ ٽام پين جي پيغام کي جيئرو ۽ امر ڪري ڇڏيو.



# اکري سئو وکري

## بيت _ شاهہ لطيف

**همسري**

جيڪُس1 ياد ڪَياس، وَرَ2 وڃي وِٽڪارَ3 ۾،
جَلِدُ جَريِدي4 پَنڌَ ۾، آديُون! اڄُ تِياس،
وَڃي ڪيچ پُنِياس5، ٻاروچاڻي ٻاجَهہ سين.

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

(1) جيڪس- شايد. (2) وَرَ- ڪانڌ. (3) وٽڪار- وٽراهہ.
(4) جريدي- هيڪلي. (5) پُنياس- پهتس.

******

## پهاڪو

**همسري**

بخت ڏئي پيڙو، تہ دال مان سِيرو:
جيڪڏهن بخت ساٿ ڏئي ٿو تہ سڃائي آسودگيءَ ۾ تبديل ٿيو وڃي.

******

سرائيڪي ڪهاڻي

## اپڻي پير تي ڪهاڙي مارڻ

**س. ب ڪوسو**

"هيلو...مين ايڊيشنل سيڪريٽري پيا ايندا وان، مين تي پروسا ڪرو، مين تسان نال دوڪا نہ ڪريسان" فون تي هڪڙي ماٺهو منڙي ٻول ٻوليي "اسان ڏي محڪمي چ نوڪري ديان ڪجهہ جايان خالي هِن، تسا ڏي ڪوئي ڇوڪري هِن تہ مين انهين ڪون نوڪري گهن ڏيسان....تسان يقين ڪرو مين تي...ٻي نال ڳالهہ نہ ڪرو" مين ٻنا تصديق دي اونهن آدمي تي يقين ڪر ٻيٺم، ڪنهن نال صلاح مشوره ٻہ نہ ڪيتم، سياڻي اکندي هن جتان لوڀي هوسن، اتان ٺوڳي ٻک نہ مرسن، مون پُٽ دي نوڪري واسطي پندرهن لک ايزي پئسا ڪر ڇوڙيم ٻي ڏينهن فون بند ٿي ڳئي ميڏا گهر لٽيج ڳيا، ٺوڳي دي عيد ٿي ڳئي.

******

مختصر ڪهاڻي

## چور

**سليم چنا**

ڏاڙهي وڌيل، وار وڪريل، ميرا ڪپڙا پاتل نوجوان ٻڪايل، اميرن جي بنگلن جي ٻاهران اڃلايل ڪاڌو ڪٺي رهيو هو تہ چوڪيدارن پڪڙي مار ڪُٽي ڪيس ڪالونيءَ جي يونين آفيس ۾ آندو. جتي جي عهديدارن ڪيس چور قرار ڏئي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو.

******

نظم

## وينتي

**علي محمد درد سولنگي**

ٿون، پنهنجون خوشيون ۽ سک
ٻلي پنهنجن سان شيئر ڪر،
پر، هڪ گذارش اٿئي
جڏهن، غم توکي
گهيرو ڪري وڃن
۽ پنهنجا تنها ڇڏي وڃن
ان لمحي
پنهنجا ڏک مون کي ڏئي وڃجانءِ.

******

## تنهنجو ڏيان

**آمنا ابڙو**

هو بهو
بليڪ ڪافي جي
تکي ڊِڪ جهڙو آهي
جنهن جي سواد جو
ڇهاءُ نڙيءَ جي ترِي ۾
دير تائين
رهي...
هڪ نئين ڊِڪ لاءِ
اڪسائيندو رهي ٿو.

******

شاهين وهاب

صَدمَن جَي گهري سَمنڊ وِچَان
جَذبَن جُون واڳون پَڪڙي مَان
اَچي پَارَ ڪِناريءَ پُهتِي هَان
هِڪَ تيز تِکي طوفان منجهان
وِيرُن سَان وڙهندي جهَڙندِي مَان
اَچي پيار پَنارَي پُهتي هَان.

******

نثري نظم

## گلاب جا گل

**اقبال بلوچ**

تو پنهنجن هٿن سان،
گلاب جا گل ڏنا!!
تنهنجي هٿن جي ڇُهاءَ سان
اهي گلاب جا گل
مون لاءِ سدا مهڪندڙ،
جيون جو سنديس ڏيئي،
منهنجي مَن ۾ مَهڪي پيا آهن...

******

ٻہ مختصر ڪهاڻيون

## "وڃ ميان محمد شاهہ کهيريءَ تي"

**منور علي "منور" ڪيهر**

ناني! او ناني!! ننڍڙي منير آهستي سرٻاٽ جي انداز ۾ چيو ڇو ابا! نانيءَ بيزاريءَ مان وراڻيو. ناني مون کي ڪو ماني ٽڪر ڏي، منير ڊڄندي ڊڄندي چيو. ڇو ابا! اڃان هاڻي تہ ماني کاڌي اٿئي! اڃان بک اٿئي تہ وڃ ميان محمد شاهہ کهيريءَ تي.

******

## وڪري لاءِ

هڪ دفعو مُردي کي پارايل،
سائيز جا ڪفن، سستي
اگهہ ۾ وڪري لاءِ موجود آهن.

# سوشل ميڊيا

همسري

## حفيظ ڪنڀر

سنڌ جا اهي هزارين استاد ته ٿيا نااهل جيڪي بنا ٽيسٽ جي ڀرتي ٿيا هئا. انهن جي اڪثريت ٻارن کي پڙهائيندڙ ٻه رهي، ريگيولر ٻه رهي اڪثريت سرڪار جون گهر شماري، آدمشماري، اليڪشن، پوليو مهم، ٻوڏ سيلاب جون ونگارون ٻه وهندي رهي پر سرڪار ۽ سماج پنهنجي ئي استادن کي نااهل نااهل چوندي پنهنجي ڀرتي جي عمل جي نااهلي کي لڪائيندي رهي. جڏهن بين الاقوامي امدادي ڏرين، وزيرن، مشيرن، ڪامورن ۽ آفيسرن جي اها هٺ ڌرمي ڏٺي ۽ گونگا ماستر ڀرتي ٿيندي ڏٺا ته تعليم لاءِ سنجيده بين الاقوامي ڊونرز پنهنجي امداد ٽيچرز جي ميرٽ تي ڀرتي سان مشروط ڪئي، ٽيسٽ جو نظام آيو، ميرٽ تي نوڪريون مليون، استاد اسڪولن ۾ پهتا ته پگهار بند ڪري ڇڏيائون، ڪٿي ڪجهه مهينن جي پگهار رشوت ڏيڻ جي شرط تي شروع ٿيڻ جا افواهه ۽ آفرز شروع ٿيا. ميرٽ تي ڀرتي ٿيل هيڊ ماسترن کي اڃان پگهار ئي ناهن مليا. بجيٽ ئي هٿن ۾ نه آئي ته مٿان وري ميرٽ تي آيل انهن استادن کان نئين سر ٽيسٽ وٺڻ جو فيصلو مڙهڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. هن کان وڌيڪ تعليم سامان مسخري ۽ مذاق شايد ڪنهن ملڪ ۾ ٿيندو هجي. جيڪو راشي منسٽر استادن جا 23000 آرڊر ڳري رشوت تي ڪڍي سنڌ جي تعليم سان بغداد ڪري ويو سو تعليمي هلاڪو خان سنڌ ۾ ڇوٽ هلي رهيو آهي ۽ ميرٽ تي ڀرتي ٿيل استاد وري ٻه روڊن تي آهن، اهو آهي سنڌ جي تعليم سان مذاق.

******

## فياض امر ٻرڙو

ڪي رويا ڏاڍي تڪليف ڏين ٿا! مثال هن عمارت کي ڏسو. هيءَ تجر عمارت سن 1832 ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن جي دور ۾ خيرپور رياست جي وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاري جي لاش کي امانت طور دفن ڪرڻ لاءِ جوڙائي وئي هئي. بعد ۾ نواب صاحب جو لاش حيدرآباد نيو ويو، پر عمارت جي خوبصورتي ايتري ته دلڪش هئي جو جڏهن انگريز بادشاهه آيو ته انهن ان عمارت ۾ هڪ جائلس نالي سان لائبريري قائم ڪئي. بهرحال پياري پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ هيءَ ڪمال جي عمارت ڄڻ ته وڏوا ٻڌجي وئي، جنهن کي پوءِ قديم آثارن واري محڪمي هٿ ڪيو. هن عمارت جي ٻيهر بحاليءَ جو ڪم ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ٿيڻ وارو آهي، پر جڏهن مان هن عمارت جي چوڪيدار کان پڇين تي چاڪنگ ڪرڻ وارن کي نه جهلڻ لاءِ ٿوري پيار ۾ چنڊ پٽي ته همراهه پنهنجي ٻانهن ڏيکاريندي چيائين ته سائين هي نشان ڏسو ٿا! مون کي انهن چاڪنگ ڪرڻ وارن ڪُٽيو هو! سچ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي. خبر ناهي اسان جي سياسي سماجي ڌرين جي ڪرتا ڌرتا ليڊرن کي ڪڏهن عقل ايندو ته پنهنجا حق وٺڻ ڀلي ڳالهه پر پنهنجو ثقافتي ورثو ته داغدار نه ڪريو!

## افضل شر

جڏهن ٻه علائقائي چوڌرين ڪي سنڌو درياهه تي روز نئين سِر ڏاڙو هڻڻ جو خيال ايندو آهي ته سندن واتان هڪ ئي راڳ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ته "پاني سمندر ۾ ضايع هو رها هي" خبر ناهي ته ضايع ٿيڻ لاءِ سمنڊ ۾ ويندڙ اهو پاڻي ريل تي سفر ڪري ٿو يا جهاز ذريعي وڃي ٿو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. ڇوته سمنڊ تائين مٺي پاڻيءَ جي هڪڙي ئي قدرتي گذرگاهه سنڌو درياهه آهي جنهن ۾ هاڻي سکر واري پُل کان هيٺ پاڻيءَ بدران واري پئي اڏامي. ڪوٽڙي کان ڪراچيءَ تائين پوڪي راهي جي استعمال ۽ ماڻهن توڙي جانورن جي پيئڻ لاءِ مٺي پاڻيءَ جو هڪڙو ئي ذريعو سنڌو درياهه آهي جنهن ۾ هاڻي پاڻيءَ جي ڇولين جي ڌڏڪن بجاءِ سُڄ جا واڪا آهن، زهريلو ۽ ڪارو پاڻي پيئڻ سبب هيٺانهين سنڌ بيمارين جو ڳڙهه ٻڻجي وئي آهي. پاڻي ۽ مڇيءَ جي مهابي تڳندڙ ماڻهن جي ٻيڙين کي اڏوهي کائي رهي آهي ۽ ماڻهن جي زندگيءَ کي غربت جي ٻلا ڳڙڪائيندي پئي وڃي. درياهه جي مٺي پاڻيءَ جو ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري سمنڊ ڏينهون ڏينهن سنڌ جي لاڙ واري پٽي کي کائيندو پيو وڃي ۽ سنڌ جي جاگرافيائي بيهڪ وڃي پئي سُسندي تمر جا قيمتي ٻيلا ڪڏهوڪو سڙي ڳپي ويا. سڄو پنجاب مٺي پاڻيءَ جو کوهه ٻڻيو پيو آهي، اهو ڪهڙو فصل آهي جيڪو سنڌ جي حصي واري پاڻيءَ تي پنجاب ۾ نٿو پوکيو وڃي؟ اتي ڪنهن کي ٻه پاڻيءَ جو ذيان ٿيندي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. سنڌي قوم جي ووٽن سان اقتدار جا مزا ماڻيندڙ پارٽي جي قيادت هميشه سنڌي قوم کي ڪالاباغ ڊيم جو نالو ٻڌائي قوم کي مطمئن ڪندي رهي آهي ته هو ڪنهن ٻه صورت ۾ ڪالاباغ ڊيم نهڻ نه ڏيندي ۽ پرپُٺ وري هو پنهنجي حڪومتي دورن ۾ سنڌو درياهه تي ڪيترائي ننڍا وڏا ڊيم ٺاهي سنڌ کي برپٽ بيابان بنائڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهندي آئي آهي.

******

## نصير ميمڻ

ڪريم ٽيڪسي جو نوجوان پڙهيل لکيل ڊرائيور ٻڌائي ٿو ته پارٽنرشپ ۾ هڪ شوروم اٿم ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ شيئرز جو ڪاروبار ٻه ڪندو آهيان. اهي ٻئي ڪم ڪراچيءَ ۾ ٻارهين وڳي کان اڳ شروع نٿا ٿين. صبح جو سوير جاڳندو آهيان. گاڏي پنهنجي اٿم. اهي چار پنج ڪلاڪ واندو ويهڻ کان چڱو ڀانيم ته گاڏي ۽ واندڪائي ٻنهي جو صحيح استعمال ڪريان تنهنڪري صبح جو ٽيڪسي هلايان ٿو. اسان کي ٻه وقت ۽ وسيلن جي ذميواراڻي استعمال جي عادت وجهڻ گهرجي.

### رپورٽ

# سينٽر آف ايڪسيلنس ڄامشورو ڊگري شو

**لطيف گاد**



سينٽر آف ايڪسيلنس آرٽ اينڊ ڊزائين مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ يارهون ڊگري شو ٿي گذريو جنهن ۾ هزارين ماڻهن، شاگردن، ليڪڪن، صنعتي شعبي جي مالڪن، ادارن جي سربراهن، صحافين ۽ مختلف فڪر سان تعلق رکندڙ شخصيتن شرڪت ڪري نوجوانن جي ڪم، تخليقي صلاحيتن ۽ ڪم جي واکاڻ ڪئي. چئن ڏينهن تائين جاري رهندڙ نمائش جو افتتاح سنڌ جي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي وزير ڊاڪٽر سڪندر علي شورو، مهراڻ يونيورسٽيءَ جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طاحا حسين علي ۽ سينٽر آف ايڪسيلنس آرٽ اينڊ ڊزائين جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر ڀائي خان شر ڪيو. ڊگري شو ۾ فائن آرٽ، ٽيڪسٽائل، ڪميونيڪيشن ڊزائين ۽ آرڪيٽيڪچر شعبي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران ٺاهيل پينٽنگن، مجسمن، اشتهارن جا نوان خيال، ڪپڙن جون ڊزائينون، عمارتن جا جديد نقشا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون رکيون ويون.

فائن آرٽ شعبي جي شاگردياڻي رِدا ڪاظميءَ پنهنجي پينٽنگن ۾ ورهاڱي واري وقت کي اجاگر ڪندي اهو ٻڌايو ته ورهاڱي دوران سندس نانو جڏهن هجرت ڪري پاڪستان آيو ته اهو ڏاڍو ڪربناڪ وقت هو ۽ اڄ به جڏهن هو ريل گاڏيءَ جي سيٽي ٻڌندو آهي ته ان وقت کي سوچي ڏاڍو اداس ٿي ويندو آهي، جنهن کي هن پنهنجي پينٽنگ ذريعي نروار ڪيو آهي. سوهم وقار نالي شاگردياڻيءَ تهذيبي ۽ تاريخي ماڳن کي پنهنجي آرٽ ذريعي پيش ڪيو جنهن ۾ هن اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته دنيا جي تيز رفتاريءَ سبب اسان تاريخي ورثو ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو انداز تبديل ڪندا پيا وڃون پر اهو اسان جي زندگيءَ جو نه وسرندڙ پهلو آهي.

وردا رفيع الله جو پروجيڪٽ هو ته زندگيءَ جو هر واقعو اسان جي مٿان پنهنجو اثر ڪيئن ٿو ڇڏي جيئن اسٽيپلر جون پنون ڪاغذ ۾ لڳڻ ڪانپوءِ پنهنجو نشان ڇڏين ٿيون تيئن هر واقعو به انساني نفسيات تي پنهنجو اثر ڇڏي ٿو ان لاءِ هن پنهنجي پوري زندگيءَ کي مختلف ڪتابن ۽ تصويرن ۽ اسٽيپلر جي پنن وسيلي ظاهر ڪيو هو.

سنينا تلريجا هڪ نهايت باصلاحيت آرٽسٽ جنهن پنهنجي پروجيڪٽ وسيلي مذهب ۽ خانداني اثرن جو انساني روين تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو ان کي پنهنجي آرٽ وسيلي پيش ڪيو.

شگفته خان پنهنجي پينٽنگن ۾ ذاتي تجربن ۽ يادگيرين کي محفوظ ڪري اهو ٻڌايو ته جيتوڻيڪ هوءَ اڄ وڏي شهر ۾ رهي ٿي پر ڳوٺ جي زندگيءَ جا سندس شخصيت تي گهرا اثر موجود آهن، هن صابڻ جي چڪين مان ٻيڙيون، چريون، ٽئو ۽ رانديڪا ٺاهي يادگيرين کي سانڍيو آهي. ماهم تنوير جو موضوع حقيقتون ساڳيون رهنديون آهن پر وقت نڪري ويندو آهي جنهن ۾ هن سياستدانن ۽ مزاحيه فلمي اداڪارن جون تصويرون ٺاهيون ۽ اهو چوڻ چاهيو ته اسان سياستدانن جون ڳالهيون روز ساڳئي قسم جون ٻڌون ٿا جڏهن ته هاڻي مزاحيه اداڪار به هٽ ٻڌي انهن کي چون ٿا ته بس گهڻو ٿيو توهان اسان کي به ماري ويا. ان سان گڏوگڏ هن پراڻين اخبارن تي به شاندار ڪم ڪري اهو ٻڌايو ته اخبارن جا بنڊل ڏسڻ ۾ ته فضول لڳندا آهن انهن ۾ تمام گهڻي ڄاڻ ۽ علم موجود هوندو آهي. هڪ شاگرد ٽيلهين مان انساني مجسما ٺاهي اهو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته دنيا ۾ ڪا به شيءِ بيڪار ناهي هر شيءِ جي پنهنجي اهميت آهي انهن کي ٻيهر استعمال ڪري ڪٿي نه ڪٿي ڪم آڻي سگهجي ٿو.

ٽيڪسٽائل ڊزائين جي شاگردياڻين ڪٽڪ جي ڌاڳن، مور، پکين، جانورن، وڻن، ٽڻن، ٻوٽن، نورجهان، مهدي حسن، نصرت فتح علي خان، ڪوريئڙي، پوپٽ، وزير خان مسجد لاهور، اجرڪ، رلي، گل مهر، سچل سرمست جي شاعري ۽ ٻين شين مان متاثر ٿي ڪپڙن جون ڊزائنون ٺاهي نمائش لاءِ رکيون. شاگردياڻين پاران قديم ۽ جديد ڊزائنن جي ميلاپ وارن ڪپڙن ماڻهن کي ڏاڍو متاثر ڪيو.

ڪميونيڪشن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين فحش فلمن جو اونداهو پاسو، خال پريو، ننڍڙي تبديليءَ کان شروعات ڪيو، ماڻهو ڇا چوندا، نوجوانن ۾ لڪل صلاحيتون، بالغاڻي تعليم وارن موضوعن تي پنهنجا پراجيڪٽ نمائش ۾ رکيا.

آرڪيٽيڪچر شعبي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سوشل ڪلب حيدرآباد، المنظر ڄامشورو تفريحي پارڪ، چرنا ٻيٽ، ڪينجهر ڍنڍ ۽ مالم جبا سوات ۾ هوٽلن جي تعمير، سيوهڻ ۾ منشيات جي روڪٿام وارو سينٽر، قلندر لعل شهباز جي مقبري جي نئين سر تعمير، بحريا ٽائون ڪراچيءَ ۾ فائيو اسٽار هوٽل، حيدرآباد ۾ تفريحي پارڪ، بزرگ ماڻهن لاءِ رهڻ جي جاءِ ۽ حيدرآباد جي ڪمرشل علائقن ۾ صحتمند فضا قائم ڪرڻ جهڙا منصوبا، نقشا، جديد تعميراتي خيال ۽ ٻيا فن پارا نمائش ۾ رکيا ويا.



نمائش ڏسڻ لاءِ آيل ڪيترن ئي آرٽ گيلرين توڙي ڪمپنين نوجوانن پاران ٺاهيل پينٽنگون، مجسما ۽ پراجيڪٽ خريد پڻ ڪيا.

رپورٽ

# خانا بدوش اياز ميلو

**همسري**

حيدرآباد ۾ لڳاتار ٻن سالن کان اياز ميلو ملهايو پيو وڃي جنهن سلسلي جي ٽئين ڪڙي هن سال 20 ڊسمبر کان 26 ڊسمبر تائين خانا بدوش رائيٽرز ڪيفي پاران ملهائي وئي جنهن جو افتتاح ناميارن مفڪرن ۽ اديبن رسول بخش پليجو، نور الهديٰ شاهه، مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر الطاف ۽ ميلي جي ڪنوينر ۽ ميزبان امر سندو ڪيو. ميلي ۾ گهڻي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي آهي. ميلي ۾ هر عمر ۽ هر طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهو شرڪت ڪئي. هن ميلي ۾ امر سندو ۽ عرفانه ملاح سان گڏ سڄي ٽيم سنڌ جي قديم ميلن واري روايت کي نئين زندگي بخشي آهي. هن ڪوشش جي ڪري شيخ اياز جو پيغام نوجوانن تائين به پهچي ويو آهي.

ميلي جي پهرين ڏينهن رسول بخش پليجي چيو ته اياز جي باري ۾ ڳالهائڻ يا ان کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. اياز جا هزارين رنگ ۽ هزارين ڳالهيون آهن، اياز کي سمجهڻ به ڏاڍي مشڪل ڳالهه آهي. اياز تي ڳالهائڻ جو اسان کي سٺو موقعو مليو آهي.

ناميار ليکڪا مهتاب اڪبر راشدي چيو ته جنهن عورت کي اسان جو سماج گهٽ سمجهندو آهي ان عورت ئي اياز ميلو مچايو آهي. عورت کي شاهه ڳائي يا اياز ڳائي تڏهن به اسان جو سماج ان کي مان نٿو ڏئي. هن چيو ته اياز مائيٽو درياءُ هو هن ۾ غرور نه هو هن



33 ڪتاب شاعري تي لکيا، توهان اندازو لڳايو ته ان جي اندر ۾ ڪيتري آنڌ مانڌ هوندي هئي.

نور الهديٰ شاهه چيو ته اڄ سنڌي قوم مذهبي جنونيت ۽ مذهبي انتها پسندي طرف وڌي رهي آهي ان صورت ۾ اسان کي خانا بدوش جهڙا ڪيترائي ڪيفي کولڻا پوندا. اسان کي شيخ اياز، جي ايم سيد، رسول بخش پليجو جهڙن شخصيتن جي فڪر ۽ فلسفي کي جاڳائي رکڻو پوندو.

شيخ ايا جي نياڻي روحي چيو ته بابا جيڪو پاڻ تي ميلا لڳائڻ جو خواب ڏٺو هو اهو هاڻي پورو ٿي ويو آهي، اڄ بابا تي ميلا لڳي رهيا آهن جنهن تي مان امر سندو ۽ مهمانن کي مبارڪباد ڏيان ٿي.

رپورٽ

# ڪلچر ڊي

**سيما عباسي**

گذريل ڪجهه سالن کان سنڌي ثقافت کي پيش ڪرڻ وارو سلسلو قومي جذبي واري جوش ۽ خروش سان جاري رهڻ پڻ ان ڳالهه جو به دليل آهي ته سنڌي قوم پنهنجي ثقافت ۽ تهذيب سان ڪيتري نه محبت ڪري ٿي. بيشڪ "ايڪتا" ڏينهن کي ملهائڻ سان سنڌي قومي جي ثقافت پوري دنيا آڏو سهڻي نموني اجاگر ٿئي ٿي. ان حوالي سان مختلف شهرن ۾ ريلين ۽ ثقافتي پروگرامن جو سلسلو قابلِ تعريف آهي. اهڙن موقعن تي ٻارڙن جو جوش خروش ۽ خوشي پڻ ڏسڻ وٽان هوندي آهي. تقريبن جي حوالي سان اهڙا ٽيبلوز ۽ نغما تيار ڪري سگهجن ٿا جيڪي سنڌي ثقافتي رنگن کي سهڻي نموني اجاگر ڪري سگهن. ٽيبلوز جي منظر نگاري ۾ اجرڪ ٽوپي سان گڏوگڏ ريتن رسمن کان وٺي سنڌ جي روايتي مهمان نوازي جي پڻ من موهيندڙ انداز ۾ عڪاسي ڪري سگهجي ٿي. اهڙن موقعن تي ٽن ڏينهن وارا ثقافتي ميلا پڻ ترتيب ڏيئي سگهجن ٿا. انهن ميلن ۾ لڳل اسٽالن تي سنڌ جي روايتي ڪاڏن کان وٺي سيني ثقافتي ۽ تهذيبي رنگن کي نهايت بهتر انداز ۾ ظاهر ڪري سگهجي ٿو. ڪلچر ڊي جي حوالي سان ڪي ٽي اين نيوز ڪاسٽر ٽيم جي زير اهتمام آرٽس ڪائونسل ۽ WGF جي اشتراڪ سان ايڪتا مشاعرو ۽ ميوزيڪل نائيٽ جو پروگرام ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن فنڪارن سان گڏوگڏ اردو، سنڌي جي مختلف شاعرن پنهنجي شاعري پيش ڪئي. شاعري جي صدارت سنڌ جي سر موڙ شاعر امداد حسيني ڪئي. جڏهن ته مهمان خاص جو اعزاز سحر امداد کي ڏنو ويو. مشاعري جي ميزباني ياسر قاضي ڪئي. شاعرن ۾ مسرور پيرزادو، امتياز دانش، وقار زيدي، انيس، نوشابه نوش، نيلما تصور، ياشيب ترنم، سيما عباسي، عين سحر، شاهه زمان پنگر پنهنجي شاعري پڙهي ماحول کي مهڪائي ڇڏيو. شريڪ مهمانن ۾ احمد شاهه، ايوب شيخ، اڪبر لغاري پروگرام مان لطف اندوز ٿيندا رهيا. مشاعري کانپوءِ مزاحيه خاڪن ۽ سريلن سازن تي مشتمل ڳائڻ وڄائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌ جي سهڻن فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. فنڪارن ۾ سهراب سومري جي مزاحيه خاڪن مهمانن کي آخر تائين پروگرام ۾ ويهارڻ تي مجبور ڪيو.

رپورٽ

# ايچ آر سي پي حيدرآباد ۾ ٿيل تقريب جو احوال

**همسري**

هيومن رائيٽس آف پاڪستان حيدرآباد چيپٽر طرفان انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان حيدرآباد ٽاسڪ فورس آفيس ۾ 9 ڊسمبر تي اظهار راءِ جي آزادي جي عنوان هيٺ ڪوٺايل تقريب ۾ ناميارې سينيئر صحافي سهيل سانگي صدارتي خطاب ڪندي چيو تہ اسان وٽ اظهار راءِ جي آزاديءَ جي حوالي سان سڀ کان گهٽو نشانو ميڊيا کي ئي بڻايو ويو آهي تہ جيئن هڪ عام ماڻهو ميڊيا ذريعي پنهنجي حقن جي ڳالهہ نہ ڪري سگهي رياست کي ماڻهن جي پاڻ ۾ وڙهڻ تي ڪوبہ اعتراض نہ آهي پر بنيادي انساني حقن جي ڳالهہ ڪرڻ ڏوهہ آهي. سنڌي ميڊيا جو ماضي ڪافي شاندار هو سنڌي ميڊيا ماڻهن جي حقن جي حاصلات لاءِ تمام لاياڻتو ڪردار ادا ڪيو، پر هن وقت سنڌي ميڊيا جو ڪردار ماضيءَ جهڙو نہ رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ميڊيا کي سياست تي ڳالهائڻ جو تہ اختيار آهي پر سي پيڪ رٿا جي مختلف رخن تي ڳالهائڻ جي اجازت نہ آهي. اظهار جي آزاديءَ جو منظر مورچو هن وقت صرف ميڊيا ئي بچيو آهي اڳ ۾ ڊڪٽيٽرن جي دور ۾ تہ ميڊيا لاءِ حد بنديون مقرر ٿيل هيون پر هاڻ تہ جمهوري دورن ۾ پڻ ميڊيا پابندين کي منهن ڏيئي رهي آهي فرق صرف حڪمت عملي جي تبديلي جو آهي. نظر ڦيرائجي تہ صرف اسلام آباد جهڙي شهر ۾ 143 صحافين کي ڌمڪيون مليون آهن 5 صحافين کي قتل ڪيو ويو ۽ 43 ڄڻن کي زخمي ڪيو ويو آهي. ميڊيا جي 15 ملڪيتن تي حملا ڪيا ويا آهن حيران ڪن ڳالهہ اها آهي تہ مٿي ڄاڻايل سڀني ڌمڪين، حملن ۽ قتلن توڙي ميڊيا ئي ملڪيتن کي پهچايل نقصانن ۾ غير رياستي ڌريون ملوث آهن بهرحال بنيادي طور ميڊيا جو تعلق عوام ۽ جمهوريت سان آهي پر افسوس جو هاڻي ايئن ناهي رهيو. ان موقعي تي پروفيسر مشتاق ميراڻي ڳالهائيندي چيو تہ اسان کي پنهنجي حقن توڙي ملڪ ۾ ٿيندڙ هر ناانصافي خلاف آواز اٿارڻ گهرجي. اسان جيستائين سوال نہ ڪنداسين تيستائين اسان پنهنجا حق حاصل نہ ڪري سگهنداسين. هن چيو تہ پاڪستان اهو ملڪ آهي جتي ساز تي بہ پابندي آهي تہ گڏوگڏ مذهب ۽ رياست تي بہ نٿو ڳالهائي سگهجي. اهڙي صورتحال ۾ اسان ڪيئن انساني حق وٺي سگهنداسين اظهار جي آزادي لاءِ اسان کي سوال ڪرڻ گهرجن سوال ڪرڻ اظهار جي آزاديءَ ڏانهن پهرين وک آهي. سقراط جو زهر پيئڻ سچ تائين پهچڻ جو هڪ مثال آهي پروفيسر مشتاق ميراڻي جو وڌيڪ چوڻ هو تہ اظهار جي آزاديءَ جو پهريون شهيد سقراط آهي گليلو بہ ان زيادتي جو نشانو بڻيو بدقسمتي سان اظهار جي آزادي تي هر دور ۾ پهرا رهيا آهن. انگلينڊ ۾ 1643 ۾ رياست بہ اظهار تي پابندين جون قانون پاس ڪيو هٽلر 25 هزار ڪتاب نان جرمن چئي ساڙائي ڇڏيا. هٽلر چوندو هو تہ وڏو ڪوڙ ڳالهايو ۽ ان ڪوڙ کي ايترو تہ دهرايو جو ماڻهو ان کي سچ سمجهڻ لڳن.

ان موقعي تي پروفيسر بدر سومري ڳالهائيندي چيو تہ هن وقت ميڊيا تي ڪنٽرولڊ آزادي آهي جنهن سبب اسان کي مخصوص حدن ۾ رهي ڳالهائڻو پوندو آهي رياست هميشہ قومن ۽ ان جي تهذيبن کان بہ انڪاري آهي جيڪڏهن ان تي اسان ڳالهايون ٿا تہ الزام ٿو




لڳي تہ اسان ترقيءَ جا مخالف آهيون هن وقت اسان ترقيءَ جي انهن حدن کي پهچي رهيا آهيون جو اسان صرف فيس بُڪ ۽ باقي سوشل ميڊيا ۾ پڻ ڪلي نموني ڳالهائي رهيا آهيون اها ڏار ڳالهہ آهي جو فيس بُڪ ۽ باقي سوشل ميڊيا ڏانهن بہ اسان جو رويو ٻاراڻو آهي. همسري رسالي جي ايڊيٽر زاهده ابڙو ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ اظهار راءِ جي آزادي قدرت بہ فراهم ڪري ٿي اهو ئي سبب آهي جو ٻار پيدا ٿيندي روئي پنهنجي هجڻ جو اظهار ڪري ٿو اسان آزاد پيدا ٿيون ٿا ان ڪري اظهار جي آزادي اسان جو بنيادي حق آهي مگر رياست اسان کان اهو حق ڪسي ورتو آهي. پاڪستان ۾ ميڊيا کي بہ آزادي حاصل نہ آهي اهڙي صورتحال ۾ اسان ميڊيا ذريعي معاشري ۾ ٿيندڙ زيادتين ۽ ناانصافين خلاف ڪيئن ٿا لکي سگهون اسان تہ آرٽ، اسٽوري يا ٻئي ڪنهن عملي اظهار تي بہ ڪلي نموني اظهار نٿا ڪري سگهون. ان سان گڏوگڏ ميڊيا کي بہ پنهنجو جائزو وٺڻ گهرجي اسان مان بہ ڪيترائي صحافي ييلوو جرنلزم جو شڪار آهن انهن کي بہ خود احتسابي جي عمل مان گذرڻ گهرجي جنهن سان اسان تعميري تنقيد جا بنياد وجهي سگهون ٿا. ڪوٺايل تقريب کي سنڌ ايڪسپريس جي ايڊيٽر ۽ سينئر صحافي فاروق سومري ڳالهائيندي چيو تہ ميڊيا کي لکڻ لاءِ اها آزادي حاصل نہ آهي جيڪا آزادي ميڊيا جو حق آهي ڊڪٽيٽرن جي دور ۾ بہ پرنٽ ميڊيا تي پابندي لڳائي وئي هئي. جمهوري دورن ۾ پڻ ميڊيا کي پابندين جو منهن ڏسڻو پيو، سهيل سانگي جهڙن جاڪوڙي صحافين جيل ڪاٽي بہ ميڊيا جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪئي. انساني حقن جي اڳواڻ ۽ نوجوان وڪيل امجد پليجي ڳالهائيندي چيو تہ اظهار راءِ جي آزادي انسان جو بنيادي حق آهي، قومون اظهار راءِ جي آزادي کانسواءِ ترقي ڪري نہ سگهنديون آهن قانون ۽ آئين ۾ انسان کي اظهار راءِ جي آزادي جي ضمانت ڏنل آهي مگر حالتن سبب ان جي عملي اظهار کان اسان خوفزده آهيون. تقريب جي ڪارروائي ڊاڪٽر اشو ٿاما هلائي، پروگرام ۾ ناول نگار منظور ٿهيم، تاج مري، پنهل ساريو، مهيش ڪمار، غفرانہ مقبول ملاح ۽ ٻين بہ شرڪت ڪئي ۽ مختلف سوال ڪيا.

همسري ماهوار مئگزين حيدرآباد Regd. No.

### ڪهاڻي

# ماءُ جو دلاسو

**خليل جبران**

**ترجمو: ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

قادسيہ جي واديءَ ۾ جڏهن آسپاس ڳوٺن ۾ مسلسل برف وسي رهي هئي تڏهن ڏينهن تي حاوي ٿيڻ لاءِ رات بہ پنهنجا پر تيزيءَ سان پکيڙي رهي هئي. ائين لڳي رهيو هو تہ ڄڻ هر شيءِ مسلسل ۽ مستقل برف ۾ ڍڪجي رهي آهي. جبلن جون قطارون کليل ميدان ۽ ٻنيون سڀ اڻڌيري جي وڪڙ ۾ وڪوڙجي ويا هئا. هوائن جا سوسٽ، ماحول کي قدرت جي دهشت انگيزي ڄاڻائي رهيا هئا. ان وقت ماڻهو گهرن ۾ وڃي لڪيا ۽ جانورن جي واڙن ۾ موت جهڙي خاموشي هئي، انسان، پکي پکڻ هن سخت برفيلي سرديءَ ۾ خوفناڪ ماحول ۽ عاجز ۽ قدرت جي مهرباني لاءِ واجهائي رهيا هئا. ڪاري ٿڌي رات جي طاقت ۽ موت کان سواءِ ڪجهہ بہ باقي نہ بچيو هو.

ڳوٺ جي آباديءَ کان الڳ هڪ اڪيلي گهر ۾ هڪ بيواهہ عورت سگريءَ جي سامهون اوني شال اُڻي رهي هئي. پاسي کان سندس ٻچڙو وينل هو، جو ڪيڏي مهل سگريءَ مان نڪتل باهہ جي الن کي ڏسي رهيو هو تہ ڪيڏي مهل پنهنجي امڙ جي پرسڪون چهري ڏي. اوچتو آنڌي تيز ٿي وئي ۽ گهر جون ديوارون لڏڻ لڳيون ٻارڙو ڊڄي ماءُ جي وڏيڪ ويجهو ٿي ويو، جنهن پنهنجي شفقت ڀريئي هنج ۾ ڀري کيس پاڻ سان چهٽائي پيار ڪيو ۽ گوڏي تي ويهاري چوڻ لڳي "منهنجا ٻچڙا! ڊڄ نہ، قدرت پنهنجي عظمت ۽ طاقت جو مظاهرو ڪري اسان کي نصيحت ڪري رهي آهي تہ سڄي ڪائنات سندس هٿ هيٺ آهي. نہ ڊڄ منهنجا ٻچڙا! زمين تي ڪريل برف ڪڪرن سان ڍڪيل آسمان ۽ فضا کي هيٺ مٿي ڪرڻ واري هيءَ آنڌي ۽ طوفان جي تيز لوڏن پويان هڪ بزرگ روح آهي جيڪا ميدانن ۽ جبلن جي ضرورتن کي ڇڱيءَ پر ڄاڻي ٿي ۽ ڪٽي رهندڙ انسانن تي رحمت ۽ محبت جو هٿ رکي ٿي، ان ڪري تون خوف نہ کاءُ، منهنجي دل جا ٽڪرا! فطرت جبلن ۾ مرڪندي، گرمين ۾ ٽهڪ ڏيندي، سرءُ ۾ آهون ڀريندي روئڻ چاهي ٿي تہ جيئن زمين جي انتهائي هيٺانهين طبقي ۾ پيل زندگي هن جي ٿڌن لڙڪن سان پنهنجي اڃ اجهائي. منهنجا پٽ! تون سمهي رهہ، جڏهن تون جاڳندي تڏهن آسمان کي صاف ۽ ميدانن کي سفيد برف جي چادر اوڍيل ڏسندين، سمهي رهہ، منهنجا پٽڙا! تنهنجو پيءُ هن وقت پاڻ کي ابديت جي رستن کان ڏسي رهيو آهي. مبارڪ آهي اها آنڌي ۽ اها برف باري جيڪا اسان کي غير فاني روحن جي ياد ڏيارين سان ملائي ٿي انهن ئي قوتن جي شدت گذرڻ ڪانپوءِ جڏهن بهار ايندو تڏهن تون خوبصورت ترين گل هتان ئي ٽوڙيندين جيئن انسان بي انتها ڏکن، وڇوڙن ۽ حوصلو ٽوڙيندڙ صبر ڪانپوءِ ميوو ماڻيندو آهي.

منهنجي اکين جا نور! سمهي رهو، تون سمهي رهو، تہ جيئن سهڻا سهڻا خواب رات جي هيبت ۽ سرديءَ جي شدت توڙي بي خوف ٿي تو وٽ اچن. ننڍڙي پنهنجي ماءُ جي اميد ۽ حوصلي ڀريل نظرئي سان ڏٺو، سندس اکيون ننڊاکڙيون ٿي رهيون هيون. ماءُ جي مٺن ۽ تسلي ڀرين اکرن، دعائن ۽ دلاسن سندس خوف ۾ ڪمي آندي هئي، وري بہ ڏانهنس نهاري چيائين تہ، منهنجي مٺڙي ماءُ! ننڊ منهنجي اکين کي واري وئي آهي پر آئون ڊڄان ٿو تہ ڪٿي صبح جي نماز پڙهڻ کانسواءِ سمهي نہ رهان." مهربان ماءُ کيس ڳرانڙي پائي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ اکين اکين سان چوڻ لڳي، منهنجا پٽڙا تون مون سان گڏ دعا گهر. يا رب! فقيرن تي رحم ڪر! انهن کي سخت سياري جي سختيءَ کان بچائي انهن جي اگهاڙن جسمن کي پنهنجن هٿن سان ڍڪي ڇڏ، جهوپڙن ۾ ستل يتيمن کي هن بي انتها برف کان بچائي اها جيڪا سندن جسمن کي چيري رهي آهي. يا رب! بيواهن جي فرياد ٻڌ، جي موت جي هولناڪيءَ ۾ سيءَ جي سٽن ۾ ورتل آهن. يا رب! پنهنجي هٿ کي سرمائيدار ڏي وڌائي، هن کي ڏسڻ واريون اکيون ڏي، جيئن هو ڪمزورن ۽ تباهہ حال مظلومن کي ڏسي سگهن. يا رب! انهن بکايلن تي مهرباني فرمائي جيڪي هن اونداهي رات ۾ درن تي بيٺا آهن ۽ پرديسين کي واٽ ڏسي رهيا آهن. يا رب! ننڍڙين ننڍڙين جهرڪين جي طرف ڏس، پنهنجي ساڄي هٿ سان انهن وڻن جي حفاظت ڪر جي طوفانن جي ٿڌين هوائن جي لوڏن ۾ آهن. يا رب! اهو ڪر جنهن لاءِ آئون فريادي آهيان ۽ مون کي خبر آهي تہ توکي ئي سڀ قدرت آهي ۽ تون ئي قادر آهين."

ننڊ جڏهن ننڍڙي کي مڪمل گهيري وئي تڏهن ماءُ ڏڪندڙ چپن سان سندس نرڙ تي چمي ڏني ۽ مهر ڀرين نگاهن سان ڏسندي واپس اچي سگريءَ جي سامهون سندس لاءِ اوني چادر اڻڻ لڳي.

نوٽ: خليل جبران لبنان جو مشهور فلسفي، شاعر، ناول نگار، ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار ۽ مصور هو. سندس جنم 6 جنوري 1883ع تي لبنان جي قادسيہ واديءَ جي هڪ ننڍي ڳوٺ بشاري ۾ ٿيو. انگريزي، عربي ۽ فرانسيسي ٻولين تي عبور رکندڙ هن ليکڪ جون تحريرون دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيون آهن. هن پنج ناول، سوين ڪهاڻيون، هڪ ڊرامو "شداد جي محبت" کانسواءِ ٻيو فلسفي حقايتن ۽ شاعري تي مشتمل مواد ڇڏيو آهي جيڪو ڪتابي صورت ۾ موجود آهي. سندس وفات 1931ع تي ٿي. جبران جي تربيت ۾ سندس ماءُ ڪاملا رحمت جي محبت ۽ شفقت جو وڏو اثر آهي. کيس پنهنجي والده سان گهڻي محبت هئي کيس ننڍي هوندي کان لوڪ ڪهاڻيون ۽ بائيبل جا قصا ٻڌائيندي هئي جن سان سندس حساس ۽ فنڪار طبيعت ۾ اهم انقلاب آيو جو سندس تحرير مان ظاهر آهي. مٿين ڪهاڻي ۾ سندس حياتي جو عڪس واضح ٿئي ٿو.



parveenmoosa2018@gmail.com



U.S.-Pakistan

**Centers for Advanced Studies in Water**

**Mehran University of Engineering & Technology, Jamshoro**

# Call for Research Proposals

## Research Grant Program in Water 2018

The U.S.-Pakistan Center for Advanced Studies in Water (USPCAS-W) established at the Mehran University of Engineering & Technology (MUET) Jamshoro, invites proposals for awarding research grants in the area of water, especially to address issues impeding socio-economic development of Pakistan. These issues include: water scarcity, water quality, water governance, agriculture and industrial water management, groundwater management, urban and irrigation water systems, adaptation to climate change, wastewater treatment and use, water and community and technology development and transfer, among others.

The research proposals should clearly state: (i) project rationale and objectives, (ii) study methodology, (iii) expected project impact in terms of benefits to Pakistan's economy, (iv) linkages to water SDG, (v) sustainability plan, and (vi) work plan together with detailed budget. Additional details including the application form for submitting research proposals can be found at: **http://water.muet.edu.pk/applied-research/call-for-research-proposal-2018-general/**

Maximum funding available for each project is around PKR. 3.0 million rupees. Only high quality proposals with potential to influence policy making towards addressing water issues listed above and in the application form will be considered for funding.

All research institutions, HEC approved universities, non-governmental/civil society organizations (with minimum of 5 years' experience in applied and policy-oriented research related to water issues) are eligible to apply for research grants. The application package should be emailed at: **da.uspcasw@admin.muet.edu.pk.** Deadline for receiving research proposals is **08 January, 2018.**

Mehran University
of Engineering & Technology,
Jamshoro, Pakistan

PID(H) 100192/17

# مختصر ڪهاڻيون

## سوال

شگفتہ شاھ

"هنن نوڪرياڻين بہ بيزار ڪري رکيو آهي. مهيني ۾ هڪ ٻہ موڪلون تہ ضرور ڪنديون." ليڪچرار صاحبہ پنهنجي مهانگي برينڊ جي رئي کي هڪ ادا سان ڪلهي تي وجهندي چيو جيڪو ڪجھ دير اڳ ڪسڪي ويو هئس. "مون واري مائي تہ اڄ ٽن ڏينهن ڪانپوءِ شڪل ڏيکاري آهي. آئون بہ موڪلن جا پئسا پگهار مان ڪٽي ڏينديسانس." ڊاڪٽرياڻي صاحبہ پنهنجون نيون پاتل سونيون چوڙيون کڙڪائيندي چيو.
"اسان جي اديب الائي ڇو چپ آهي؟" ٻنهي ڄڻين ڪيس مخاطب ڪندي چيو، جيڪا سندن ڳالهيون ٻڌڻ دوران ڊرائنگ روم کان ٻاهر وڏي لائونج مان ڏاڍي تڪليف سان پوچو هڻندڙ نوڪرياڻيءَ کي ڏسي رهي هئي، جيڪا ماءُ ٿڄڻ واري هئي ۽ پورن ڏينهن سان هئي. سندس چهري تي وڪريل درد جون ريکائون ظاهر ڪري رهيون هيون تہ هوءَ سور جون سٽون سهي رهي هئي. هن پنهنجي اعليٰ تعليم يافتہ ورڪنگ ويمن فرينڊز ڏانهن متوجھ ٿي هڪ گهرو ساھ کڻندي چيو: "اسين سڀ سرڪاري ادارن ۾ نوڪريون ڪريون ٿيون. اسان کي هڪ سال ۾ ڪيتريون Casual Leaves (اتفاقي موڪلون) ٿيون ملن؟"
"پنجويھ" سيني گڏجي چيو.
"معنيٰ تہ پگهار ڪاٽو ٿيڻ کان بنا اسان کي سال ۾ پنجويھ اتفاقي/حادثاتي ڪارڻن لاءِ موڪلون ملن ٿيون. تنهن ڪانسواءِ هر مهيني چار آچر جون موڪلون بہ ملن ٿيون انهن ڪانسواءِ عيدن برادن ۽ ٻين ڏينهن جي عام موڪلن ڪانسواءِ ميڊيڪل بنياد تي الڳ موڪلن جي سهولت آهي. عمرو، حج ڪرڻ جون انهن کان علاوه آهن. پوءِ... اگر اسان وٽ ڏهاڙي جي (Daily Wages) جو نظام قائم ٿي وڃي تہ اسان جي موڪلن ڪرڻ تي اوترن ڏينهن جو پگهار ڪاٽو ٿيندو نہ؟"
"الله نہ ڪري جو اهو سسٽم اچي."
ڊاڪٽرياڻي صاحبہ يڪدم چيو. "اهي موڪلون تہ اسان جو حق آهن." ليڪچرار چيو "پوءِ اسين گهرن ۾ پورهيو ڪندڙن... خاص ڪري عورتون هئڻ جي حيثيت سان نوڪرياڻين کي ساڳيو حق ڇو نٿيون ڏيون؟ هوءَ ويچاري Pregnant آهي. اسان وانگر اڳواٽ ميٽرنٽي ليو (موڪل) تي تہ نٿي وڃي سگهي پر تڪليف هئڻ سبب ٿي ڏينهن موڪل تي بہ نٿي وڃي سگهي؟. نوڪر مهيني ۾ آچر جون چار موڪلون بہ نٿا ڪري سگهن تہ اهي موڪلون تہ هونئن اسان وٽ قرض هونديون آهن جيڪي هو ضرورت وقت avail ڪري سگهن ٿا بنا پگهار ڪاٽو ڪرڻ جي.... ۽ ها... اسين تہ هر سال جي آخر ۾ ساليانو انڪريمينٽ کڻون ٿا... اسان جو پگهار وڌي ٿو ڇا اسين نوڪرن کي هر سال انڪريمينٽ ڏيون ٿا؟"
جواب ۾ فقط گهري خاموشي هئي جيڪا هنن ڏانهن ڏسي طنز مان مرڪي رهي هئي.

******

## ڇتو ڪُتو

راشد شر

شاهد ميان جي شخصيت ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ هوندي ڇو ڳجهي هوندي ڀلا!!؟ هو جو سڄي مُلڪ جو نامور سينئر سياستدان ۽ بادشاھ آهي!! ملڪ جي بادشاھ ۽ نامور سياستدان کان ڀلا ڪو اڻواقف ٿي سگهي ٿو!!؟؟ اهو ممڪن ئي ناهي!! شاهد ميان کي هونئن تہ هر پاسي کان هر ماڻهو چڱي طرح سڃاڻي پر سندس شاهاڻي شوق کان ڪو ڪو واقف هوندو پر سندس شوق کان اڻواقف بہ اڄ واقف ٿي ويندا!! تہ ٻڌو شاهد ميان جو اهو شوق ڀلن گهوڙن ۽ ٻُلن ڪتن جو آهي سندس شوق ۾ ڀلن گهوڙن جو شوق پنهنجي جاءِ تي پر سندس بگا ٻُلا ڪُتا پنهنجو مَٽ پاڻ آهن. رنگ جا سفيد، بگا، اکيون شيريون جهڙيون جهنم جي باھ، قد جا پورا، ماس ۾ ڀريل طاقتور ڄڻ سڄي ملڪ جو ناڻو هنن جي خوراڪ هجي، سندن ڀونڪ ايتري تہ خطرناڪ جو جڏهن ڀونڪندا تہ سندن خوفناڪ ڀونڪڻ جو آواز جتي جتي ويندو آهي اتي تہ خوف ۾ دهشت پکڙجي ويندي آهي!!!
شاهد ميان جا اهي ٻُلا ڪُتا ملڪ توڙي پرڏيھ جي هر چوٽي جي وڏن وڏن ميلن ملاکڙن ۾ ڪروڙن جي شرطن تي ميدان ماري ايندا آهن، پر ان شوق جي خوشين ۾ شاهد سائين جن کي ڪجھ صدما بہ ڏسڻا پوندا آهن ۽ ڪيس جنهن ڳالھ جو ڏک ملندو آهي اهو ڏک اِهو هوندو آهي جو سائين جن جو ڀلو ڪتو سال وار يا ڇهين مهيني پاڻ ڇتو ٿي ڳِگ ڳاڙي مري ويندو آهي!! هن کي پنهنجي ڇتي ڪُتي سان بہ ايترو پيار هوندو آهي جو ڀلي ڪتو ڇتو بہ ٿيس پر مجال آ جو ان کي بندوق هڻي!! ڀلي پوءِ اهو ڪتو ڳوٺ جو مال، ٻڪريون ڪاٽي، هاري ماڻهن، عام شهرين کي ڏاڙهيندو رهي پر مجال جو ڪير سائين جن جي ڏاريل ڪتي ڏي ڪَرڙي اک کڻي بہ ڏسي!! يا مجال آ جو سائين جن پاڻ پنهنجي پرائي نقصان جي خوف کان پنهنجي هٿن سان پنهنجو شوق ماري، پر اجا بہ ڇتي ٿيل ڪُتي کي بچائڻ جون وڏيون وڏيون ڪوششون ڪندو، ڪُتي کي پڙهيل مانيون ڏئي وڏا حڪيم دوائون علاج ڪرائيندو پر ڇتو ڪُتو ڪو بچندو آهي ڇا!!؟؟ بس پوءِ ڇتو ڪُتو تہ ڦٿڪي ڦٿڪي پاڻ ئي مري ويندو آهي پر سائين جن ائينءَ غم جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويندا آهن ڄڻ ڪو گهر جو ڀاتي مري ويو هجيس جنهن جي ڪري ڏھ ڏھ ڏينهن تڏي تي ويٺو هجي. شاهد ميان صاحب جي پنهنجي شوق جي ڪُتن سان بي پناھ محبت جي کهڙي ڳالھ ڪجي جو هو پنهنجي شوق تي ڪُڪُ بہ ناهي سهندو پر تازو سائٽس هڪ عجيب واقعو پيش آيو، جو سندس ئي ڏاريل ڪُتن مان چونڊ ڪُتو ڇتو ٿي پيو جيڪو رات جي وقت ۾ سندس گهر ۾ گهڙي سڄي گهر کي ڏاڙهي ويو جنهن تي سائين جن شديد ڪاوڙ ۾ يڪدم بندوق کڻي ڪُتي تي ويهارو کن ڪارتوسن جو ڪپائي باقي ڏاريل ٻين ڪُتن کي پنهنجي بنگلي مان ائينءَ ڇئي تڙي ڪڍي ڇڏيو تہ:
هليا وڃو هتان!! اوهان سڀ ڇتا آهيو!! خبردار ٻيهر منهنجي گهر آيا آهيو تہ پنهنجو خير نہ سمجهجو!! باقي سڄو ملڪ پيو اٿوَ جنهن کي وڃيوَ پيا ڏاڙهيو!!.

## ڪتاب تي تبصرو

# خالي هنج جو ڏک

### زاهده ابڙو

هر ليکڪ پنهنجي اندر ۾ هڪ الڳ دنيا هجي ٿو. سندس رنگ، نظريا، سوچ ۽ فلسفو ڪيس ٻين کان ڌار ڪري بيهارين ٿا. شبنم گل سنڌي ادب جي آسمان تي چمڪندڙ هڪ اهڙو روشن ستارو آهي، جنهن جي چمڪ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو پيو وڃي. هوءَ مسلسل سنڌي ادب سان سلهاڙيل رهي آهي. سندس سنڌي ادب لاءِ ڪيل ڪم ته تمام گهڻو آهي پر هن وقت سندس نئون ڪهاڻين جو مجموعو "خالي هنج جو ڏک" مارڪيٽ ۾ آيل آهي، جنهن کي پوپٽ پبليڪيشن خيرپور سنڌ ڇاپيو آهي. هي مجموعو ايڪهين ڪهاڻين تي ٻڌل آهي ۽ هر ڪهاڻي جو پنهنجو الڳ رنگ آهي پر ان هر رنگ ۾ ليکڪا جي پنهنجي نفسيات ۽ مزاج جو رنگ به شامل نظر اچي ٿو. شبنم جو مزاج نرم ۽ حساس آهي هوءَ شين کي ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بجاءِ قومي ۽ سماجي پسمنظر ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ جي عادي آهي. سندس خمير ۾ مٽيءَ سان محبت ازل کان ڳوڙل آهي تنهنڪري مجموعي ۾ سندس هي پهرين ڪهاڻي "پنهنجي لڙڪن ۾ اجايل منڇر" ۾ هوءَ منڇر ۾ مهاڻن جي ڏکن جي تصوير ڏاڍي خوبصورت ۽ سادي نموني چٽي ٿي ته ڪئين مهاڻا صدين کان جتي آباد هئا اهي ماڳ ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا آهن. ماحولياتي گدلاڻ نه رڳو سندن حياتيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو آهي پر ڪين دربدر به ڪري رهي آهي. مهاڻن جي ڪميونٽيءَ لاءِ سنڌ حڪومت ڪڏهن به ڪي اصلاحي پروگرام ناهن ڏنا هن ڪهاڻيءَ ۾ ان ڪميونٽيءَ جي دردن کي شبنم پنهنجي خوبصورت انداز سان پينٽ ڪيو آهي.




"رنگين پر هوا ٻنان اڏورا آهن" شبنم هڪ خوبصورت دل رکندڙ ۽ ذهين ليکڪا آهي هوءَ فطرت جي گوناگين ڪان متاثر ٿي لڳي ۽ پنهنجي لکڻين ۾ فطرت ۽ ماحول کي ڪيترو سنجيدگيءَ سان ڏسي ٿي. جنهن ۾ هوءَ هڪ پوپٽ جي احساسن کي اهڙيءَ ريت بيان ڪري ٿي، لڳي ٿو ته سندس اندر ۾ به ڪي پوپٽ رهن ٿا ۽ اهي ساڻس ڪلام به ڪن ٿا جو هن هڪ پوپٽ کي نه رڳو ماحول جي خوبصورتيءَ سان ڳنڍيو آهي پر ان ۾ پوپٽيءَ جي احساسن کي هوبهو ائين بيان ڪيو آهي جڻ واقعي پوپٽي جا درد پريا احساس اهي ئي هجن ۽ ان سان گڏ انسان جي ماحول طرف غير سنجيده ۽ غير فطري حسن لاءِ چاهه کي به تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. ساڳئي وقت "ميڻ جهڙي دل جي اڪيلائي" به هڪ اهڙو موضوع آهي جيڪو اسان جي ارد گرد وڪريل آهي اسان اڄان ان ذهني عروج کي حاصل ناهي ڪيو جنهن ۾ فطرت جي حسن کي محسوس ڪيون جو وڻن ۽ پکين کي اها اهميت ڏيون جنهن سان اسان کي خوشي ملي سگهي. اهڙن حساس ماڻهن کي بيوقوف سمجهيو وڃي ٿو جيڪي فطرت سان پيار ڪن ٿا. اهڙا موضوع ڪٽي لکڻ وڏي ڪمال جي ڳالهه آهي جنهن کي شبنم خوب نڀايو آهي.

"درد جو چهرو" هڪ تمام خوبصورت ڪهاڻي جنهن ۾ سماج جي بي حسيءَ ۽ بيقدريءَ جو عڪس چٽيو اٿس ته ڪيئن نه ايمانداري ڌڪا ۽ ٿاٻا کائي اسان جي وچ ۾ بي وقعت ٿي وڃي ٿي هڪ اهڙي انسان جي درد جي ڪٿا جيڪو تمام گهڻو ايماندار ۽ پوءِ به انتهائي بي وقعت. ڏاڍي خوبصورت ڪهاڻي جنهن کي شبنم پنهنجي نرم لفظن ۽ حساس جذبن جي رنگن سان تمام گهڻو پراثر ڪري پيش ڪيو آهي.

"خالي هنج جو ڏک" هڪ اهڙي جذباتي ڪهاڻي آهي جنهن کي هڪ نهايت نئي منفرد انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جنهن جي ڪردارن کي شبنم پنهنجي قلم جي رنگن سان انتهائي چٽو ڪري بيهاريو آهي. صوفيہ جي درد کي پڙهندڙ پنهنجي اکين سان ڏسي ٿو ۽ پوءِ هوءَ پنهنجي لاءِ کهڙي شيءِ جو انتخاب ٿي ڪري جا سندس ممتا کي مطمئن ڪري سگهي اهو انتهائي خوبصورت موڙ آهي جنهن تي ليکڪا ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ٻڌي ڪهاڻي لکي آهي، جيڪا پڙهندڙن جي اميدن جي برعڪس پلاٽ تي لکيل هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. شبنم گل جي لکڻين کي اڳ ۾ ئي تمام گهڻو مان مليل آهي، اميد آهي ته هن ڪتاب کي به سٺي موٽ ملندي.

# پينٽنگ





Artist.

Muhammad Jam Deepar

محمد ڄام ڏيپر 1973ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر قمبر ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ننڍپڻ کان ڪيس مٽيءَ مان رانديڪا ٺاهڻ، ڊرائنگ ۽ پينٽنگ جو شوق هو. اسڪول ۾ سندس ڪم کي شاگرد توڙي استاد تمام گهڻو ساراهيندا هئا. پنجين درجي ۾ هن اسڪول ۾ سئو رپئي واري نوٽ جي پينٽنگ ٺاهي جنهن کي ڏسي سيئي استاد حيران ٿي ويا جيڪو هوبهو اصلي نوٽ ٿي لڳو. هاءِ اسڪول ۾ پنهنجي آرٽ جي ڪري تمام گهڻو مشهور رهيو اُتي هلي هو استاد امداد جي اسٽوڊيو "بل بورڊ پينٽر" ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي شوق جي تڪميل ڪرڻ لاءِ NCA ڪاليج لاهور ۾ باقاعدي آرٽ جي تعليم حاصل ڪئي. تعليم پوري ڪرڻ کانپوءِ هن ڪراچي ۾ اسڪلپچر جي نمائش ڪئي. 1999ع ۾ جناح اسپتال لاءِ هڪ تيرهن فوٽ اوچو لوهي مجسمو ٺاهيو جنهن جو نالو ماروي آهي. ستن سالن تائين دبئي ۾ ڪم ڪندو رهيو، 2007ع کان مهراڻ يونيورسٽي جي سينٽر آف ايڪسيلينس آرٽ ۽ ڊزائين (CEAD) ڄامشورو ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

## نظم

(رابندر ناٿ ٽئگور)

ترجمو: چمن آر. ٿري

هڪ دفعي ڪلندي چيم:
ساهه جهڙي او سکي
تنهنجي چوڙين جي ڇٽا ڇڻ
پنهنجي سس پُس جا سمورا
راز تي روڙي وجي
ٺهڪ تي ٺوڙي وجي
۽ وڏائي شاعراڻي
تي وجي شرمائجي
پوءِ اچانڪ هيئن ٿيو
هار ۽ سينگار هن جا
منهنجي گيتن جي مٿاران
تي ويا قربان سارا
هن ڇڏيا لاهي سيئي
گهه ڳنا ۽ ويس نيارا
او ڪلاونت گيت ڳائڪ
او سنگيتن جا ڏاٽي
هٿ ٻڌي تنهنجي اڳيان
وينتي آهي ڏٽي
منهنجي ساري زندگيءَ مان
نٽ ڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏ
سادگيءَ جا ويس سارا
منهنجي جيون تي ڍڪي ڇڏ
بانس جي ان بانسريءَ جئن
منهنجي جوبن ڪي اڏي ڇڏ
جنهن ۾ تون ٿو راڳ ڳائين
درد جو آلاپ ڳائين.

## غزل

غلام رسول "گل"

نيڻ ملائي ويندي آ
مست بڻائي ويندي آ
پر پنهنجي ۾ ويهاري
ياڪر پائي ويندي آ
سنڌ جي سهڻي نقشي تي
پرت پرائي ويندي آ
"گل" تي وينل پوپٽڙا
روز اڏائي ويندي آ.

## غزل

سميع بلوچ

اکين جي آب ۾ رهجي وئي،
محبت خواب ۾ رهجي وئي.
زندگي گناهن جي نظر ڪري،
۽ پاڻ ثواب ۾ رهجي وئي.
حياتي جوڙ ڪٽ، وند ضرب جي
پاڻ لئہ حساب ۾ رهجي وئي.
پنيوري تہ گل تان اڏامي وئي،
پر خوشبو گلاب ۾ رهجي وئي.
سنڌ لئہ صادق فقير جي پڪار،
ٿر جي باب ۾ رهجي وئي.

## نظم

تاريخ نہ توکي معاف ڪندي

احساس ميرل

انصاف ڪي ويو آ ڪير ٻڌي
فرعون نچي پيو چير ٻڌي
دپ داءُ هَلي چُڙواڳ پيو
تڏهن تہ اسان جي جيون جا
سپ خواب ٻهاري ويو آهي
وهشت جو ڪنڌ مٿي آهي
مظلوم مَري پيو روڊن تي
دهشت جو ڪنڌ مٿي آهي
تو واپاري ايمان وِڪيو
او جابر تو ڇا ڇا نہ وِڪيو
تو خوشيون شرنايون بہ وِڪيون
تو گيچ وِڪيا لائون بہ وڪيون
تو چپر وِڪيا چائون بہ وِڪيون
ميهار وِڪيئي نڙ بيت وِڪيئي
تو هولي، ڏياري، عيد وِڪي
تو لڙڪ ڏنا تو ٺهڪ وِڪيا
تو آس وِڪي اُميد وِڪي
تو گهرڙا دريون دَرَ وِڪيا
تو ڏاند وِڪيا تو هَرَ وِڪيا
تو ٻيلا، ڪامان، وَرَ وِڪيا
تون، چانگون، چيلا، ڦَرَ وڪيا
تو دريا، ٺديون، جرَ وِڪيا
تون آهين ضَمير جو واپاري
تون ڪانئرن جو ساٿاري
جنهن ڌرتيءَ جو تون کائين ٿو
ان جي ئي خمير جو واپاري
مان رکوالو هان ڌرتيءَ جو
مون ننگ سُڄاتو سرتيءَ جو
تون لڄ لڄائي خوش پيو ٿِين
تون سوداگر آن ڌرتيءَ جو
مان جيجل تان قربان وڃان
مون ننڊ فصل ڪي ارپي آ
تون قاتل منهنجي نيڻن جو
مون ڌرتيءَ جو سينو چيري
هو ٻج ڇَٽيو ۽ خواب ڇَٽيا
تون سپنن ڪي آ چُور ڪيو
ها خوشين آ ڏور ڪيو
۽ مارُن ڪي مَجبور ڪيو
مون ڪانو ڪانو ميڙيو آ
مون سرَ ڏِيَن تي ليپو ڪِيو
مون گهر ڪکن جو ناهيو پر
تو گهر ڪي خُوب اُجاڙيو آ
ها ڏاڍ جبر جي نيئر سان
منهنجي سپنن ڪي اڄ واڙيو آ
مون جيجل لاءِ ڏک ڏنا
تو جيجل جو آ نور ڪسيو
مون ڌرتيءَ ڪي سُک چين ڏنو
تون دُشمن آهين ڌرتيءَ جو
مان خواب اُٿڻ لئہ جاڳان ٿو
تو خوابن سان آ راند ڪئي
اڄ پوڙهي پنهنجي نياڻيءَ جو
آ بار ڪيو ڳڏ نيڻن ۾
تون سمجهين ٿو سڀ منهنجو آ
پر ڳالهہ ٻڌي ڇڏ ظالم تون
سو ڏينهن پري هاڻي ناهي
هي قدرت سَڀ انصاف ڪندي
تاريخ نہ توکي معاف ڪندي
تاريخ نہ توکي معاف ڪندي.

## غزل

سيما عباسي

ڇو عاجزي منهنجيءَ سان هو بي باڪ ٿي ويو؟
محتاط ٿيندي ٿيندي ڪو چالاڪ ٿي ويو
همٿ ۽ حوصلي سندو ڪو پرجهلو هيو
پنهنجي انا جي مات ۾ بس خاڪ ٿي ويو
جنهن جو شعور مونکي مليو نارسا رهيو
دشمن ڪي بيوسيءَ جو پو ادراڪ ٿي ويو
پوري عمر جي پيڙهہ پري جهول ۾ وڌئين
سوچيان ٿي ڪيئن ايترو سفاڪ ٿي ويو؟
مان پنهنجو معاملو جي رکيو هو خدا تي پوءِ
ڪيئن هن جو گريبان آلا چاڪ ٿي ويو؟
تنهن ڏک تي هيا دوست ۽ دشمن بہ ڪي رنا
هر چهرو سندم ظلم تي نمناڪ ٿي ويو
ڪنهن جهنگ ڪيئي جهاڳيا ۽ پير پٿون ڪيا
دشتِ سفر جي شوق ۾ رولاڪ ٿي ويو
فن ۽ فڪر ڪي رولي گيانن جي گهٽين ۾
فڪري محرڪن ۾ ائين تاڪ ٿي ويو
ظالم هو زهر مونکي يزيدن هٿان پيئاريو
پوءِ لهو لڪائي خوش پوشاڪ ٿي ويو

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

### پروفائل

# ڪامريڊ محمد خان احمداڻي

**زمان جمالي**

ڪامريڊ محمد خان احمداڻي هڪ ئي وقت سياسي اڳواڻ ۽ ترقي پسند اديب طور سڃاڻپ رکندڙ عملي توڙي سياسي ۽ ادبي ڪردار، جيڪو تمام سچو ۽ کرو هو، سندس جنم پهرين جنوري 1947ع بدين ضلعي جي ڳوٺ حاجي ميوو پرڳڙي ۾ ٿيو جيڪو ڳوٺ تعلقي ماتلي ۾ واقع آهي. علائقي جي مختلف ڳوٺن مان سنڌي ڇهه درجا پاس ڪري 1964ع ۾ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ گهران روانو ٿيو، پر ننڍي عمر هئڻ سبب فوج ۾ ڀرتي ٿي نه سگهيو ته پاڻ ان وقت جي هڪ نيڪ پوليس آفيسر ڊي ايس پي محمد ايوب هزاروي جي گهر ۾ رهڻ لڳو جتي کيس اولاد وانگر پيار ڏئي کيس اردو ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏياري وئي. پوءِ 1969ع ۾ جڏهن گهربل ڄمار تي پهچي پاڪ آرمي ۾ ڀرتي ٿيو ۽ 1971ع ۾ پنجاب جي ضلعي سيالڪوٽ وٽان انڊيا جي آرمي هٿان گرفتار ٿيو ۽ گرفتاريءَ دوران ڄمون ڪشمير جي جيل ۾ رکيو ويو جتي ڪامريڊ جي ملاقات مائوسٽ نيڪسلائيٽ جي ڪامريڊن سان ٿي جن جيل ۾ سندس ڀرپور ذهني تربيت ڪئي. ان زبردست ذهني ۽ نظرياتي تربيت سبب ڪامريڊ جي ذهن ۾ ترقي پسند لاڙن جنم ورتو، 1973ع ۾ جڏهن انڊيا مان آزادي ماڻيائين ته پاڪ فوج مان استعيفيٰ ڏيئي سياسي طور سرگرم ٿيڻ جو فيصلو ڪيائين ۽

ان ئي وقت عوامي تحريڪ جو حصو ٿي ويو جتي ڪافي سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ بعد ڪامريڊ 1975ع ۾ هڪ ڌار سياسي گروپ جو بنياد وڌائين ۽ جڏهن 1980ع تي سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي جو بنياد پيو ته ڪامريڊ ان پارٽيءَ جي بنيادي ميمبرن مان هو ۽ پارٽي جي پهرين ڪانگريس ۾ ئي کيس پارٽيءَ جو مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري چونڊيو ويو. سياست سان گڏوگڏ گذر سفر لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳو ۽ ان دوران مختلف ڪارخانن ۾ مزدوري ڪرڻ لڳو ۽ ٺٽو سيمينٽ فيڪٽريءَ ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪرڻ سان گڏوگڏ سياسي سفر به جاري رکيائين. ان سياسي جدوجهد دوران فلسطين ۾ اسرائيل پاران ٿيندڙ قتل عام خلاف احتجاج ۽ چاڪنگ ڪندي سنڌ ۾ پهريون ڀيرو 24 ڪلاڪن لاءِ گرفتار ٿيو بعد ۾ سندس ٻيهر سياسي گرفتاري 1983ع ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران تلهار مان ٿي. کيس گرفتار ڪري 29 آگسٽ تي ڊسٽرڪٽ جيل بدين موڪليو ويو جتي 3 آڪٽوبر 1983ع تي بدين جي مارشل لا ڪورٽ کيس 2 سال قيد ۽ 10 ڪوڙن جي سزا ٻڌائي ۽ کيس سينٽرل جيل ڪراچي موڪليو ويو ۽ ٽن مهينن ڪانپوءِ ڪراچي سينٽرل جيل مان حيدرآباد سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو، جتي 10 ڪوڙن جي ٻڌايل سزا تي عمل ڪري کيس 10 ڪوڙا هنيا ويا. ايم آر ڊي تحريڪ دوران جيل ۾ هجڻ سبب ٺٽي سيمينٽ فيڪٽريءَ مان کيس نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو. نوڪريءَ مان نڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽيءَ جو ڪل وقتي ڪارڪن ٿي رهيو ۽ وطن دوست مزدور فيڊريشن جو چيئرمين پڻ چونڊيو ويو. 1987ع ۾ رتي ديري ۾ مزدورن جي جلسي ۾ پوليس ۽ انتظاميه سان ٿيل جهيڙي جي نتيجي ۾ لاڙڪاڻي مان گرفتار ڪيو ويو، جنهن دوران هڪ مهينو کن جيل جي ياترا نصيب ٿيس. جيل مان آزادي بعد کيس ٺٽي سيمينٽ فيڪٽري ۾ ٻيهر بحال ڪيو ويو ۽ پوءِ 2001ع تي اتان رٽائر ٿيو. 1992ع ۾ وطن دوست انقلابي پارٽي جي ٽٽڻ ڪانپوءِ 5 مهينا ترقي پسند پارٽيءَ ۾ رهيو ۽ 1993ع ۾ ڪاڇي ڌر جي طبقاتي جدوجهد ۾ شامل ٿي ويو. 2007ع ۾ طبقاتي جدوجهد تان استعيفيٰ ڏنائين مگر مرڪزي قيادت جي اسرار تي استعيفيٰ واپس ورتائين. 2008ع تي هڪ ڀيرو ٻيهر طبقاتي جدوجهد جي مرڪزي قيادت سان اختلاف ٿيڻ سبب 16 پيجن تي اختلافي نوٽ لکي پنهنجي موقف کان آگاهه ڪيائين مگر مرڪزي قيادت کيس لکيل اختلافي نوٽ جو جواب نه ڏنو. بعد ۾ 2010 ۾ ٻيهر وطن دوست انقلابي کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر وسيلن جي کوٽ ۽ صحت بهتر نه هجڻ ۽ ڪجهه پراڻن دوستن پاران رڪاوٽون وجهڻ سبب سندس اهو خواب به ساڀيان ماڻي نه سگهيو جنهن سبب ڪجهه وقت غير سرگرم رهي پاڻ کي صرف مطالعي تائين ئي محدود رکيائين. هن وقت سوشلسٽ موومينٽ سنڌ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ان جي ئي پليٽ فارم تان پنهنجون سياسي سرگرميون جاري رکيو پيو اچي.



سياست سان گڏوگڏ ڪامريڊ محمد خان احمداڻي ادبي ميدان ۾ به وڏي سهڻي نموني سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي سائين محمد خان جا هن وقت تائين به ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن جن ۾ هڪ ڪتاب قومي ڦرلٽ ۽ مارڪسي نقطهءِ نظر جيڪو ويجهڙ ۾ ئي مارڪيٽ ۾ آيو هن ڪتاب ۾ ڪامريڊ وڏي بي باڪيءَ سان رياست ۽ ان جي ادارن پاران ۽ قومي استحصالي ڌرين جي ڦرلٽ کي پڙهندڙن آڏو وائيکو ڪيو آهي هن ڪتاب ۾ ادارن ۽ انهن شخصيتن جا نالا ۽ انگ اکر قوم آڏو رکيا آهن جيڪي قومي مجرم آهن.



## سنڌ جو ٽئلينٽ

# محمد بخش بلوچ

قمر ٽگڙ



سنڌ ۾ باصلاحيت نوجوانن جي ڪا ڪمي نہ آهي انهن کي جيڪڏهن موقعا ملن تہ هو پنهنجين صلاحيتن سان پنهنجو پاڻ کي مجرائي سگهن ٿا. محمد بخش بلوچ بہ انهن مان هڪ آهي جنهن هن سال CEAD مان بئچلر جي ڊگري مڪمل ڪري ورتي آهي. هن جو تعلق ڪوٽڙي شهر ضلعي ڄامشوري سان آهي. فائنل ايئر جي شاگردن پنهنجي ٿيسس ورڪ کي ڊسپلي ڪيو جنهن ۾ محمد بخش بلوچ جو ڪم گاربيج پلاسٽڪ ريسائڪلنگ تي ٽيل هو. جنهن کي ريسائيڪل ڪرڻ لاءِ هن مختلف طريقا استعمال ڪيا هئا پر ان ۾ هڪ شيءِ جيڪا تمام گهڻي توجهہ طلب هئي سا هئي پلاسٽڪ جي ٿيلهين مان ٺاهيل هڪ نئون تعميراتي مٽيريل جنهن کي هن G.P.R جو نالو ڏنو آهي. جنهن جو مطلب آهي Garbage Plastic Recycling محمد بخش جي چوڻ مطابق اهو مٽيريل تمام ننڍين فيڪٽرين ۾ تيار ٿي سگهي ٿو جنهن جي قيمت بہ تمام گهڻي نہ هوندي. هن مٽيريل جي خاصيت اها آهي تہ اهو گرميءَ جي شدت کي انتهائي درجي تائين برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. پاڻيءَ کي جذب نٿو ڪري. ان ڪانسواءِ هي تمام گهڻو مضبوط آهي. هن جي صلاحيت ڪنهن مضبوط پٿر جهڙي آهي. هن مان جڙيل ٽائلز سيلڪون، سيمنٽ ۽ گلو سان لڳائي سگهجن ٿا. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اهي عام ٽائلن کان وڏيڪ سستا نهي سگهن ٿا.

هن ٻڌايو تہ هڪ آرٽسٽ جي حيثت ۾ هو ان مٽيريل کي پنهنجي آرٽ جي لاءِ استعمال ڪندو آهي جنهن مان مختلف قسمن جا فن پاره جوڙيندو آهي. سندس چوڻ آهي تہ هن مٽيريل مان اسڪلپچر بہ جوڙيا آهن. سندس خيال آهي تہ اسان هڪ ترقي ڪندڙ ملڪ جي حيثيت ۾ ڪچري کي وري استعمال ڪري ان مان سستي اگهن تي مٽيريل ٺاهي ناڻو بہ ڪمائي سگهون ٿا نہ رڳو ايترو پر ماحولياتي گدلاڻ کي بہ گهٽ ڪري سگهون ٿا. ان مٽيريل کي ڪمرشل بنيادن تي پٽينٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي.





# سلام اس عظیم رہنما کی بصیرت کو
# جس سے ہوا ہمارے ہر سفر کا آغاز

بابائے قوم محمد علی جناح نے عزم و ہمت کے ایک بے مثال سفر کا آغاز کیا۔ ان کی عظیم بصیرت کے طفیل ہمیں آزادی جیسی نعمت حاصل ہوئی۔ ان کے اصول آج بھی ہم سب کے لئے مشعل راہ ہیں۔
پاکستان اسٹیٹ آئل (پی ایس او) آج اس عظیم ہستی کے یوم پیدائش کے موقع پر ان کو خراج عقیدت پیش کرتے ہوئے یہ عزم کرتی ہے کہ ایک خوشحال اور مستحکم پاکستان کے لئے اپنا بھرپور کردار ادا کرتی رہے گی۔

ہر سفر کا آغاز

Ta'aluq Care Line: 0800-03000 | UAN: 111-111-PSO(776)
Website: www.psopk.com | f/PSOCL

PID(K)2350 Interflow


دسمبر
27
2007
ہم بے نظیر بھٹو شہید کو دل کی گہرائیوں سے خراج عقیدت پیش کرتے ہیں اور ان کی برسی
کے موقع پر عہد کرتے ہیں کہ عوام و ملک کی خدمت کیلئے دن رات کوشاں رہیں گے۔
سلمان عبداللہ مراد
چیئرمین ڈسٹرکٹ کونسل کراچی
محمد رفیق داؤد جت
وائس چیئرمین ڈسٹرکٹ کونسل کراچی
DISTRICT COUNCIL
KARACHI
ضلع کونسل کراچی